ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 10 جون 2026ع 24 ذوالحج 1447هه صفحا 06 - ملهه 30 وييه شمارو (294)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پشاور ويجهو حملي ۾ 6 اهلڪار شهيد، بلوچستان ۾ دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام، فتنہ الهندستان جا 14 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي بسيمہ ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪندي ڀارتي حمايت يافتہ فتنہ الهندستان جي 14 دهشتگرد ڪي ماري ڇڏيو، علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن

ڀارتي پراڪسي فتنہ الهندستان جي دهشتگردن جو پوليس اسٽيشن ۽ ٿاڻن تي حملي جو منصوبو هو، دهشتگردن جي نيٽ ورڪ ختم ڪرڻ لاءِ ڪارروائي جاري ۽ تيز آپريشن ڪيو ويو؛ آءِ ايس پي آر

پشاور ويجهو فيڊرل ڪانسٽيبلري جي هڪ چوڪيءَ تي حملي بعد دهشتگرد اهلڪارن جا لاش ٻہ پاڻ سان گڏ کڻي ويا، آپريشن دوران دهشتگردن جي ڇڙ ڦر اڻائتي نموني روڪي وئي؛ اختياريون

آڪٽوبر 2025ع ۾ حسن خيل پوليس اسٽيشن تي حملو ٿيو هو جنهن ۾ دهشتگردن ۽ پوليس وچ ۾ شديد فائرنگ ٿي هئي ۽ ٻہ حملي دهشتگرد مارجي ويا هئا

پشاور/ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پشاور جي ويجهو فيڊرل ڪانسٽيبلري جي هڪ چوڪيءَ تي دهشتگردن جي حملي ۾ ڇهه اهلڪار شهيد، جڏهن تہ چار زخمي آهن خيبر پختونخوا جي سينيئر پوليس اختيارين حملي بابت ميڊيا ڳالهائيندي ڇهن اهلڪارن جي شهيد ٿيڻ جي تصديق ڪئي آهي. ٻئي پاسي سيڪيورٽي ذريعن جو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريئٽ ماحولياتي تبديلي واري وفاقي وزير مصدق ملڪ سان ملاقات ڪري رهي آهي

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي شنگهائي تعاون تنظيم جي سلور جوبلي جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽڻ واري تقريب ۾ شرڪت

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ملڪي معيشت ۾ سيالڪوٽ جي روانگي واپار جو 10 سيڪڙو حصو آهي؛ شزه فاطمہ خواجہ

اسلام آباد (اي پي پي) آءِ ٽي ۽ ٽيلي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسرائيل سان عدم جارحيت جو معاهدو چاهيون ٿا؛ لبناني صدر

جيڪڏهن توهان بہ تيار آهيو تہ اچو تہ ويهي ڳالهيون ڪيون؛ جوزف عون

بيروت (اي پي پي) لبنان جي صدر جوزف عون چيو آهي تہ هو جنگ جي خاتمي جو معاهدو طئي ٿيڻ کان اڳ اسرائيلي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران خريف جي پوکائي وقت دوران پاڻي جي شديد ۽ هڙادو کوٽ 91ع معاهدي جي ڀڃڪڙي قرار

تربيلا، منگلا ۽ چشمہ جي ذخيرن ۾ 4.019 ملين ايڪڙ فٽ کان وڌيڪ پاڻي موجود هجڻ باوجود ارسا سنڌ ڏانهن پاڻي جي وهڪري ۾ گهٽتائي ڪئي آهي؛ جام خان شورو

سنڌ جي 145,000 ڪيوسڪ جائز گهرج جي مقابلي ۾ چشمہ کان هيٺئين وهڪري ۾ رليز صرف 120,000 ڪيوسڪ تائين محدود ڪئي وئي آهي، جنهن سبب سنڌ کي 40 سيڪڙو کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

اپريل مهيني ۾ برسات سبب سنڌ جي بئراجن تي عارضي طور تي جيڪو اضافي پاڻي پهتو هو، ارسا ان کي سنڌ جي پاڻي واري ڪاتي ۾ شامل ڪري هلڻي خريف جي موسم ۾ صوبي تي مصنوعي کوٽ مڙهي آهي

هڪ طرف سنڌ جي بئراجن تي پاڻي جي شديد کوٽ آهي ٻئي طرف چشمہ-جهلم ۽ تونسہ-پنجند لنڪ ڪئنالن کي 16,500 ڪيوسڪ ۽ 10,816 ڪيوسڪ جي لڳ ڀڳ مڪمل گنجائش سان هلايو پيو وڃي

سنڌ جي بئراجن تي پاڻي جي مجموعي دستيابي مقرر ڪيل 106,340 ڪيوسڪ ڪوٽي جي مقابلي ۾ صرف 64,093 ڪيوسڪ آهي، جيڪا 40 سيڪڙو شديد کوٽ ظاهر ڪري ٿي

سکر بئراج جي رائيٽ بينڪ ڪئنال سسٽم ۾ پاڻي جي اهڙي صورتحال سکر، لاڙڪاڻو، دادو، شڪارپور، قمبر شهدادڪوٽ ۽ بلوچستان جي ڪمانڊ ايرياز ۾ لکين ايڪڙ زرعي زمين لاءِ سنگين خطرو بڻجي چڪي آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ حڪومت خريف جي پوکائي جي انتهائي اهم موسم دوران صوبي ۾ پاڻي جي شديد ۽ مصنوعي کوٽ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ان کي 1991ع جي واٽر اپيرپريٽيشن اڪارڊ (پاڻي واري معاهدي) جي کلي ڀڃڪڙي قرار ڏنو آهي. صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ سنڌ جي آبادگارن کي سنڌ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران بجلي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي نجڪاري جو عمل تيز ڪرڻ جي هدايت

نقصان ۾ هلندڙ سرڪاري ادارن جي نجڪاري حڪومت جي اولين ترجيح آهي؛ وزيراعظم شهباز شريف

ڪابينا جي نجڪاري ڪميٽي ٽن ڊسڪوز جي نجڪاري لاءِ ٽرانزيڪشن اسٽرڪچر جي منظوري ڏيئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بجلي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي نجڪاري جي عمل کي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي تہ نقصان ۾ هلندڙ سرڪاري ادارن جي نجڪاري حڪومت جي ترجيح آهي، سڄو عمل شفاف طريقي سان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪشمور پوليس جي مقابلي ۾ بدنام ڌاڙيل ملڪزار عرف ملهو مارجي ويو، گهوڙو وزير

مارجي ويل ڌوهاري 70 کان وڌيڪ سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو

گهوڙو وزير جو ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب، ايس ايس پي ڪشمور ۽ ٽيم کي شاباسي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهوڙو وزير ضياءُ الحسن لنجار ڪشمور پوليس جي وڏي ڪاميابي تي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب، ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو ۽ پوري پوليس ٽيم کي شاباس ڏيندي چيو آهي تہ بدنام ڌاڙيل ملڪزار عرف ملهو پلڪاڻي جي هلاڪت

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

بارهمولا ۾ ڀارتي فورسز هڪ ڪشميري نوجوان کي گرفتار ڪري ورتو

سرينگر (اي پي پي) غيرقانوني طور تي ڀارت جي قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ ڀارتي فورسز پنهنجي رياستي دهشتگردي جي هڪ ٻئي ڪارروائي دوران بارهمولا ۾

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪ-چين دوستي "آئرن برادرز" جي لازوال، آزمايل ۽ منفرد رشتي تي ٻڌل آهي؛ وزير اطلاعات

پاڪستان ۽ چين هڪ منفرد تعلق رکن ٿا جيڪو روايتي سفارتي رابطن کان گهڻو اڳتي آهي؛ عطاءُ الله تارڙ

پاڪستاني قوم لاءِ فخر جي ڳالهہ آهي تہ اسان لازوال رشتي جي 75 سال مڪمل ٿيڻ جو جشن ملهائي رهيا آهيون

پاڪستان ۽ چين نہ رڳو هڪ گڏيل سرحد رکن ٿا پر جبلن ۽ دريائن سميت مضبوط رشتي ۾ بہ ٻڌل آهن

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءالله تارڙ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ ٻطرفي تعاون کي فروغ ڏيڻ ۽ چين-پاڪستان اقتصادي لنگهہ (سي پيڪ) کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ملتان: ريسڪيو 1122 جو عملو چناب ندي ۾ مختلف مشقون ڪري رهيو آهي

ون ونڊو فيسليٽيشن ڊيسڪ جو مقصد ضروري دستاويز جاري ڪرڻ ۽ تجديد جون سهولتون هڪ ئي هنڌ تي ڏيڻ آهي؛ شرجيل

قدم جو بنيادي مقصد 30 جون تائين وڌ کان وڌ ڪمرشل ۽ مال بردار گاڏين کي سنڌ حڪومت جي ڊجيٽل ۽ آٽوميشن نظام ۾ شامل ڪرڻ آهي

عملي جي مقرري، آگاهي مهم، بينرن ۽ عوامي نوٽيسن سميت سڀ ضروري انتظام پڻ مڪمل ڪيا پيا وڃن

جديد ٽيڪنالاجي ذريعي عوام ۽ ٽرانسپورٽرن کي وڌيڪ مؤثر، شفاف ۽ آسان خدمتون فراهم ڪيون پيون وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت نيو سبزي منڊي ۾ ٽرانسپورٽرن جي سهولت لاءِ خصوصي ون ونڊو فيسليٽيشن ڊيسڪ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي پاران لاڳاپيل ادارن کي فوري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ان سلسلي ۾ ٽرانسپورٽ کاتي جي هڪ اهم

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جهيڙو، 7 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

زخمين جي سڃاڻپ شاهد، نديم، معاذ، باسط حسين طور ٿي

شرجيل، ثاقب حسين ۽ ڪامران پڻ زخمي ٿي اسپتال پهتا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بريگيڊ ٿاڻي جي حد ۾ لائنز ايريا جي ٿانوي مسجد پرسان ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي دوران تيز ڌار اوزارن جي وار سان 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا. بريگيڊ پوليس موجب واقعو ٻن گروپن جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

آمريڪا چيني ڪمپنين کي بنا جواز نشانو بڻائڻ بند ڪري؛ چين

بيجنگ (اي پي پي) چين، آمريڪا تي زور ڀريو آهي تہ هو چيني ڪمپنين خلاف بي بنياد دٻاءُ جو سلسلو بند ڪري. پرڏيهي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڊائريڪٽر جنرل نيب خيبر پختونخوا نويد حيدر زاهد عهدي جي چارج سنڀالي ورتي

پشاور (اي پي پي) ڊائريڪٽر جنرل نيب خيبر پختونخوا نويد حيدر زاهد پنهنجي عهدي جي چارج سنڀالي ورتي آهي. نيب خيبر پختونخوا پاران جاري پڌرائي موجب

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

غلام سرور سومرو جي ڪتاب "سرور جي سار لهڻائين" جي مهورتي تقريب

حميد سومرو پنهنجي والد جي شاعريءَ جو هڪ هڪ ڪاغذ سنڀالي رکيو؛ ذوالفقار شاهہ

سرور سومرو پيار ۽ محبت جي شاعري ڪئي جنهن جي هن وقت سخت ضرورت آهي

پوليس آفيسر هجڻ باوجود هو ڪومل دل رکندڙ هو ۽ پنهنجا درد شاعريءَ ۾ بيان ڪندڙ هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌي ٻوليءَ جي شاعر غلام سرور سومرو جي ڪتاب "سرور جي سار لهڻائين" جي مهورتي تقريب آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي لوڪ ورثو ڪميٽي پاران حسينہ معين هال ۾ منعقد

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

زرعي سڌارن جي حڪومتي ايجنڊا لاءِ سڄي ملڪ مان ماهرن تي ٻڌل ڪميٽي ٺاهڻ جي هدايت

وزيراعظم شهباز شريف سان زرعي شعبي جي وفد ملاقات ڪئي، مختلف ڪمپنين جا نمائندا بہ شامل

شرڪت ڪندڙن موجوده علائقائي صورتحال ۾ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ وزيراعظم جي قيادت ۾ امن ڪوششن کي ساراهيو

پاڪستان جي معيشت کي بحال ڪرڻ ۾ زرعي شعبو انقلابي تبديلي آڻڻ جي ڀرپور صلاحيت رکي ٿو؛ وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف معيشت جي بحالي ۾ زرعي شعبي جي اهميت کي اجاگر ڪندي زرعي سڌارن جي حڪومتي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ سڄي ملڪ مان ماهرن ۽

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پوليس ٽريننگ ڪاليج ۾ مبينا چوري جو نوٽيس، جاچ لاءِ اعليٰ سطحي ڪميٽي قائم

ڊي آءِ جي ٽريننگ فيض الله ڪوريجو واقعي جي شفاف جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ايس ايس پي عديل چانڊيو جي سربراهي ۾ ٽن رڪني انڪوائري ڪميٽي جوڙي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد ۾ زير تربيت اهلڪارن جي ذاتي سامان جي مبينا چوري بابت خبر جو نوٽيس وٺندي ڊي آءِ جي ٽريننگ فيض الله ڪوريجو واقعي جي جاچ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فلڪ ناز اسڪائي ويو ٽاورز جي شاندار سنگ بنياد جي تقريب منعقد

تقريب ۾ ڪاروباري شخصيتن، سيڙپڪارن، ميڊيا ۽ معزز مهمانن جي وڏي شرڪت

جديد طرز تعمير ۽ خانداني زندگيءَ کي نظر ۾ رکندي اسڪائي ويو ٽاورز جو ڊزائن تيار ڪيو ويو آهي؛ فالڪ ناز گروپ

ڪراچي (پ ر) فالڪ ناز گروپ اڄ ڪراچي ۾ پنهنجا نوان ۽ جديد ترقي پسند پروگرام فالڪ ناز اسڪائي ويو ٽاورز جي شاندار سنگت جي بنياد تي تقريب منعقد ڪئي هن تقريب ۾ ڪاروباري سوسائٽي، ميڊيا

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: فلڪناز سڪائيو ٽاور جي لانچنگ تقريب ۾ ورتل تصوير

ايران سان هڪ سٺو معاهدو 2 کان 3 ڏينهن اندر طئي ٿي سگهي ٿو؛ آمريڪي صدر

ڳالهين جو عمل رڪيو ناهي، وچ اوڀر ۾ امن معاهدي جي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهيون

ايران خلاف لاڳو پابندين ۽ ناڪا بندي مڪمل طور تي برقرار آهي، جنهن جي ڪري نہ تيل جي ترسيل ٿي رهي آهي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ ايران سان ڳالهين جو عمل رڪيو ناهي. واشنگٽن ۾ صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو تہ وچ اوڀر ۾ امن معاهدي جي آخري مرحلي ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڪنڀار پاڙي ۾ هڪ نوجوان چڪ تي ٿانو گهڙي رهيو آهي

اسرائيل پاران پنهنجي شهر ايلات جي فضائي حدن ۾ ڊرون ڪيرائڻ جي دعويٰ

تل ابيب (اي پي پي) اسرائيلي فوج يمن کان آيل هڪ ڊرون کي ڏکڻ اسرائيل ۾ ڪيرائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق اسرائيلي فوج سوشل ميڊيا

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ خشڪ جڏهن تہ ميداني علائقن ۾ شديد گرم رهڻ جو امڪان آهي. ڪشمير

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان گلوبل فنڊ جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

آزاد ڪشمير ۾ هن وقت صورتحال انتهائي نازڪ آهي؛ چوڌري ياسين

سمورين ڌرين کي وڌ کان وڌ صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي؛ پ پ اڳواڻ

اسلام آباد (اي پي پي) پ پ پ آزاد ڪشمير جي صدر چوڌري محمد ياسين چيو آهي تہ آزاد ڪشمير ۾ هن وقت صورتحال انتهائي نازڪ آهي سمورين ڌرين کي وڌ کان وڌ صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪرڻ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ فوجداري انصاف جي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ نئون سرڪيولر جاري

چالانن جي آزاد قانوني جاچ ۽ پراسيڪيوٽرز جي شروعاتي مرحلي کان شموليت لازمي قرار

عورتن، ٻارن ۽ تشدد جي متاثرن وارن ڪيسن کي ترجيحي بنيادن تي هلائڻ جون هدايتون

هدايتن تي عمل نہ ڪندڙ پراسيڪيوٽرز ۽ جاچ آفيسرن خلاف ڪاتيواري ڪارروائي جو انتباهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير قانون، گهرو ۽ پارلياماني معاملن سنڌ ضياءُ الحسن لنجار جي هدايتن تي پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ بئريسٽر جي شبير شاهہ فوجداري انصاف جي نظام کي وڌيڪ مؤثر

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ايس بي سي اي ۾ ڪا بہ نئين آسامي پيدا ناهي ڪئي وئي؛ ڊي جي

ٽائون بيسڊ نظام لاڳو ٿيڻ سان غيرقانوني اڏاوتن خلاف ڪارروائي وڌيڪ اثرائتي ٿيندي

ايس بي سي اي ۾ موجود عملو ۽ آفيسر اڳ ۾ ئي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) جي ڊائريڪٽر جنرل مزمل حسين هاليپوٽو واضح ڪيو آهي تہ ايس بي سي اي ۾ ڪا بہ نئين آسامي يا سيٽون پيدا ناهن ڪيون

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سکر: شديد گرمي سبب شهر جا رستا ويران نظر اچي رهيا آهن

گلگت جي عوام نفرت ۽ الزام تراشي جي سياست کي رد ڪيو؛ ڪرم الله وقاصي

ڪاميابي عوامي خدمت، ترقياتي سياست تي عوام جي اعتماد جو چٽو ثبوت آهي

اهو پ پ جي عوام دوست ويزن، فلاحي پاليسين ۽ ترقياتي سوچ جي توثيق پڻ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي جي ترجمان ۽ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارلياماني اڳواڻ ڪرم الله وقاصي گلگت بلتستان جي چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي شاندار

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو ۾ ايندڙ سال لاءِ درسي ڪتابن جي تياري شروع

سڄي سنڌ جي سرڪاري اسڪولن لاءِ مفت درسي ڪتابن جي ضرورتن جو جائزو ورتو ويو

شفافيت ۽ نگراني جي نظام کي مضبوط بڻائڻ بابت سفارشون پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو ايندڙ تعليمي سال 2027-28 لاءِ درسي ڪتابن جي تياري، ڇپائي ۽ مفت فراهمي جي عمل کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ شاگردن جي داخلا بابت ڊيٽا کي جديد ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سکر: ڊپٽي ڪمشنر آفيس ويجهو سرڪاري آفيسن آڏو گٽرن جو پاڻي بيٺل آهي

سرجاني ٽائون ۾ نوجوان عورت مڙس جي تشدد سبب فوت

فوت ٿيل نوجوان عورت جي سڃاڻپ مصباح ڌيءُ محمد رمضان طور ٿي

مقتولا پنهنجي گهر وارن جي مرضي کان سواءِ شهريار سان شادي ڪئي هئي

شهريار نہ رڳو مصباح تي جسماني تشدد ڪندو هو پر ڌمڪيون ڏيندو رهندو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون جي علائقي سيف المري ڳوٺ ۾ 18 ورهين جي نوجوان عورت مبينا طور مڙس جي تشدد

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي يونيورسٽي ۾ استادن، آفيسرن ۽ ملازمن جي احتجاج بابت اجلاس

استادن، آفيسرن ۽ ملازمن جي احتجاج ۽ مختلف معاملن تي صلاح مشورا ڪيا ويا

ايڪس گريشيا ۽ هائوس رينٽل سيلنگ بابت سمري وڏي وزير ڏانهن موڪلي ويندي

گڏيل مشوري کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽي ۾ جاري هڙتال ختم ڪئي ويندي؛ ملازم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي يونيورسٽي ۾ استادن، آفيسرن ۽ ملازمن جي احتجاج ۽ ڪين درپيش مسئلن جي حل لاءِ سنڌ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي مصطفيٰ قريشي پاران فلم اسٽار آصف خان جي مان ۾ آجياڻو

پنجاب حڪومت پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي ماڻهن کي فلمن ڏانهن لاءِ ٻڌايا ڏنا آهن؛ آصف خان

لاهور فلم انڊسٽري ۾ 55 سال گذارڻ باوجود تسليم نہ ڪرڻ تي آصف خان جي افسوس جو اظهار

ڪراچي (ڪلچرل رپورٽر) فلم اسٽار

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: بم ڊسپوزل اسڪواڊ مختلف علائقن جي چڪاس ڪري رهيو آهي

پاڻ خلاف دهشتگردي جي ڪارروائين تي هٿ هٿ تي رکي نہ ويهنداسين؛ پاڪستان

پاڪستان خلاف دهشتگرد حملن ۾ تيزي سان اضافو ٿئي پيو، ڪيترن ئي حملن جي افغانستان ۾ منصوبابندي ڪئي وئي

ضرورت پوڻ تي دفاع ۾ ڪنهن بہ حملي جو جواب ڏينداسين؛ پاڪستاني نمائندي جو سلامتي ڪائونسل ۾ خطاب

اسان جي خودمختياري، علائقائي سلامتي ۽ قومي سلامتي کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندڙ تہ پاڪستان ان خلاف پنهنجو دفاع ڪندو

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل کي ٻڌايو آهي تہ تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) ۽ ٻيا دهشتگرد گروهہ افغان سر زمين تان ڇوٽ ملڻ تي ڪارروائيون رکيو پيا

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان لبناني هٿياربند فوج جي ڪمانڊران چيف جي ملاقات

پاڪ فوج ۽ لبنان جي فورسز وچ ۾ دفاعي تعاون ۽ ٻطرفي لاڳاپن کي وڌائڻ تي اتفاق

آرمي چيف ۽ چيف آف ڊيفنس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير لبناني هٿياربند فوج سان دفاعي سهڪار کي وڌائڻ لاءِ پاڪ فوج جي عزم تي زور ڏنو

روڊولف هيڪل پاڪستان جي هٿياربند فوج جي پيشه ورانہ ۽ آپريشنل مهارت کي ساراهيو ۽ امن لاءِ پاڪستان جي ڪردار کي ساراهيو

راولپنڊي (اي پي پي) آرمي چيف ۽ چيف آف ڊيفنس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير لبناني هٿياربند فوج سان دفاعي سهڪار کي وڌائڻ لاءِ پاڪ فوج جي عزم تي زور ڏنو آهي. آءِ ايس پي آر مان جاري بيان مطابق آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان لبناني هٿياربند فوج جي ڪمانڊر ان چيف جنرل

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

افغانستان: طوفاني برساتن ۽ ٻوڏ سبب 301 ڄڻا فوت، 385 زخمي

30 هزار 300 ايڪٽر کان وڌيڪ زرعي زمين تي بيٺل فصل تباهہ ٿي ويو

ڪابل (اي پي پي) افغانستان ۾ گذريل 10

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي هڪ ناسور آهي، جنهن کي پاڙان پٽي ختم ڪيو ويندو؛ مراد علي شاهہ

سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون ساراهہ جوڳيون آهن جيڪي ملڪ جي سلامتي ۽ عوام جي تحفظ لاءِ فرض سرانجام ڏئي رهيون آهن

ملڪ ۾ امن امان جي بحالي ۽ ترقي لاءِ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو انتهائي ضروري آهي، شهيدن جون قربانيون قوم جو قيمتي سرمايو آهن

وڏي وزير سنڌ سان تعلق رکندڙ شهيد لانس حوالدار محمد عباس جي بلند درجن ۽ مغفرت لاءِ پڻ دعا ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيد مراد علي شاهہ بلوچستان جي علائقي نال ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي دوران 14 دهشتگردن جي مارجي وڃڻ تي سيڪيورٽي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سينيٽ جي بجيٽ سيشن جي حوالي سان گڏجاڻي ۾ شريڪ سينيٽرن سان گڏ بيٺل آهي

سون جي في تولو قيمت ۾ 2830 رپين جي واڌ، في تولو سون 4 لک 55 هزار 63 رپين جو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچيج ۾ زبردست تيزي، 100 انڊيڪس ۾ 200 کان وڌيڪ پوائنٽس جو اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) ڪاروباري هفتي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ پاران جي بي ۾ 15 سيٽون کٽڻ جي جي دعويٰ، حڪومت سازي بابت بئريسٽر گوهر جو وڏو اعلان

پي ٽي آءِ کي گلگت بلتستان ۾ 15 سيٽن تي ڪاميابي ملي آهي، 13 سيٽون ڪنهن ٻئي کي ڏنيون وڃن تہ اسان اهو قبول نہ ڪنداسين

عوام جنهن کي مينڊيٽ ڏنو آهي حڪمراني جو حق ان وٽ ئي هجڻ گهرجي، سنڌس چوڻ هو تہ پيپلز پارٽي ۽ نون ليگ خلاف اسان جو موقف واضح آهي

گلگت ۾ هاڻ تائين آيل 17 سيٽن جي نتيجن ۾ اسان 8 سيٽن تي کٽي چڪا آهيون ۽ ڪُل 24 سيٽن تي اسان جي سرسي واضح آهي

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي چيئرمين بيرسٽر گوهر علي خان دعويٰ ڪئي آهي تہ پي ٽي آءِ کي گلگت بلتستان ۾ 15 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ٿي آهي ۽ واضح ڪيو تہ جيڪڏهن اسان جي 13 سيٽون ڪنهن ٻئي کي ڏنيون وينون تہ اسان اهو قبول نہ ڪنداسين پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر راولپنڊي ۾ ميڊيا سان

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي صلاحڪار قاسم نويد قمر وڏي وزير جي شڪايتي مرڪز ۾ ماڻهن جون شڪايتون ٻڌي رهيو آهي

ڪراچي ۾ جيولر جي دڪان مان ڦر ڪندڙ مک جوابدار گرفتار

جهنگ مان گهربل ڌاڙيل مهتاب جي زال عائشہ کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي

واردات جو ماسٽر مائينڊ طارق هو جنهن مهتاب کي ڪراچي گهرايو

جوابدارن هڪ موٽرسائيڪل بہ چوري ڪئي ۽ دڪان جا تالا ڪاٽي اندر داخل ٿيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سائوٽ زون پوليس صدر جي زيب النساءِ اسٽريٽ تي واقع هڪ جيولر جي دڪان تي ٿيل لڳ ڀڳ 10 ڪروڙ رپين جي ڦر واري واردات جو معمو حل ڪندي واردات جي ماسٽر مائينڊ طارق کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن تہ جهنگ مان گهربل مبينا ڌاڙيل مهتاب جي زال

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ٽريفڪ پوليس پاران ڪراچي فيس ليس اي ٽڪيٽنگ نظام تحت 40 هزار گاڏين بليڪ لسٽ قرار

گاڏين جي مالڪن کي پنهنجي گاڏين جا ڪاغذ پنهنجي نالي منتقل ڪرائڻ ۽ سرڪاري واجبات ادا ڪرڻ لاءِ پهرين جولاءِ تائين مهلت

فيس ليس اي ٽڪيٽنگ نظام تحت ڇهن قسمن جي گاڏين جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي؛ ڊي ايس پي ٽريفڪس ماهر خان

فهرست سنڌ پوليس جي ويب پورٽل تي جاري ڪئي وئي آهي، شهري رجسٽريشن نمبر ۽ قومي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر داخل ڪري معلوم ڪري سگهن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽريفڪ پوليس ڪراچي فيس ليس اي ٽڪيٽنگ نظام تحت 40 هزار گاڏين کي بليڪ لسٽ قرار ڏئي ڇڏيو آهي جڏهن تہ انهن گاڏين جي مالڪن کي پهرين جولاءِ تائين مهلت ڏني

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سکن جي مقدس ماڳ دربار صاحب تي حملي جي 42هين ورسي، لنڊن ۾ سکن جي ڀارت خلاف فريڊم ريلي

لنڊن (اي پي پي) سکن جي مقدس ماڳ دربار صاحب تي ڀارت جي حملي جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

پنجاب جو پري بجيٽ اجلاس، آءِ سي ايم اي پاڪستان جون اهم تجويزون

نائب صدر محمد ياسين پنجاب جي پري بجيٽ مشاورتي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

زرعي سبسڊي جي ڊجيٽل نظام ۽ صنعتي زونز جي قيام جي سفارش

لاهور (پ ر) محمد ياسين ايف سي ايم اي، نائب صدر ۽ چيئرمين ريسرچ اينڊ پبليڪيشن ڪميٽي، انسٽيٽيوٽ آف ڪاسٽ اينڊ مئنيجمينٽ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان (آءِ سي ايم اي پاڪستان)، ملي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

شاهينہ شير علي ڄامشورو مهر ۾ پيش آيل تيزاب گردي جي واقعي جو نوٽيس ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير عورتن جي ترقي شاهينہ شير علي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪي اليڪٽرڪ جي اعلانيل ۽ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد جمع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) معاذ محبوب کي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

لاهور: آءِ سي ايم اي پاڪستان جو نائب صدر محمد ياسين پنجاب جي پري بجيٽ مشاورتي اجلاس ۾ شريڪ آهي

ڪراچي ۾ پوليس ڪارروائين ۾ 6 زخمي جوابدار گرفتار

حقاني چوڪ ريلوي گرائونڊ پرسان مقابلي دوران هڪ ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار

بنارسي مارڪيٽ ۾ مقابلي ڪانپوءِ هڪ مبينا ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو

مرزا آدم خان روڊ تي مقابلي ڪانپوءِ اورنگزيب کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس جي ڪارروائين ۽ مبينا مقابلن دوران 6 مبينا ڌاڙيلن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن تہ سندن قبضي مان هٿيار، موبائل فون، روڪ رقم ۽

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: مزدور ٽرالي مان مڪئي جو فصل لاهي رهيا آهن

ڪراچي جي مختلف علائقن مان عورت سميت ٻن ڄڻن جا لاش هٿ

نيازي محلي جي ويجهو گهر مان 20 سالن جي حنا زال سليم جو تشدد ٿيل لاش مليو

عورت جا وارث ابتدائي طور تي مڙس جي تشدد سان موت جو سبب ٻڌائي رهيا آهن؛ پوليس

اورنگي ٽائون نمبر 10 عرشي مسجد جي ويجهو گهر مان ڦاهو کاڌل حمزا ولد ظهور الدين جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن مان عورت سميت ٻن ڄڻن جا لاش هٿ. لياري جي علائقي نيازي محلي جي ويجهو گهر مان تشدد ٿيل 20 سالن جي عورت حنا زال سليم جو لاش مليو آهي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 لبناني صدر

وزيراعظم نيتن ياهو سان ملاقات نه ڪندو ۽ اسان عدم جارحيت يا سلامتي جو معاهدو چاهيون ٿا چو ته ان ڪانسواءِ ڪو معاهدو جامع امن معاهدو نه هوندو پرڏيهي ميڊيا مطابق هن سي اين اين کي انٽرويو ۾ اسرائيلي حڪومت ۽ عوام کي اپيل ڪندي چيو ته تڪرار جو فوجي حل توهان کي ۽ اتر جي شهرين کي تحفظ ۽ امن فراهم نه ڪندو جوزف عون چيو ته اسان تيار آهيون ۽ پر عزم آهيون ۽ جيڪڏهن توهان به تيار آهيو ته اچو ته ويهي ڳالهيون ڪيون جيڪڏهن توهان جي امن سان رهڻ جي خواهش ناهي ته اسان امن امان سان نه رهي سگهنداسين. لبنان ۽ اسرائيل ڳالهين جو دور 14 اپريل تي آمريڪي پرڏيهي وزارت ۾ شروع ٿيو هو.

بقايا 2 پڇڪڙي قرار

جائز حصي جي پاڻي کان محروم رکڻ سراسر ناانصافي آهي وزير آبپاشي جام خان شورو تفصيل ٻڌائيندي چيو ته تربيلا منگلا ۽ چشمه جي ذخيرن ۾ 4.019 ملين ايڪڙ فٽ کان وڌيڪ پاڻي موجود هجڻ باوجود ارسا سنڌ ڏانهن پاڻي جي وهڪري ۾ گهٽتائي ڪئي آهي هن چيو ته ابتدائي خريف سيزن 2026 دوران ارسا مئي مهيني ۾ ۽ هيل تائين سنڌ طرفان طلب ڪيل پاڻي جي فراهمي کي پورو نه ڪيو آهي هن ٻڌايو ته 6 جون کان 10 جون 2026 تائين سنڌ جي 145,000 ڪيوسڪ جائز گهرج جي مقابلي ۾ چشمه کان هيٺين وهڪري ۾ رليز صرف 120,000 ڪيوسڪ تائين محدود ڪئي وئي آهي، جنهن سبب جون جي پهرين ڏهاڪي دوران سنڌ کي مجموعي طور 40 سيڪڙو وڏي ڪوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هن واضح ڪيو ته اپريل مهيني ۾ غيرمعمولي برساتن سبب سنڌ جي بئراجن تي عارضي طور تي جيڪو اضافي پاڻي پهتو هو

بقايا 3 هدايت

مڪمل ڪيو وڃي هو اڱاري ڏينهن هتي پنهنجي صدارت ۾ بجلي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين (ڊسڪوز) جي نجڪاري جي حوالي سان جائزه اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزيراعظم نذير احمد تارڙ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، ناڻي ۽ ٽيڪسز واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، پاور ڊويزن واري وفاقي وزير سردار اويس لغاري، وزيراعظم جي نجڪاري بابت صلاحڪار محمد علي ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا 4 گرفتار

هڪ ڪشميري نوجوان کي گرفتار ڪري ورتو. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ڀارتي فوج جي 52 راشٽريه رائفلز جي اهلڪارن ضلعي جي علائقي چاندسوما، ڪنس پوره ۾ تلاشي جي ڪارروائي دوران نوجوان کي گرفتار ڪيو

بقايا 5 گهرو وزير

ڪشمور پوليس جي هڪ اهم ڪاميابي آهي هن چيو ته ڪشمور پوليس انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ذريعي ڌاڙيل عنصرن خلاف انتهائي اثرائتي ڪارروائي ڪئي آهي ايس ايس پي ڪشمور جي بريفنگ موجب ملهو پلڪاڻي معصوم بار مزمل گل حسن پنهور ۽ شهيد پوليس اهلڪار محمود لاشاري سميت 70 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل هو.

بقايا 6 وزير اطلاعات

جي حڪومت جي عزم کي ورجائيندي چيو آهي ته پاڪچين دوستي "آئرن برادرز" جي لازوال آزمايل ۽ منفرد رشتي تي ٻڌل آهي جيڪا هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيندي رهي آهي وزيراعظم شهباز شريف جي چين جي تازي دوري ڪاميابي پاڪچين دوستي نئين بلندين تائين پهچي چڪي آهي. پاڪستان ۽ چين هڪ منفرد تعلق رکن ٿا جيڪو روايتي سفارتي رابطن کان گهڻو اڳتي آهي هو اڱاري ڏينهن هتي هڪ مقامي هوٽل ۾ "شنهوا نيوز ايجنسي" پاران سي پيڪ جي تعميرس پاڪچين دوستي جي 75 سالن ۽ گلوبل گورننس انيشيئيٽو جي حوالي سان منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو

بقايا 7 شرجيل ميمڻ

اجلاس ۾ ٽرانسپورٽرن کي هڪ ئي هنڌ تي سمورين ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ فيسليٽيشن ڊيسڪ جي قيام جي منظوري ڏني وئي. سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته نيو سبزي منڊي ۾ قائم ڪيل هن ون ونڊو فيسليٽيشن ڊيسڪ جو مقصد ڪراچي ايندڙ مال بردار ۽ ڪمرشل گاڏين کي روٽ پرمٽ فٽنس سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا ضروري دستاويز جاري ڪرڻ ۽ تجديد جون سهولتون هڪ ئي هنڌ تي ڏيڻ آهي. هن چيو ته هن قدم جو بنيادي مقصد 30 جون 2026ع تائين وڌ کان وڌ ڪمرشل ۽ مال بردار گاڏين کي سنڌ حڪومت جي ڊجيٽل ۽ آٽوميشن نظام ۾ شامل ڪرڻ آهي ته جيئن قانوني گهرجن جي پورائي ٽرانسپورٽرن کي وقت سر سهولتن جي فراهمي ۽ مالي سال 2025-26ع لاءِ مقرر ڪيل هدفن جي حاصلات کي يقيني بڻائي سگهجي، شرجيل انعام ميمڻ ٻڌايو ته فيسليٽيشن ڊيسڪ کي ايندڙ هڪ هفتي دوران مڪمل طور تي فعال بڻايو پيو وڃي جڏهن ته عملي جي مقرري،

بقايا 8 چين

ميڊيا مطابق اها ڳالهه چيني پرڏيهي وزارت جي ترجمان لين جيان اڱاري ڏينهن معمول جي پريس بريفنگ دوران آمريڪا طرفان ڪجهه چيني ٽيڪنالاجي ڪمپنين کي فوجي ادارن سان لاڳاپيل ڪاروباري ادارن جي فهرست ۾ شامل ڪرڻ جي حوالي سان پڇيل سوال جي جواب ۾ چئي هن آمريڪا تي زور ڀريو ته هو پنهنجي غلطين کي درست ڪري ۽ چيني ڪمپنين کي بنا جواز نشانو بڻائڻ بند ڪري

بقايا 9 سنڀالي ورتي

چيئرمين نيب عوامي مفادن ۾ نويد حيدر زاهد (بي ايس-21) کي ڊائريڪٽر جنرل نيب خيبر پختونخوا مقرر ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. نويد حيدر زاهد ان کان اڳ هيڊ ڪوارٽر اسلام آباد ۾ مقرر هو

بقايا 10 منتقل

وچ ۾ تڪرار ۽ جهيڙي جي نتيجي ۾ پيش آيو زخمين کي فوري طور طبي امداد لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو اسپتال ۾ زخمين جي سڃاڻپ 40 ورهين جي شاهد، 50 ورهين جي نديم 25 ورهين جي معاذ 30 ورهين جي باسط حسين 25 ورهين جي شرجيل 30 ورهين جي ثاقب حسين ۽ 20 ورهين جي ڪامران طور ڪئي وئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته زخمين جا بيان قلمبند ڪيا پيا وڃن جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جو عمل جاري آهي پوليس موجب واقعي جي سمورن پهلوئن کان جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 11 مهورتي تقريب

ڪئي وئي ان موقعي تي خطاب ڪندي ثقافت ۽ سياحت کاتي جي صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته حميد سومري پنهنجي والد سرور سومرو جي شاعريءَ جو هڪ هڪ ڪاغذ سنڀالي رکيو ۽ ڪتابي شڪل ۾ آندو آهي، جيڪو هن وڏو ڪم ڪيو آهي سرور سومرو پيار ۽ محبت جي شاعري ڪئي جنهن جي هن وقت سخت ضرورت آهي سرور سومرو کي سندس ڳوٺ باڊهه ۾ ٽربيوٽ کاتي پاران پيش ڪيو ويندو شاعر مسرور پيرزادو چيو ته سرور سومرو جي شاعري ان وقت جي مشهور راڳين ڪلام ڳايا سرور سومرو ان دور ۾ شاعري ڪئي جنهن وقت ۾ عشق ڪرڻ تي سختي هوندي هئي

بقايا 12 هدايت

لاڳاپيل ڌرين تي ٻڌل ڪميٽي ٺاهڻ جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان زرعي شعبي جي ڌرين جي وفد اڱاري ڏينهن ملاقات ڪئي وفد ۾ آبادگار تنظيمن، ڊيري ۽ لائيو اسٽاڪ، ويليو ايڊيڊ سيڪٽر، ٻج ٺاهيندڙ ڪمپنين ۽ قومي ۽ ملٽي نيشنل ادارن جا نمائندا شامل هئا. مالي سال 27 — 2026ع جي وفاقي بجيٽ کان اڳ ان ملاقات جو مقصد بجيٽ جي حوالي سان زرعي شعبي جي ڌرين سان مشاورت هئي بيان موجب شرڪت ڪندڙن موجوده علائقائي صورتحال ۾ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ وزيراعظم جي قيادت ۾ امن ڪوششن کي ساراهيو

بقايا 13 ڪميٽي قائم

لاءِ اعليٰ سطحي انڪوائري ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي ڊي آءِ جي ٽريننگ فيض الله ڪوريجو موجب واقعي جي شفاف ۽ جامع جاچ لاءِ ٽن رڪني ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي جيڪا واقعي جي سمورن پهلوئن جو جائزو وٺندي ڪميٽي ۾ ايس ايس پي عديل حسين چانڊيو کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 14 تقريب منعقد

نمائندن سرمائيڪارن خاندانن ۽ وڏين جي وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي تقريب جو بنيادي مقصد فالڪ ناز اسڪائي ويو ٽاورز جي تعميراتي ڪم جي شروعات جو اعلان ڪرڻ هن موقعي تي اميدوار مستقبل جي ترقي جديد ڊيزائن ۽ گهربل منصوبن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏيڻ هو تقريب کي وڌيڪ يادگار ٺاهڻ لاءِ دعوتن ۾ هڪ خوبصورت ميوزڪ پروگرام پڻ پيش ڪيو ويو جنهن ۾ محفل کي وڌيڪ جوش ۽ دلڪش ٺاهيو ويو ترقيءَ جي ڪاميابيءَ جي رٿابندي، جڳهه ۽ جديد معالي پلان کي سرتاج ڪندي فالڪ ناز گروپ جي خدمتن جي تعريف ڪئي وئي. فالڪ ناز اسڪائي ويو ٽاورز کي جديد طرز تعمير عام رواجي ۽ خانداني طرز جي زندگي کي مدنظر رکندي ڊزائن ڪيو ويو آهي جي ڪراچي جي منصوبي جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو ان موقعي تي فالڪ ناز گروپ جي نمائندن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته ڪمپني هميشه معياري تعميرات، شفافيت ۽ صارفين جي اعتماد کي ترجيح ڏني ٿي ۽ اسڪائي ويو ٽاورز جي عزم ۽ ڪوشش جو سلسلو جاري آهي

بقايا 15 دعويٰ

پليٽ فارم ايڪس تي جاري بيان ۾ چيو ته اهو واقعو اڱاري ڏينهن صبح احمر سمنڊ جي ساموندي ڪناري تي واقع شهر ايلات جي فضائي حدن ۾ پيش آيو ۾ فوج اهو ناهي ٻڌايو ته ڊرون حملي جي پويان ڪهڙو گروپ ٿي سگهي ٿو

بقايا 16 امڪان

۽ پرياسي جي جابلو علائقن ۾ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي موسميات کاتي تنبيهه جاري ڪئي آهي ته 9 کان 12 جون دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ گرمي پد ۾ اضافي جو امڪان آهي ملڪ جي مٿانهين وارن علائقن ۾ ٻنهيرن ۾ گرمي پد معمول کان 4 کان 6 ڊگري سينٽي گريڊ، جڏهن ته هيٺانهين وارن علائقن ۾ گرمي پد معمول کان 5 کان 7 ڊگري سينٽي گريڊ وڌيڪ رهڻ جو امڪان آهي. موجوده صورتحال ۾ اتر بلوچستان ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن ۾ موسمي گهٽ دٻاءُ (سيزنل لو) موجود آهي. جڏهن ته مٿانهين فضا ۾ هاءِ پريشر سسٽم(هوا جو وڌيڪ دٻاءُ) موجود آهي

بقايا 17 آمريڪي صدر

داخل ٿي چڪا آهيون. هڪ تمام سٺو معاهدو 2 کان 3 ڏينهن اندر طئي ٿي سگهي ٿو ٽرمپ وڌيڪ چيو ته ايران خلاف لاڳو پابنديون ۽ ناڪا بندي مڪمل طور تي برقرار آهي، جنهن جي ڪري نه تيل جي ترسيل ٿي رهي آهي ۽ نه ئي ايران کي ڪا آمدني حاصل ٿي رهي آهي

بقايا 18 اجياڻو

مصطفيٰ قريشي پاران فلم اسٽار آصف خان جي مان ۾ اجياڻو پاڪستان ۾ اردو پشتو ۽ پنجابي ٻولين جي سوين فلمن ۾ پنهنجي شاندار اداڪاري جا جوهر ڏيکاريندڙ مشهور فلم اسٽار آصف خان چيو آهي ته مريم نواز کي پختون فنڪارن کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي پنجاب حڪومت پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي ماڻهن کي فلمون ٺاهڻ لاءِ وڏي پئماني تي پئسا ڏنا آهن پر پختون فنڪارن ۽ صلاحيتن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي فلمون ٺاهڻ لاءِ ڪو به پئسو نه ڏنو ويو آهي جيڪو تمام گهڻو افسوسناڪ آهي

بقايا 19 اجلاس

هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي آفيس ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس جي صدارت يونيورسٽيون ۽ بورڊز واري صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ چيئرمين سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن پروفيسر ڊاڪٽر سيد طارق رفيع ڪئي اجلاس ۾ سيڪريٽري يونيورسٽيون محمد عباس بلوچ، اکوٽو وائيس چانسلر ڊاڪٽر سروش حشمت لوڌي سيڪريٽري سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن ڊاڪٽر نعمان احسن، ڪراچي يونيورسٽي ٽيچرز سوسائٽي جي صدر سيد غفران عالم ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر زاهد حسين بلوچ ۽ ڪراچي يونيورسٽي آفيسرز ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر فيصل هاشمي سميت ٻين نمائندن شرڪت ڪئي ڪراچي يونيورسٽي ۾ استادن آفيسرن ۽ ملازمن جي احتجاج ۽ مختلف معاملن تي صلاح مشورا ڪيا ويا. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته يونيورسٽيز ۽ بورڊز کاتي، حڪومت سنڌ طرفان ڪراچي يونيورسٽي جي ملازمن لاءِ ايڪس گريشيا ۽ هائوس رينٽل سيلنگ بابت هاڪاري سفارشن تي ٻڌل سمري فوري طور تي سنڌ جي وڏي وزير ڏانهن موڪلي ويندي

بقايا 20 فوت

سبب فوت ٿي وئي پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته مختلف پاسن کان شاهدين ۽ ثبوت گڏ ڪيا پيا وڃن پوليس موجب فوت ٿيل نوجوان عورت جي سڃاڻپ مصباح ڌيءَ محمد رمضان طور ٿي آهي سندس لاش گهر مان هٿ اچڻ بعد قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪئي وئي وارثن موجب مصباح لڳ ڀڳ چار مهينا اڳ پنهنجي گهر وارن جي مرضي کان سواءِ ملير واسي شهريار نالي نوجوان سان شادي ڪري گهر ڇڏي وئي هئي مصباح جي ماءُ ۽ ڀاءُ عثمان ٻڌايو ته شادي کان ڪجهه عرصي پوءِ شهريار مبينا طور تي مٿس تشدد شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ مختلف مطالبا ڪندو رهندو هو

بقايا 21 تياري شروع

مربوط انداز ۾ ترتيب ڏيڻ جي تيارين جي شروعات ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي هيڊ آفيس ڄامشورو ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي صدارت چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ پرويز احمد بلوچ ڪئي. اجلاس جو مقصد سڄي سنڌ جي سرڪاري اسڪولن لاءِ مفت درسي ڪتابن جي ضرورتن جو جائزو وٺڻ شاگردن جي صحيح ۽ تصديق ٿيل داخلا انگن اکرن کي حتمي شڪل ڏيڻ ۽ تعليمي سال 2027-28 لاءِ ڪتابن جي بروقت خريداري، ڇپائي ۽ ورڇ کي يقيني بڻائڻ هو ان موقعي تي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي سيڪريٽري عاشق حسين ڪوسو داخلا ۽ درسي ڪتابن جي طلب گڏ ڪرڻ واري طريقيڪار بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن ٻڌايو ته شاگردن جي داخلا واري ڊيٽا تعلق تعليم آفيسرن (مرد ۽ عورت) پاران آن لائن نظام تحت ڪلاس وار ميڊيم وار جنس وار ۽ مذهب وار جمع ڪرائي ويندي

بقايا 22 ڪرم الله وقاصي

ڪاميابي تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، پارٽي قيادت، ڪارڪنن ۽ عوام کي دل جي گهراين سان واڌايون پيش ڪندي چيو آهي ته هي ڪاميابي عوامي خدمت، ترقياتي سياست ۽ جمهوري قدرن تي عوام جي غير متزلزل اعتماد جو چٽو ثبوت آهي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ڪرم الله وقاصي چيو ته گلگت بلتستان جي باشعور ۽ سياسي شعور رکندڙ عوام نفرت، الزام تراشي ۽ احتجاجي سياست کي رد ڪندي خدمت، ترقي ۽ عوامي نمائندگي واري سوچ تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي هن چيو ته اها ڪاميابي رڳو گلگت بلتستان تائين محدود ناهي پر سڄي ملڪ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي عوام دوست ويزن فلاحي پاليسين ۽ ترقياتي سوچ جي توثيق پڻ آهي. هن چيو ته جيئن گلگت بلتستان جي عوام ترقي جي سفر تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي تيئن ڪراچي ۾ به پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت شهرين جي مسئلن جي مستقل ۽ پائيدار حل لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي

بقايا 23 ڊي جي

ريون. هن چيو ته جاري ڪيل نوٽيفڪيشن جو مقصد رڳو موجوده عملدارن ۽ عملي کي ٽائون بيسڊ نظام تحت منظم ڪرڻ آهي ڊي جي ايس بي سي اي موجب ٽائون بيسڊ نظام لاڳو ٿيڻ سان غيرقانوني اڏاوتن خلاف ڪارروائي وڌيڪ اثرائتي ٿيندي هن چيو ته ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ بلڊنگ ڪنٽرول لاءِ ٽائون سطح تي نگراني انتهائي ضروري آهي جيئن هر علائقي ۾ وقت سر قدم کنيا وڃن مزمل حسين هاليپوٽو وڌيڪ چيو ته ايس بي سي اي ۾ موجود عملو ۽ آفيسر اڳ ۾ ئي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن ۽ ڪنهن به نئين پوسٽ پيدا ناهي ڪئي وئي ٽائون بيسڊ نظام سان بلڊنگ پلانن جي منظوري، تعميراتي نگراني ۽ عوامي شڪايتن جي ازالي جو عمل وڌيڪ بهتر ٿيندو

بقايا 24 سرڪيولر جاري

شفاف ۽ جوابده بڻائڻ لاءِ هڪ جامع سرڪيولر جاري ڪيو آهي جنهن جو مقصد چالان جي جاچ پڙتال آزاد قانوني راءِ مؤثر پراسيڪيوشن ۽ انصاف جي بروقت فراهمي کي يقيني بڻائڻ آهي سرڪيولر ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته پراسيڪيوشن کاتي جي نگراني ۽ ڪنٽرول صرف ٽرائل تائين محدود نه هوندو پر مقدمن جي شروعاتي جاچ واري مرحلي کان وٺي ٽرائل جي پڄاڻي تائين جاري رهندي سيني پراسيڪيوٽرز کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو هر چالان ۽ جاچ رپورٽ جو آزاد ۽ غيرجانبدار قانوني جائزو وٺن ثبوتن جي بنياد تي پنهنجي راءِ لکيت ۾ رڪارڊ ڪن ۽ بنا قانوني جاچ جي ڪنهن به ڪيس کي عدالت ۾ پيش نه ڪن سرڪيولر ۾ ان اهم اصول تي زور ڏنو ويو آهي ته پراسيڪيوٽر ان وقت تائين ڪاميابي سان سزا نٿا ڏيارائي سگهن جيستائين کين جاچ جي پهرين ڏينهن کان ئي شامل نه ڪيو وڃي ۽ هو چالان ۾ شامل ٿيندڙ ثبوتن، قانوني نڪتن ۽ جاچ جي عمل جي پنهنجي نگراني ۽ رهنمائي فراهم نه ڪن ان مقصد لاءِ سيني جاچ ڪندڙ ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته ايف آءِ آر داخل ٿيڻ کان فوراً پوءِ لاڳاپيل پراسيڪيوٽرن سان رابطو ڪن ۽ جاچ دوران مسلسل صلاح مشورا جاري رکن سرڪيولر موجب پراسيڪيوشن ۽ جاچ ڪندڙ ادارا فوجداري انصاف جي نظام جا ٻه اهم ستون آهن جن جو گڏيل مقصد اهو يقيني بڻائڻ آهي ته ڪو به بيگناهه شخص غلط طور تي سزا جو شڪار نه ٿئي ۽ ڪو به ڏوهاري قانون جي گرفت کان بچي نه سگهي سرڪيولر ۾ عورتن، ٻارن، بزرگ شهرين، معذور ماڻهن، جنسي تشدد، گهريلو تشدد ۽ صنفي بنيادن تي تشدد جي معاملن سان لاڳاپيل ڪيسن کي ترجيحي بنيادن تي هلائڻ متاثرن ۽ شاهدن جي تحفظ، عزت نفس ۽ قانوني حقن کي هر صورت ۾ يقيني بڻائڻ جون به هدايتون جاري ڪيون ويون آهن سرڪيولر ۾ سختي سان خبردار ڪيو ويو آهي ته جاري ڪيل هدايتن تي عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ رڳو لاڳاپيل پراسيڪيوٽرن پر جاچ ڪندڙ ادارن جي ذميوار آفيسرن خلاف پڻ ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي ان سلسلي ۾ سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس ايڪٽ جي سيڪشن 9 (2)A تحت پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ کي ڪاتيواري ڪارروائي شروع ڪرڻ يا لاڳاپيل اختيارين کي سفارش ڪرڻ جا اختيار حاصل آهن صوبائي وزير قانون داخله ۽ پارلياماني معاملن سنڌ ضياءُ الحسن لنجار هن قدم کي صوبي ۾ قانون جي بالادستي، مؤثر انصاف ۽ ادارتي سڌارن ڏانهن هڪ اهم اڳڀرائي قرار ڏيندي چيو ته سنڌ حڪومت شفاف، غيرجانبدار ۽ عوام دوست انصاف جي نظام جي قيام لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ بئريسٽر غلام شبير شاهه چيو ته سرڪيولر تي صوبي ڀر ۾ سختي سان عملدرآمد کي يقيني بڻايو ويندو ته جيئن پراسيڪيوشن جو نظام وڌيڪ مضبوط، خودمختيار، مؤثر ۽ عوام جي اعتماد تي پورو لهندڙ هجي.

بقايا 25 چوڌري ياسين

گهرجي اڱاري ڏينهن "ايڪس" تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته اڳتي وڌڻ جو واحد رستو ڳالهيون آهن. 12 سيٽون يقيني طور تي ڪنهن جانبي نقصان کان وڌيڪ اهم نه آهن هن چيو ته انهن سيٽن تي مناسب نمائندگي هڪ قابل عمل آپشن آهي پر ان جو حصو ڳالهين سان ئي ممڪن آهي.

بقايا 26 مارجي ويا

چوڻ آهي ته چوڪيءَ تي مقرر اهلڪارن حملي تي فوري جوابي ڪارروائي ڪئي جنهن ۾ چئن دهشتگرد جي مارجڻ جا اطلاع آهن پر فرار ٿيل دهشتگرد لاش پاڻ سان گڏ کڻي ويا آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب، دهشتگردن ايف سي جي ڇهه اهلڪارن کي به پاڻ سان گڏ کڻي ويا آهن هوائڻ علائقي ۾ آپريشن جاري آهي. هوائڻ ڪالعدم تنظيم تحريڪ طالبان پاڪستان جي نالي سان هڪ پوسٽ ۾ سامهون آئي آهي جنهن ۾ هن حملي جي ذميواري قبول ڪئي آهي هي واقعو پشاور جي ويجهو حسن خيل واري علائقي ۾ رات هڪ کان ٻه وڳي جي وچ ۾ پيش آيو هو ياد رهي ته حسن خيل ۾ ماضيءَ ۾ به دهشتگردن جي موجودگيءَ تي سيڪيورٽي فورسز ڪارروائيون ڪيون آهن. آڪٽوبر 2025ع ۾ حسن خيل پوليس اسٽيشن تي حملو ٿيو هو جنهن ۾ دهشتگردن ۽ پوليس وچ ۾ شديد فائرنگ ٿي هئي ۽ ٻه حملي دهشتگرد مارجي ويا هئا. ان ڪانسواءِ مئي 2024ع ۾ حسن خيل ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران پنج دهشتگرد مارجي ويا هئا، جڏهن ته هڪ ڪيپٽن ۽ هڪ حوالدار شهيد ٿيا هئا. اپريل 2026ع ۾ به حسن خيل ويجهو سيڪيورٽي فورسز آپريشن ڪيو هو جنهن ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو ويو هو. ٻئي طرف سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي بسيم ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪندي ڀارتي حمايت يافته فتنه الهندستان جي 14 دهشتگرد کي جهنم پهڙو ڪري ڇڏيو. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب آپريشن بسيم جي علائقي نال ايريا ۾ دهشتگردن جي موجودگيءَ جي اطلاع تي ڪيو ويو آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته ڀارتي پراڪسي فتنه الهندستان جي دهشتگردن جو پوليس اسٽيشن ۽ بئنڪن تي حملي جو منصوبو هو آءِ ايس پي آر موجب، دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن ناڪام بڻائڻ لاءِ ترت تيز آپريشن ڪيو ويو آپريشن دوران دهشتگردن جي چُرپُر اثرائتي نموني روڪي وئي

بقايا 27 شرڪت

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار شنگهائي تعاون تنظيم جي سلور جوبلي (25هين سالگرهه) جي موقعي تي پرڏيهي وزارت ۾ منعقد ڪيڪ ڪاٽڻ واري تقريب ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي پاڪستان ۾ مقرر شنگهائي تعاون تنظيم جي ميمبر ملڪن جا سفير پڻ موجود هئا اڱاري ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير گهڻ رخي تعاون جي لاءِ پاڪستان جي مضبوط عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ته شنگهائي تعاون تنظيم يوريشيا ۾ امن، سلامتي، اقتصادي رابطن ۽ گڏيل خوشحالي جي فروغ جي لاءِ هڪ اهم ۽ موثر پليٽ فارم جي طور تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي هن ان اهم سنگ ميل تي شنگهائي تعاون تنظيم جي سمورن ميمبر ملڪن ۽ اداري کي دلي مبارڪباد ڏني ۽ ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته تنظيم مستقبل ۾ به علائقائي تعاون، ترقي ۽ خوشحالي جي فروغ ۾ پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪندي رهندي

بقايا 28 شزه فاطمه

ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو آهي ته ملڪي معيشت ۾ سيالڪوٽ جي روانگي واپار جو 10 سيڪڙو حصو آهي نيشنل انڪيوبيشن سينٽر کي صنعتن کي درپيش چئلينجز کي نظر ۾ رکندي پنهنجون خدمتون پيش ڪرڻ کپنديون. اهڙو اظهار هن اڱاري ڏينهن موبي لنڪ ۽ نيشنل انڪيوبيشن سينٽر سيالڪوٽ وچ ۾ مفاهمت جي ياداشت تي صحيح واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير ان منصوبي جي ترقيءَ جي لحاظ سان هڪ شاندار آپشن قرار ڏنو هن چيو ته نيشنل انڪيوبيشن سينٽر ملڪ ۾ آءِ ٽي جي ترقي جي هڪ وڏراڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي انڪيوبيشن سينٽر سينٽر حيدرآباد هڪ ارب 20 ڪروڙ رپين جي آمدني حاصل ڪئي آهي هن چيو ته سيالڪوٽ جي صنعت انتهائي فعال ۽ متحرڪ آهي، پاڪستان جي مجموعي روانگي واپار جي سيالڪوٽ جو حصو 10 سيڪڙو آهي جيڪو ملڪي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو شزه فاطمه خواجه چيو ته هن وقت هي اهم معاملو آهي ته مصنوعي ذهانت جي دور ۾ عالمي آٽو انڊسٽري سان ڪلهي ملائي طرح مسابقت رکي رهي حڪومت ڪاروباري ادارن ۽ آءِ ٽي سميت جديد ٽيڪنالاجي جي فراهمي ۽ لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪري رهي آهي. نيشنل انڪيوبيشن سينٽر کي صنعتن کي درپيش چئلينجز کي نظر ۾ رکندي پنهنجون خدمتون پيش ڪرڻ کپنديون

بقايا 29 پاڪستان

اڄ هن خبردار ڪيو ته ضرورت پوڻ تي پاڪستان پنهنجي دفاع ۾ ڪنهن به حملي جو جواب ڏيندو. گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي عاصم افتخار احمد سلامتي ڪائونسل ۾ افغانستان جي بگڙجندڙ صورتحال تي بحث دوران چيو ته پاڪ خلاف دهشتگردي جي ڪارروائين تي اسان هٿ هٿ تي رکي نه ويهنداسين. هن چيو ته پاڪستان خلاف دهشتگرد حملن ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي. جن سان ڪيترن ئي حملن جي افغانستان مان منصوبابندي ڪئي وئي هئي ۽ اهي حملا پرڏيهي هٿياربند فوج جي پٺڀان رهجي ويل هٿيارن جي سان ڪيا ويا آهن پاڪستاني نمائندي چيو ته اها ڳالهه افسوس جوڳي آهي ته طالبان دهشتگرد گروهن کي محفوظ پناهه گاهون فراهم ڪندڙ پنهنجي پراڪسي حرڪتن تي واپس اچي ويا آهن ۽ هنن معاملن کي خراب ڪرڻ وارن ۽ افراتفري کي هوا ڏيڻ واري هڪ ٻئي ملڪ جي حمايت سان اهڙين سرگرمين ۾ ملوث هجڻ جي خطرناڪ رستي جي چونڊ ڪئي هئي جيڪو پاڪستان خلاف پراڪسي جنگ ڪرڻ لاءِ هڪ موقعي پرست طور تيزي سان اڳيان وڌيو آهي پاڪستاني نمائندي چيو ته پاڪستان ان صورتحال باوجود ڳالهين لاءِ تيار آهي پر جيڪڏهن ڪو به اسان جي خودمختياري، علائقائي سلامتي ۽ قومي سلامتي کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو ته پاڪستان ان جي خلاف پنهنجو دفاع ڪندو هن چيو ته طالبان جي تڪرار جي دوستاڻي حل جو مشورو ڏيڻ لاءِ ڪيترين ئي سفارتي ڪوششن ڪيون ويون جنهن لاءِ پاڪستان قطر ترڪيي سعودي عرب ۽ تاجڪستان ۽ چين جو شڪريو ادا ڪري ٿو ان باوجود طالبان جي مسلسل هٺ ڌرمي ايتري تائين ته ٽي ٽي پي ۽ بلوچستان لبريشن آرمي جهڙن دهشتگرد گروهن جي سرعام مذمت ۽ مذمت ڪرڻ کان انڪار به انتهائي پريشان ڪندڙ آهي هي انهن گروهن لاءِ سندن ملي ڀڳت ۽ فعال حمايت جا ڪافي ثبوت آهن هن چيو ته پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پنهنجو دفاع ۾ ضرورت پوڻ تي ۽ هميشه عالمي قانون ۽ عالمي انساني قانون موجب جواب ڏيندو پاڪستاني نمائندي چيو ته نه ته سيڪريٽري جنرل جي رپورٽ ۾ افغانستان اندر نئين ۽ هلڪن هٿيارن جي موجودگي جي باري ۾ ڄاڻ فراهم ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي افغانستان جي غيرقانوني معيشت تي مناسب روشني وڌي وئي آهي، جنهن ۾ مني لانڊرنگ ۽ دهشتگردي جي مالي مدد جي نيٽ ورڪس جي پيچيده چار هنڌي ۽ حوالہ نيٽ ورڪس شامل آهن ان بدران رپورٽ ۾ پرڏيهي حرڪتن کي آڙ بڻائي الزام لڳائڻ جو سهارو ورتو ويو آهي رپورٽ ۾ طالبان جي پاليسين جي ڪو به نوٽيس ناهي ورتو ويو جن افغانستان کي تباهي جي ڪناري پهچائي ڇڏيو آهي اسان ان حقيقت کي نظر انداز نٿا ڪري چاهيون ته هي طالبان جي لاپرواهه حڪمراني ۽ انتهاپسندي، ڏاڍ ۽ بنياد پرستي جا ناقص نظريا آهن جن جي ڪري اڄ افغانستان کي اهي آفتون درپيش آهن هن اهو به واضح ڪيو ته پاڪ افغان سرحد جي بندش سان انساني امداد جي چرپر متاثر ناهي ٿي جڏهن ته پاڪستان انساني همدردي تحت افغانستان موڪليل سامان ۽ مواد جي گذرڻ جي پروسيسنگ ۽ سهولت فراهم ڪري رهيو آهي افغانستان جي طالبان حڪومت سرحد کي پنهنجي طرفان بند ڪري رکيو آهي افغانستان ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين کي سندن بنيادي انساني حقن ۽ وقار کان محروم رکيو پيو وڃي هن نشاندهي ڪئي ته افغان عوام انهن غير انساني پابندين، ڏاڍ ۽ خودغرض روين هٿان پرغمال بڻيل آهي چئن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان پاڪستان ناڪافي عالمي حمايت باوجود لکين افغان مهاجرن جي آجيان ڪئي غيرقانوني افغانين جي وڏن ڪيسن کي منهن ڏئي جن ۾ بنا دستاويزن جي افغان رهواسي به شامل آهن جيڪي اسان جي سلامتي لاءِ سنگين خطرو آهن پاڪستاني نمائندي گڏيل قومن جي سربراهه تي زور ڀريو ته هو افغانين جي ٻين ملڪن ۾ آبادڪاري جي معاملن جو شفاف انداز ۾ خاڪو پيش ڪري پاڪستان پنهنجي قومي سلامتي کي درپيش خطرا برداشت نه ڪندو هن چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان جاگرافيائي گهرن رشتن صديون پراڻي تهذيبي رابطن ۽ عقيدي، ثقافت ۽ نسل جي پائيدار رشتن سان ٻڌل آهن هن چيو ته طالبان کان پاڪستان جو مطالبو سادو ۽ واضح آهي ڪيو دهشتگردن خلاف قابل تصديق ۽ ناقابل واپسي ڪارروائي آهي اسان اميد ڪيون ٿا ته طالبان ان ڳالهه کي سنجيدگي سان سمجهن ۽ افغانستان ۾ ڏکهي عرصي کان امن ترقي ۽ سڀ کان وڌي ڪري سمورن افغانين جي بهترين مفاد ۾ عالمي برادري سان تعاون ڪندا ان کان اڳ افغانستان لاءِ نائب خصوصي نمائندي ۽ يو اين ڊي پي جي آفيسر انچارج جارجٽ گيگن چيو ته 2023ع کان هن وقت تائين اٽڪل 5.9 ملين افغان شهري وطن واپس اچي چڪا آهن افغانستان ۾ اڌ کان وڌيڪ آبادي جي عمر 25 سال کان گهٽ آهي ۽ نوجوانن لاءِ محدود روزگار جا امڪان گهريلو آمدني ۾ گهٽتائي ۽ ماحولياتي مسئلا ملڪي معيشت کي نقصان پهچائي رهيا آهن هڪ اندازي موجب 7 کان 18 سال جي عمر جون 3.8 ملين ٽينگرين اسڪول ناهن وينديون اهڙي طرح نوجوان نسل هنر ۽ صلاحيت کان سواءِ اڀري رهيو آهي جنهن سان افغانستان جي اقتصادي ترقي کي نقصان پهچي رهيو آهي هن چيو ته سرحد جي مسلسل بندش ۽ سيڪيورٽي جي واقعن سبب افغانستان ۽ پاڪستان وچ ۾ لاڳاپا ڇڪتاڻ وارا آهن جڏهن ته دوحه ڳالهين ۾ شرڪت ڪندڙن کي لازمي طور ڳالهين جاري رکڻ گهرجن

بقايا 30 اتفاق

روڊولف هيڪل جنرل هيڊڪوارٽرز (جي ايڇ ڪيو) جو دورو ڪيو. جي ايڇ ڪيو پهچڻ تي معزز مهمان کي ٽنهي هٿياربند فوجن جي چست دستي گارڊز آف آنر پيش ڪيو ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن گڏيل دلچسپي جي معاملن علائقائي سلامتي جي صورتحال دفاعي سهڪار ۽ ٻه طرفي فوجي لاڳاپن کي وڌائڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ڳالهين ۾ ٻنهي ملڪن جي هٿياربند فوج وچ ۾ پيشيوراڻي رابطن تربيتي تعاون ۽ اداراجاتي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان لبنان سان پنهنجي پراڻن ۽ خوشگوار لاڳاپن کي اهميت ڏئي ٿو ۽ لبناني هٿياربند فوج سان دفاعي سهڪار کي وڌائڻ لاءِ پاڪ فوج جي عزم جو ورجاءُ ڪيو جنرل روڊولف هيڪل پاڪستان جي هٿياربند فوج جي پيشيوراڻي ۽ آپريشنل مهارت جي ساراهه ڪئي ۽ علائقائي امن استحڪام ۽ عالمي امن جي ڪوشش ۾ سندس ڪردار جو اعتراف ڪيو ۽ دورو ٻنهي هٿياربند فوجن وچ ۾ ويجهي سهڪار کي هٿي ڏيڻ جي گڏيل عزم جي عڪاسي آهي

بقايا 31 زخمي

هفتن دوران طوفاني برساتن ۽ ٻوڏ سميت مختلف قدرتي آفتن سبب 301 ڄڻا فوت ۽ 385 زخمي ٿيا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق افغانستان جي قومي آفت کي منهن ڏيڻ واري اداري جي ترجمان حافظ محمد يوسف ٻڌايو ته ان آفت، سڄي ملڪ ۾ انفراسٽرڪچر ۽ روزگار جي ذريعن کي شديد نقصان پهچايو آهي هن ٻڌايو ته اٽڪل 2 هزار گهر مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا آهن جڏهن ته 7 هزار 187 گهرن کي جزوي نقصان پهتو آهي ساڳئي طرح اٽڪل 580 ڪلوميٽر روڊ لوڙهي ويا آهن. جڏهن ته 30 هزار 300 ايڪڙ کان وڌيڪ زرعي زمين تي بيٺل فصل تباهه ٿي ويو آهي يا پاڻي ۾ ٻڏي ويو آهي ترجمان مطابق مجموعي طور تي 18 هزار 812 خاندان ان قدرتي آفت سان متاثر ٿيا آهن

بقايا 32 مراد علي شاهه

فورسز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي وڏي وزير سنڌ چيو ته دهشتگردي هڪ ناسور آهي. جنهن کي پاڙان پٽي ختم ڪيو ويندو هن چيو ته ملڪ ۾ امن امان جي بحالي ۽ ترقي لاءِ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو انتهائي ضروري آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته سيڪيورٽي فورسز جون بهادرانيون ڪارروايون ساراهه جوڳيون آهن جيڪي ملڪ جي سلامتي ۽ عوام جي تحفظ لاءِ ڏينهن رات فرض سرانجام ڏئي رهيون آهن هن وڌيڪ چيو ته وطن عزيز جي دفاع ۽ امن لاءِ سيڪيورٽي فورسز بيشمار قربانيون ڏنيون آهن جن کي قوم هميشه عزت ۽ احترام سان ياد رکندي وڏي وزير سنڌ سان تعلق رکندڙ شهيد لانس حوالدار محمد عباس جي بلند درجن ۽ مغفرت لاءِ پڻ دعا ڪئي ۽ چيو ته شهيدن جون قربانيون قوم جو قيمتي سرمايو آهن جيڪي ڪڏهن به وساري نٿيون سگهجن

بقايا 33 سون واڌ

سون جي قيمت 2830 رپين جي واڌ سان في تولو سون 4 لک 55 هزار 63 رپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اڱاري ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 2 هزار 830 رپين جي واڌ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 55 هزار 63 رپين جو ٿي ويو آهي 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 2 هزار 547 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 3 لک 86 هزار 907 رپين سان وڌي 3 لک 89 هزار 534 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 54 هزار 919 رپين سان وڌي 3 لک 57 هزار 225 رپيا ٿي وئي آل سنڌ صراف جيولرز ايسوسيئيشن رپورٽ ڪئي ته في تولو چانديءَ جي قيمت 141 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 7314 ۽ 10 گرام چانديءَ جي قيمت 129 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 6245 رپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 4298 ڊالرز مان وڌي 4326 ڊالرز ٿي وئي

بقايا 34 اضافو

جي ٻئي ڏينهن پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات ۾ نمايان تيزي ڏسڻ ۾ آئي سيڙپڪارن جي مثبت رجحان سبب 100 انڊيڪس 2000 کان وڌيڪ پوائنٽس وڌي ڪري هڪ لک 71 هزار 6 پوائنٽس جي سطح تائين پهچي ويو. مارڪيٽ ۾ تيزي سبب سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ اضافو ڏسڻ ۾ آيو جڏهن ته مختلف شعبن جي شيئرز جي قيمتن ۾ به نمايان بهتري رڪارڊ ڪئي وئي واضح رهي ته سومر ڏينهن جي آخر ۾ پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 1525 پوائنٽس جي گهٽتائي بعد هڪ لک 68 هزار 953 پوائنٽس جي سطح تي بند ٿيو هو پر نئين ڪاروباري ڏينهن جي شروعات تي مارڪيٽ ڀرپور ريڪوري ڪندي مثبت رجحان اختيار ڪري ورتو

بقايا 35 اعلان

گفتگو ڪندي گلگت بلتستان ۾ چونڊن بابت چيو ته ووٽ جمهوريت جي بنيادي اڪائي آهي گلگت بلتستان ۾ اسان جا 22 اميدوار ميدان ۾ هئا اسان 15 سيٽن تي کٽيو آهي هن چيو ته عوام جنهن کي مينڊيٽ ڏنو آهي حڪمراني جو حق ان وٽ ٿي هجڻ گهرجي سندس چوڻ هو ته پيپلز پارٽي ۽ نون ليگ خلاف اسان جو موقف واضح آهي جن وفاق ۾ اسان جو مينڊيٽ چوري ڪيو گلگت ۾ انهن سان حڪومت ڇو ٺاهينداسين؟ پي ٽي آءِ پاور شيئرنگ تي يقين نٿي رکي بيرسٽر گوهر دعويٰ ڪئي ته گلگت ۾ هاڻ تائين آيل 17 سيٽن جي نتيجن ۾ اسان 8 سيٽن تي کٽي چڪا آهيون ۽ ڪل 24 سيٽن تي اسان جي سرسي واضح آهي اسان کي 15 سيٽن تي ڪاميابي ملي آهي. ٻئي طرف ووٽ جمهوريت جي بنيادي اڪائي آهي. گلگت بلتستان ۾ اسان جا 22 اميدوار ميدان ۾ هئا، اسان 15 سيٽن تي کٽيو آهي

بقايا 36 گرفتار

عائشه کي پڻ گرفتار ڪيو ويو آهي پوليس سندس نشاندهي تي سون چاندي ۽ هيرن سان ڀريل تجوري سميت ڦريل سمورو سامان برآمد ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس موجب اها واردات 29 اپريل جي رات دير سان پيش آئي هئي، جنهن دوران جوابدار جيولر جي دڪان مان ڪروڙين رپين ماليت جي سون چاندي ۽ هيرن سان ڀريل تجوري موٽرسائيڪل تي کڻي فرار ٿي ويا هئا. جاچ اختيارين موجب واردات جو ماسٽر مائينڊ طارق هو جنهن منصوبابندي ڪري جهنگ سان تعلق رکندڙ نامياري ڌاڙيل مهتاب کي ڪراچي گهرايو پوليس جو چوڻ آهي ته مهتاب خلاف پنجاب جي مختلف ٿاڻن ۾ 18 ڪيس داخل آهن جاچ موجب واردات کان هڪ مهينو اڳ مهتاب، طارق جي مدد سان ابن سينا واري علائقي ۾ هڪ ڪمرو ڪرائي تي حاصل ڪيو بعد ۾ هن جهنگ مان پنهنجي ساٿي حسن عرف بلو کي پڻ ڪراچي گهرايو پوليس مطابق جوابدارن واردات لاءِ هڪ موٽرسائيڪل به چوري ڪئي ۽ دڪان جا تالا ڪاٽي اندر داخل ٿيا. هنن دڪان ۾ رکيل تجوري ٻاهر ڪڍي ورتي. ان دوران مارڪيٽ جو چوڪيدار به اتي پهچي ويو جنهن کي جوابدارن هٿيارن جي زور تي تجوري کڻڻ ۾ مدد ڪرڻ تي مجبور ڪيو بعد ۾ جوابدار تجوري موٽرسائيڪل تي رکي پنهنجي ڪرائي جي ڪمري تي پهتا، جتي لڳ ڀڳ هڪ ڪلاڪ جي ڪوشش ڪانپوءِ تجوري ٽوڙي وئي. تجوري مان تيار سون جا سيٽ، خام سون چاندي ۽ قيمتي هيرا هٿ آيا. پوليس موجب مهتاب گرفتاري کان بچڻ لاءِ پنهنجي زال عائشه کي موٽرسائيڪل تي ساڻ کڻي حيدرآباد پهتو

بقايا 37 قرار

وئي آهي ته جيئن هو پنهنجي گاڏين جا ڪاغذ مڪمل ڪرائي ملڪيت پنهنجي نالي منتقل ڪرائي ۽ سرڪاري واجبات ادا ڪري سگهن ڊي ايس پي ٽريڪس سلير خان موجب فيس ليس اي ٽڪٽنگ نظام تحت چئن قسمن جي گاڏين جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي

بقايا 38 تجويزون

سال 2026-27 لاءِ پنجاب حڪومت جي پري بجيٽ مشاورتي اجلاس ۾ اداري جي نمائندگي ڪئي اجلاس جي صدارت پنجاب جي ناڻي واري وزير مجتبيٰ شجاع الرحمان ڪئي مشاورتي اجلاس پيشه ور ادارن پاليسي سازن مالي ماهرن ۽ ٻين اهم اسٽيڪ هولڊرز کي ايندڙ صوبائي بجيٽ بابت پنهنجون تجويزون پيش ڪرڻ جو هڪ قيمتي موقعو فراهم ڪيو اجلاس ۾ مالي ترجيحن ترقياتي منصوبابندي، سرڪاري شعبي جي سڌارن آمدني ۾ واڌ، زرعي پيداوار صنعتي ترقي ۽ عوامي وسيلن جي اثرائتي استعمال تي تفصيلي بحث ڪيو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي محمد ياسين شفاف جوابده ۽ نتيجن تي ٻڌل بجيٽ جي ضرورت تي زور ڏنو هن چيو ته بجيٽ فقط صرف خرچن تائين محدود نه هجڻ گهرجن پر انهن کي ماپيندڙ نتيجن معاشي پيداوار روزگار جي موقعن ۽ ماڻهن کي سڌي طرح فائدن سان ڳنڍڻ گهرجي

بقايا 39 ريلي

42هين ورسي تي لنڊن ۾ سک ڀارت مخالف فريڊم ريلي ڪڍي ڪشمير ميڊيا سروس موجب لنڊن جي مشهور سياحتي ماڳ ٽريفالگر اسڪوائر تي ڀارت مخالف فريڊم ريلي ۾ هزارين سکن شرڪت ڪئي ريلي ۾ شرڪت لاءِ هزارين سک لنڊن پهچي ويا جن ۾ عورتون ۽ ٻار وڏي انگ ۾ شامل هئا. فريڊم ريلي سبب سينٽرل لنڊن جي فضا "راج ڪري گا خالصہ اور بن کي رهي گا خالصتان" جي نعرن سان گونج جي وئي

بقايا 40 نوٽيس ورتو

گهوٽڪي جي علائقي خانپور مهر ۾ پيش آيل تيزاب گردي جي افسوسناڪ واقعي جو نوٽيس وٺندي متاثر عورت جي سخت زخمي ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي شاهينه شير علي واقعي بابت تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ ايس ايس پي گهوٽڪي سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو ۽ متاثر عورت کي هر ممڪن سهائتا فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي پوليس موجب متاثر عورت تي سندس ڪزن مبينا طور موبائل فون رکڻ جي معاملي تي تيزاب اڇلايو جنهن سبب هوءَ لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو سڙي زخمي ٿي وئي

بقايا 41 جمع

اليڪٽرڪ جي اعلانيل ۽ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد جمع ڪرائي ڇڏي آهي. قرارداد ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته هيٽ ويو دوران ڪراچي ۾ فوري طور تي لوڊشيڊنگ بند ڪئي وڃي، ڇو ته سخت گرمي ۾ ڊگهي لوڊشيڊنگ شهرين جي زندگين لاءِ خطرو بڻجي رهي آهي. قرارداد موجب هيٽ ويو دوران لينڊ فوٽگين بابت ڪي اليڪٽرڪ جي ذميوار عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ لاڳاپيل ڪيس داخل ڪيا وڃن معاذ محبوب چيو ته ڪي اليڪٽرڪ سنڌ اسيمبلي جي خصوصي ڪميٽي جي هدايتن کي نظرانداز ڪري ايوان جي استحقاق کي مجروح ڪيو آهي.

بقايا 42 گرفتار

هڪ موٽرسائيڪل به هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. پوليس ۽ ريسڪيو اختيارين موجب آرام باغ ٿاڻي جي حدن ۾ حقاني چوڪ ريلوي گرائونڊ پرسان مبينا مقابلي دوران هڪ مبينا ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو زخمي جوابدار کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ 23 ورهين جي نظرالدين طور ڪئي وئي. ٻئي طرف اورنگي ٽائون جي علائقي بنارسي مارڪيٽ ۾ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلي ڪانپوءِ هڪ مبينا ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيل جوابدار جي سڃاڻپ تيمور جي نالي سان ٿي. پوليس موجب جوابدار وٽان هٿيار موبائل فون روڪ رقم ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. هوڏانهن چاڪيوارا پوليس لياري جي علائقي مرزا آدم خان روڊ تي مبينا مقابلي ڪانپوءِ 32 ورهين جي اورنگزيب کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو

بقايا 43 لاش هٿ

ايس ايس پي سٽي ڪراچي جي ترجمان موجب لياري مان گهر جي اندران عورت جي لاش ملڻ واري معاملي موجب فوتي عورت جي سڃاڻپ حنا سليم جي نالي سان ٿي آهي عورت جي موت جي حوالي سان طبي معائني جي بعد وضاحت ٿيندي عورت جي وارثن ابتدائي طور تي مڙس جي تشدد سان موت جو سبب ٻڌائي رهيا آهن

آفيس آف دي مختيارڪار تعلقو شڪارپور ضلع شڪارپور

روانگي نمبر :625
تاريخ : 02-06-2026

نوٽيس عام اطلاع

1. جيئن ته سنڌ صوبي جي حقن جي رڪارڊ (Records of Rights) جي آخري جاچ ۽ تصديق سال 86-1985 دوران سنڌ لينڊ روينيو ائڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي هئي. ڪاتن جي ننين سر جاچ پڙتال ۽ درستگيءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ تصديق جو عمل پوري سنڌ صوبي ۾ شروع ڪيو ويو آهي. بورڊ آف روينيو سنڌ بتاريخ 28 فيبروري 2025 تي ٿيل فل بورڊ جي اجلاس ۽ سنڌ لينڊ روينيو ائڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاران ڏنل اختيارن جو استعمال ڪندي بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد تاريخ 12-02-2026 نمبر Rev-11/36/2026/Misc/RW/ BOR-1 جي حڪم تحت رڪارڊ جي حوالي سان هڪ خاص ڀيهر نظرثاني تصديق ۾ گهربل ترميم جو ڪم هلي رهيو آهي. اهڙي ئي نموني حڪومت سنڌ حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ آسانيءَ سان منتقل ٿيڻ وارو جديد ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي ذريعي پروجيڪٽ پڻ شروع ڪيو آهي، جيڪو خاص عوامي سهولت لاءِ آهي.
2. مليل مٿين احڪامات جي تحت رڪارڊ سنڌ لينڊ روينيو ائڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي سب سيڪشن (11)، (12) ۽ (13) تحت مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق ضلع شڪارپور جي تعلقي شڪارپور جي ٽپو بيد جي ديهه بيد ۾ ري-رائيٽنگ ڀيهر لکڻ ۽ رڪارڊ جي درستگي جو ڪم هلي رهيو آهي، ان جي لاءِ هي اطلاع ڏنو وڃي ٿو. هي رڪارڊ اليڪٽرانڪ پليٽ فارم www.shikarpur.gos.pk تي پڻ رکيو ويو آهي.
3. جيڪڏهن ٽپو بيد جي ديهه بيد جي هيٺين ڏنل سروي نمبرن ۾ ڪنهن به ڪاتيدار جي نالي سروي نمبر ۽ سنڌن زمين بابت ڪنهن به ملڪيت سروي نمبر يا ڪنهن به ڳالهه تي اعتراض هجي ته هو مختيارڪار آفيس / اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو شڪارپور جي آفيس ۾ (15) ڏينهن جي اندر اعتراض داخل ڪرائي سگهن ٿا ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل رڪارڊ حقدارن / ڪاتيدارن جي نالن سان ڀيهر رڪارڊ لکيو ويندو.
4. هي ننين سر ڪاتن جي تصديق ۽ ڪمپيوٽرائيزڊ رڪارڊ شناختي ڪارڊ جي مطابق رکيو ويندو انهيءَ ڪري جنهن به ڪاتي ۾ شناختي ڪارڊ وٽل نه آهي يا غلط آهي انهن سمورن ڪاتيدارن کي گزارش ٿي ڪجي ته پنهنجو شناختي ڪارڊ کڻي اچن ته جيئن شناختي ڪارڊ جي معلومات ڪاتي جي ننين ڪتاب ۾ درست اچي سگهي.

تعلقو شڪارپور ضلع شڪارپور

سيريل نمبر	ديهه جو نالو	اگوٺي داخلا نمبر	ڪاتيدار جو نالو	حصو	سروي نمبر	ايراضي
01		218 Dt: 07.04.2025	لعل بخش ولد جهنگل خان بلوچ	سڄو روپيو	277 278 279	04-10 03-36 01-38 ٽوٽل (10-04)
02		249 Dt: 23.02.2026	عبدالرحمان ولد محمد يعقوب ڪاڪيپوٽو	سڄو روپيو	210	06-30 ٽوٽل (06-30)
03		32 Dt: 14.11.1991	سهيل احمد ولد حاجي نثار احمد ميمڻ	سڄو روپيو	51 52 54 55 56	0-32 01-39 02-05 0-13 0-28 ٽوٽل (05-37)
04	بيد	115 Dt: 21.08.2019	حمير احمد ولد حاجي نثار احمد ميمڻ	سڄو روپيو	09 10 11 14 53	04-10 01-11 02-30 06-21 03-04 ٽوٽل (17-36)
05		115 Dt: 21.08.2019 179 Dt: 03.04.2023 174 VII-A 1984-85	حمير احمد ولد حاجي نثار احمد ميمڻ سهڻو علي ولد احمد خان احمد خان ولد ولي محمد رند خليل احمد ولد محمد سليمان ميمڻ	(0-72پيسا) (0-25پيسا) (0-25پيسا) (1-00)	40	09-03 ٽوٽل (17-36)
06		253 Dt:01.04.2026	نياز ولد راڻو خان اديب علي ولد راڻو خان عبدالوحيد ولد راڻو خان فريد احمد ولد راڻو خان منير احمد	(0-36پيسا) (0-14پيسا) (0-50پيسا) (1-00)	107 108 586 576	02-07 03-28 01-22 03-23 ٽوٽل (11-24)
07		241 Dt:12.01.2026	محمد نواز ولد شهزادو لهر حق نواز ولد شهزادو لهر	(0-50پيسا) (0-50پيسا) (1-00)	164	02-24 ٽوٽل (02-24)
08		247 Dt:16.02.2026	جاويد علي پٽ غلام علي بلوچ لکمير ولد محمد ابراهيم شر	(0-47پيسا) (0-53پيسا) (1-00)	186	03-09 ٽوٽل (03-09)
09		210 Dt:30.10.2024	عتيق الرحمان ولد عبدالرحمان شر	سڄو روپيو	129 532/1 532/2 532/3 113	06-19 01-23 0-27 02-00 04-00 ٽوٽل (11-24)
10	بيد	57 Dt:10.08.2015 95 Dt:16.10.2009 25 VII-A 1984-85	عتيق الرحمان ولد عبدالرحمان شر وقار علي شازيه خاتون غلام سڪينه زبيده حميد الله ولد صيفل لهر علي دوست ولد ريهاڻ	(0-23پيسا) (0-12پيسا) (0-30پيسا) (0-35پيسا) (1-00)	127	06-26 ٽوٽل (06-26)
11		209 Dt:30.10.2024	عطاءُ الرحمان ولد عبدالرحمان شر	سڄو روپيو	574	04-15 ٽوٽل (04-15)
12		230 Dt:11.09.2025 228 Dt:09.07.2025 225 Dt:08.07.2025 226 Dt:09.07.2025	محمد باقر ولد قاضي محمد حيات غلام حيدر ولد محمد باقر	(0-50پيسا) (0-50پيسا) (1-00)	97 98	07-23 06-21 ٽوٽل (14-04)
13		158 Dt:08.10.1997 07	نورالدين ولد عبدالغفار قاضي	سڄو روپيو	189 191 192 193	01-15 03-20 01-16 01-17 ٽوٽل (05-03)
14		54 Dt:12.01.1993	عبدالخالق ولد عبدالستار جتوئي	سڄو روپيو	100 101 511 512	03-31 04-07 03-32 02-30 ٽوٽل (14-20)
15		198 Dt:08.01.2024	لعل بخش ولد جهنگل خان بلوچ	سڄو روپيو	251/5 251/6	01-24 01-29 ٽوٽل (03-13)
16	بيد	122 Dt:11.02.2020	شهزادو ولد موٽڻ خان لهر عبدالرسول ولد مريد خان بلوچ	(0-50پيسا) (0-50پيسا) (1-00)	390 357	03-00 01-20 ٽوٽل (01-14)
17		11 Dt:20.10.2011	خادم حسين ولد مورند خان لهر	سڄو روپيو	134	07-36 ٽوٽل (07-36)
18		58 Dt:03.05.2008 201 Dt:24.01.2024 248 Dt:16.02.2026	علي مدد ولد علي بيگ لهر رحيم بخش ولد علي بخش الاهي بخش ولد علي بخش	(0-50پيسا) (0-14½پيسا) (0-35½پيسا) (1-00)	296 297 298	02-09 01-30 03-27 ٽوٽل (07-26)

INF/KRY/2338/2026

مختيارڪار (روينيو)
تعلقو شڪارپور

iWORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پرڏيھ ۾ پناھ وٺندڙ شاگردن وارو مامرو: سماجي،
صفحو 4

سرمد منصور
صفحو 4
نئين مالي سال جي وفاقي بجيٽ ۾ دير جا ڪارڻ

راهداري: پاڪستان جي معاشي تبديلي ۽ SIFC جو ڪردار
شهزاد سليم
صفحو 4

محمد خان ابڙو
صفحو 4
ڪچي ۾ امن ۽ سنڌ جي بااثر طبقن جون ذميواريون!

گهوٽڪي ۾ ٽڪ ٽاڪ وڊيو تي ڪمينٽ تان شروع ٿيل تڪرار خوني جهيڙي ۾ تبديل، 10 ڄڻا زخمي

وڊيو تي ڪمينٽ ڏيڻ واري معاملي تان شروع ٿيل معمولي تڪرار اوچتو خوني جهيڙي جي صورت اختيار ڪري ويو

گهوٽا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ لٺين، ڪهاڙين ۽ فائرنگ جو آزادانه استعمال ڪيو ويو، ٻنهي ڌرين جا 10 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي پيا

حفيظ الله گهوٽو ۽ اعجاز گهوٽو جي حالت نازڪ هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ سکر منتقل ڪيو ويو: اسپتال ذريعا

گهوٽڪي گهوٽا برادري جي جهيڙي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهن

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ۾ ٽڪ ٽاڪ وڊيو تي ڪمينٽ تان شروع ٿيل تڪرار خوني جهيڙي ۾ تبديل، گهوٽا برادري جي ڌرين وچ ۾ جهيڙي، 10 ڄڻا زخمي خبر موجب گهوٽڪي پرسان ڳوٺ جلال خان گهوٽو ۾ ٽڪ ٽاڪ وڊيو تي ڪمينٽ ڏيڻ واري معاملي تان شروع ٿيل معمولي تڪرار اوچتو خوني جهيڙي جي صورت اختيار ڪري ويو جتي گهوٽا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ لٺين، ڪهاڙين ۽ فائرنگ جو آزادانه استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 10 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ گل خان گهوٽو، شرف الدين گهوٽو، الله ڏنو گهوٽو، حفيظ الله گهوٽو، اعجاز گهوٽو، علي اصغر گهوٽو، شاهنواز گهوٽو، اسلم گهوٽو، قاطر گهوٽو، اختيار علي گهوٽو، محمد يوسف گهوٽو ۽ لطف الله گهوٽو شامل آهن واقعي کان پوءِ سمورن زخمين کي تعلقي اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو ويو جتي کين شروعاتي طبي امداد فراهم ڪئي وئي اسپتال ذريعن موجب حفيظ الله گهوٽو ۽ اعجاز گهوٽو جي حالت نازڪ هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ سکر منتقل ڪيو ويو آهي. هوڏانهن واقعي جي اطلاع ملندي ئي اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو ۽ نه ئي ڪنهن کي گرفتار ڪيو ويو هو واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال برقرار آهي، جنهن سبب خوف ۽ هراس جي فضا پکڙيل آهي

گهوٽڪي ضلعي ۾ محرم الحرام دوران سخت حفاظتي انتظام ڪرڻ جو فيصلو

مجلسون توڙي جلوس مقرر وقت ۽ هنڌن تي منعقد ڪرڻ جي هدايت، ضابطہ اخلاق تي مڪمل عمل ڪرائڻ جو عزم

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني جي صدارت هيٺ محرم الحرام جي حوالي سان انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ گڏجاڻي

عاشورن دوران امن و امان برقرار رکڻ لاءِ سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويندا، ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏبي: ڊي سي

گهوٽڪي جي ڊي سي منظور احمد ڪنراني جي اڳواڻي ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ضلعي ۾ محرم الحرام دوران سخت حفاظتي انتظام ڪرڻ جو فيصلو مجلسون توڙي جلوس مقرر وقت ۽ هنڌن تي منعقد ڪرڻ جي هدايت، ضابطہ اخلاق تي مڪمل عمل ڪرائڻ جو عزم. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني جي صدارت هيٺ محرم الحرام جي حوالي سان انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ سنڌس آفيس ۾ هڪ اعلي سطحي گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ ايس پي هيڊڪوارٽر سميت اسسٽنٽ ڪمشنرن، حساس ادارن، پاڪ آرمي ۽ رينجرز عملدارن سميت ڊي ايڇ او، ڊي ايم پي، ايڇ آءِ سيپڪو ۽ ميونسپل ڪاٽي جي آفيسرن توڙي مختلف مڪتبه فڪر جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته عاشورن دوران امن و امان برقرار رکڻ لاءِ سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويندا ان سلسلي ۾ ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏبي، ضابطہ اخلاق جي ڀڃڪڙي ڪندڙ توڙي شرپسند عنصرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي هن چيو ته گڏجاڻي ڪوٺائڻ جو مقصد مختلف مڪتبہ فڪر جي اڳواڻن جا مسئلا معلوم ڪري حل ڪرڻ آهي ته جيئن عاشورن دوران ڪنهن به قسم جو اڻوڻندڙ واقعو پيش نه اچي ڇو ته اسلام محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏئي ٿو انڪري اسان سڀني جو فرض آهي ته اسان پنهنجي پنهنجي دائري ۾ رهي ڪري پنهنجون مذهبي ذميواريون ادا ڪريون ۽ ننڍين ننڍين مسئلن کي حل ڪري هڪبئي جي جذبن جو احترام ڪريون ته جيئن ڪنهن جي به دل آزاري نه ٿئي ۽ ملڪ دشمن قوتن کي ڪنهن به قسم جو فساد پکيڙڻ جو موقعو نه ملي هن چيو ته عاشورن دوران ضلعي انتظاميه جي اجازت کان بغير لائوڊ اسپيڪر استعمال نه ڪري سگهبو جڏهن ته غلط استعمال توڙي اسلحي جي نمائش تي مڪمل پابندي هوندي انڪري ضلعي انتظاميه سان تعاون ڪيو وڃي ته جيئن عاشورا امن و امان سان گذري وڃن ڊپٽي ڪمشنر مختلف مڪتبه فڪر جي اڳواڻن کي اپيل ڪندي چيو ته عاشورن دوران افواهن تي ڌيان ڏيڻ بدران ڪنهن به اڻوڻندڙ واقعي يا اطلاع جي صورت ۾ صبر جو مظاهرو ڪندي فوري طور تي ضلعي انتظاميه سان رابطو ڪيو وڃي ته جيئن مسئلن کي فوري طور تي حل ڪري سگهجي جڏهن ته ماتمي جلوس ۽ مجلسون مقرر ڪيل هنڌن ۽ وقت موجب منعقد ڪيون وڃن ته جيئن انتظاميه بهتر انتظام ڪري سگهي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي سيپڪو عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته هو پنهنجي لوڊ تارن جي مرمت ڪن ۽ غيراعلانيل لوڊشيڊنگ کان پاسو ڪيو وڃي، هن سمورن سي ايم اوز کي پڻ هدايت ڪئي ته اسٽريٽ لائيٽ، واٽر سپلائي، ڊرينيج ۽ صفائي ستھرائي جو خاص خيال رکيو وڃي ۽ سيٺن هولن کي فوري طور تي بند ڪيو وڃي ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي هن ڊي ايڇ او کي پڻ هدايت ڪندي چيو ته عاشورن دوران سمورين اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪ اسٽاف توڙي ايمبولينسن کي الرٽ رکيو وڃي ان موقعي تي ايس پي هيڊڪوارٽر حافظ عبدالقادر چاچڙ ڳالهائيندي چيو ته سمورن عالمن کي گهرجي ته هو ضابطہ اخلاق تي مڪمل عمل ڪن ته جيئن ضلعي ۾ امن و امان برقرار رهي سگهي هن ٻڌايو ته ضلعي ۾ 596 جي لڳ ڀڳ مجلسون برپا ٿينديون ۽ تقريبن 89 ماتمي جلوس نڪرندا جن جي سيڪيورٽي لاءِ 3 هزار جي لڳ ڀڳ پوليس آفيسر ۽ اهلڪار فرض ادا ڪندا. ان موقعي تي مختلف مڪتبہ فڪر جي اڳواڻن ضلعي انتظاميه کي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جو محرم الحرام بابت اجلاس

جلوسن ۽ مجلسن جي ذميوارن سان تفصيلي ملاقات ۽ مشاورتي اجلاس

عزادارن کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪرڻ ٽائون انتظاميا جي اولين ترجيح آهي: چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز محرم الحرام جي سلسلي ۾ گڏاپ ٽائون آفيس ۾ جعفر الائنس گڏاپ ٽائون جي فوڪل پرسن نجم حسين ۽ جلوسن ۽ مجلسن جي ذميوارن سان تفصيلي ملاقات ۽ مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو اجلاس دوران محرم الحرام جي مقدس ڏينهن ۾ عزادارن کي بهترين بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ، صفائي ستھرائي، اسٽريٽ لائيٽن، نيڪال آب، جلوسن جي رستن، مجلسن جي هنڌن ۽ ٻين انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. سپرنٽينڊنٽ انجنيئر (ايم اينڊ اي) نور علي جمالي، اسسٽنٽ انجنيئر وسيم آرائين، ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سينيٽيشن محمد افضل لغاري محرم الحرام جي انتظامن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس کي خطاب ڪندي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته محرم الحرام جي مقدس ايامن ۾ عزادارن کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪرڻ ٽائون انتظاميا جي اولين ترجيح آهي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته جلوسن ۽ مجلسن جي رستن تي صفائي ستھرائي جا خصوصي انتظام، اسٽريٽ لائيٽن جي مرمت، تجاوزات جو خاتمو ۽ نيڪال آب جي نظام کي مڪمل طور فعال رکيو وڃي ته جيئن عزادارن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف پيش نه اچي. ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز چيو ته ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جون سموريون لاڳاپيل ٽيمون محرم الحرام دوران ميدان ۾ موجود رهنديون ۽ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري قدم کنيا ويندا. اجلاس ۾ موجود آفيسرن يقين ڏياريو ته محرم الحرام دوران سمورا لاڳاپيل کاتا مڪمل طور متحرڪ رهندا ۽ عزادارن کي بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سڀ موجود وسيلا استعمال ڪيا ويندا. ان موقعي تي جلوسن ۽ مجلسن جي منتظمن گڏاپ ٽائون انتظاميا پاران محرم الحرام جي انتظامن لاءِ کنيل قدمن کي ساراهيندي مڪمل تعاون جي خاطري ڀري ڪرائي

ڪراچي گڏاپ ٽائون چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

اوڏيرولال وليج يوسي جي چيئرمين خلاف عدم اعتماد جي رٽ پيش

چيئرمين جمن جهيجو جي فوت ٿيڻ بعد وائيس کي چيئرمين بڻايو ويو: ڪائونسلر

ياسين راجپوت کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو اسان کي منظور ناهي

اوڏيرولال(ن ع) يونين ڪائونسل اوڏيرولال وليج جو اجلاس ڪائونسلرن پاران چيئرمين ياسين راجپوت تي عدم اعتماد جو اظهار ڪندي هٽائڻ لاءِ رٽ پيش ڪري ورتو ان موقعي ڪائونسلر ياسر سوريجهو ظهور خاصخيلي محمد بخش ڪوسو ساري بڙدي ۽ ٻين چيو ته چيئرمين جمن جهيجو جي فوت ٿيڻ بعد اسان کي اعتماد ۾ وٺڻ بنا وائس چيئرمين ياسين راجپوت کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو اسان کي منظور ناهي هي هڪ منشيات فروش آهي جنهن تي وائس چيئرميني دوران منشيات جا ڪيس داخل ٿيل آهن اڳ پ پ جي ٽڪيٽ تي وائس چيئرمين ٿيو هاڻ هن پيپلزپارٽي کي الوداع ڪري ن ليگ ۾ شموليت ڪئي آهي اسان ڪائونسلرن جي اڪثريت پيپلزپارٽي سان آهي جنهن جو پيپلزپارٽي جي اعلا قيادت فوري نوٽيس وٺي ياسين راجپوت جو جاري ڪيل چيئرميني وارو نوٽيفڪيشن رد ڪري ياسر سوريجو کي يوسي جو چيئرمين بڻايو وڃي

اڏيرولال يونين ڪائونسل وليج جو اجلاس ٿي رهيو آهي

پگهار ڏيو: ڪڏڙو ٽائون ڪاميٽي جي صفائي عملي جو احتجاج

صفائي عملي پاران گذريل ٽن مهينن کان پگهار نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

مهانگائي جي هن دور ۾ پگهارن کان سواءِ گهر جو خرچ هلائڻ ناممڪن بڻجي ويو آهي: مظاهرين

ڪڏڙو(ن ع) ٽائون ڪاميٽي ڪڏڙو جي صفائي عملي سان تعلق رکندڙ عورتن ۽ مرد ملازمن گذريل ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف پريس ڪلب ڪڏڙو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ ڪم ڇڏ هڙتال جو اعلان ڪري ڇڏيو. احتجاج ڪندڙ ملازمن دانهيندي چيو ته مسلسل ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ سبب

ويو آهي جڏهن ته سندن ٻار به بک ۽ تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ملازمن وڌيڪ چيو ته هو بار بار لاڳاپيل اختيارين کي پگهارن جي ادائيگي لاءِ اپيلون ڪري چڪا آهن پر سندن مسئلي جو ڪو به حل نه نڪتو آهي. هنن خبردار ڪيو ته جيستائين سندن رهيل پگهارون ادا نه ڪيون وينديون تيستائين هو صفائي

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن اڱاري ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو هڪ لک 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو هڪ لک 25 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 43 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 43 هزار ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿاهون وهڪرو هڪ لک 72 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو هڪ لک 72 هزار 400 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 30 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 29 هزار ڪيوسڪ جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 26 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 7 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن جي صورتحال موجب گڊو بئراج وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 78 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 58 هزار 100 ڪيوسڪ، سکر بئراج وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 50 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 18 هزار 500 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 11 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو ٻڙي ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن جي صورتحال مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1453.44 فوٽ ۽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ، استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.123 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1171.90 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.670 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 647.30 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.226 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو آهي

ائٽمي هٿيارن جي خرچ ۾ رڪارڊ اضافو، دنيا ائٽمي هٿيارن جي نئين دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي: رپورٽ

نيويارڪ (اي پي پي) نئين تحقيق مان اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته گذريل سال سڄي دنيا ۾ ائٽمي هٿيارن تي ٿيندڙ خرچ ۾ رڪارڊ اضافو ٿيو. پرڏيهي ميڊيا موجب ائٽمي هٿيارن جي پابندي لاءِ ڪم ڪندڙ عالمي اداري انٽرنيشنل ڪيمپين ٽو ابوليش نيوڪليئر ويپنز (آءِ سي اي اين) چيو آهي ته ائٽمي هٿيار رکندڙ 9 ملڪن گذريل سال ائٽمي هٿيارن تي 119 ارب ڊالر خرچ ڪيا جيڪي 2024ع جي ڀيٽ ۾ 19 سيڪڙو وڌيڪ آهن. اداري پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ خبردار ڪيو ويو آهي ته دنيا ائٽمي هٿيارن جي دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي. آءِ سي اي اين پاران هڪ ڏينهن اڳ جاري ٿيل هڪ ڌار تحقيق ۾ به جغرافيائي سياسي ڇڪتاڻ جي ماحول ۾ ائٽمي خطرا وڌڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو آهي. جاچ موجب ائٽمي هٿيارن جي تياري تي ٿيندڙ خرچ ۾ غير معمولي اضافو هڪ اهڙي وقت ۾ ٿيو آهي، جڏهن مختلف ملڪ پنهنجي ائٽمي ذخيرن کي جديد بڻائڻ ۽ ان ۾ وڌيڪ هٿيار شامل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. آءِ سي اي اين جي ڊائريڪٽر پروگرامز ۽ تحقيق جي گڏيل ليکڪا سوسي سنائيڊر اي ايف پي سان ڳالهائيندي چيو ته ائٽمي هٿيارن لاءِ مصنوعي ذهانت (اي آئي) جي استعمال سان اهي خطرا وڌيڪ گهرا ٿي سگهن ٿا اهي انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن. دنيا

سيٺارجا واسي ڏهين ڪلاس جي شاگردياڻي آصفه مغل جي بازيابي لاءِ احتجاج

آصفه مغل جي بازيابي لاءِ وارثن جو سيٺارجا کان ٽري ميرواهه تائين پيادل مارچ ڪيو

پوليس چار مهينا گذرڻ باوجود نياڻي کي بازياب نه ڪرايو ويو آهي: وارث

ٽري مير واهه(ن ع) سيٺارجا جي محلي عثمان آباد جي رهواسڻ ڏهين ڪلاس جي شاگردياڻي آصفه مغل مبينا طور اغوا ٿئي کي چار مهينا گذرڻ باوجود اڃا تائين سندس بازيابي نه ٿي سگهي آهي ان خلاف وارثن ۽ علائقي واسين سيٺارجا کان ٽري ميرواهه تائين پيادل مارچ ڪيو ۽ ڊي ايس پي آفيس اڳيان احتجاجي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي.ان موقعي تي مغوي شاگردياڻي جي وارثن ارشد مغل، محمد اسلم مغل، عورتن ۽ جسقم آريسر جي اڳواڻ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر سميت ٻين خطاب ڪندي چيو ته سيٺارجا پوليس سندن ساٿ نه پئي ڏئي ۽ چار مهينا گذرڻ باوجود نياڻي کي بازياب نه ڪرايو ويو آهي هنن الزام هنيو ته ايس ايڇ او سيٺارجا وٽ بار بار وڃڻ باوجود کين انصاف نه مليو جنهن سبب هو پيادل مارچ ڪري انصاف جي گهر لاءِ ڊي ايس پي آفيس اڳيان احتجاج تي ويٺا آهن مغوي شاگردياڻي جي والده چيو ته ڪجهه بااثر ڌريون مٿن دٻاءُ وجهي کين هراسان ڪري رهيون آهن جڏهن ته پوليس اڃا تائين سندن نياڻي کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي هن چيو ته هو گذريل چار مهينن کان احتجاج ڪري رهيا آهن پر ڪنهن به سندن فرياد جو سنجيدگي سان نوٽيس نه ورتو آهي

سيٺارجا آصفه مغل جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي ڪيئي پئي وڃي

قاضي احمد لڳ ڳوٺ عبدالڪريم ڪوريجو واسين جو احتجاج

مسمات ساران، شاهنواز اوٺو ۽ ٻين پوليس جي مبينا ظلمن خلاف دانهيو

جوابدارن تي ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي: ساران اوٺو

قاضي احمد(ن ع) قاضي احمد لڳ ڳوٺ عبدالڪريم ڪوريجو واسي مسمات ساران،شاهنواز اوٺو ۽ ٻين تعلقي پريس ڪلب اڳيان قاضي احمد پوليس جي مبينا ظلمن ڏيادتن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي دانهيندي الزام هڻندي چيو ته خان اوٺو،اصغر اوٺو،ميهر اوٺو، گلشير ڏاهري پراڻي سڱاوتي مسئلي تان اسان جي گهر تي حملو ڪري گهر جي ديوار ڊاهي پيچ ڊاهه ڪرڻ بعد لٺيون ۽ ڏنڊا هڻي اڪبر اوٺو ۽ 2 عورتن کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا. جوابدارن خلاف اين سي داخل ڪرائڻ لاءِ ٿاڻي تي پهتاسين ته پوليس اهلڪار سڪندر اوٺو ٻي ڌر سان ونگار وهندي اسان جي زخمي ٿيل اڪبر اوٺو کي لاڪپ ڪري ڇڏيو ۽ اسان کي ڌمڪيون ڏنيون ۽ ٿاڻي مان ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪيي ڇڏيو.سڪندر اوٺو اسان سان وڏي ناانصافي ڪري رهيو آهي.هنن ايس ايس پي شهيدبينظيرآباد کان مطالبو ڪيو ته ماجري جي شفاف جاچ ۽ انڪوائري ڪرائي.اسان جي گرفتار ٿيل همراهه کي آزاد ڪيو وڃي ۽ جوابدارن تي ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

قاضي احمد لڳ ڳوٺ عبدالڪريم ڪوريجو واسي پوليس خلاف احتجاج ڪندي

فريدآباد شهر جي رهواسين جو چونڊيل نمائندن خلاف مظاهرو

بجلي نه ملڻ ۽ ڊرينيج سسٽم ناڪاره هئڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسان کي 15 سالن کان بجلي فراهم ڪرڻ جا ڪوڙا وعدا ڏنا ويا آهن: مظاهرين

فريدآباد(ن ع) فريدآباد شهر جي رهواسين جو بجلي نه ملڻ ۽ ڊرينيج سسٽم ناڪاره هئڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڳولي ڏيو ڳولي ڏيو چونڊيل نمائندا ڳولي ڏيو چونڊيل نمائندن خلاف سخت نعريبازي، گاڻينجه محلي جي رهواسين علي رضا گاڻينجو ۽ ٻين چيو آهي ته اسان کي 15 سالن کان بجلي فراهم ڪرڻ جا ڪوڙا وعدا ڏنا ويا آهن پ پ پ جي اميدوارن کي ٽيڻ ٻيڻو ووٽ ڏيئي لڳاتار وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪرايو ان باوجود اسان کي اونداهي ۾ رکيو ويو آهي شهر جي حالت به رحم جوڳي بڻائي وئي آهي روڊ رستا تباهه حال بڻيل آهن پيئڻ جو پاڻي به ناهي اسان گاڻينجا محلي جي رهواسين کي بجلي ڏيئي شهر جي صفائي ڪرائي شهر جا مسئلا حل ڪيا وڃن

فريد آباد شهر جي رهواسين جو چونڊيل نمائندن خلاف مظاهرو ڪندي

گلگت بلتستان ۾ پ پ پ جي ڪاميابي شهيدن جي نظريي جي فتح آهي

بلاول ڀٽو گلگت ۾ بهترين طريقي سان چونڊ مهم هلائي: لکي محمد رند

ڪامياب چونڊ مهم جو اعتراف مخالف به ڪري رهيا آهن: علي حسن رند

هاڻ انشاءَالله پ پ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ پڻ ڪاميابي ماڻيندي: علي محمد رند

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پ پ ضلع ٽنڊوالهيار جي سينئر اڳواڻ رئيس لکي محمد رند، نوجوان اڳواڻ رئيس علي حسن رند ۽ نوجوان اڳواڻ رئيس علي محمد رند چيو آهي ته گلگت بلتستان ۾ پ پ پ جي ڪاميابي شهيدن جي نظريي جي فتح آهي، جيڪي چون پيا ته پ پ سنڌ تائين محدود آهي، اهي هاڻ لِڪڻ ۾ پورا آهن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري گلگت بلتستان ۾ بهترين طريقي سان چونڊ مهم هلائي پنهنجي پارٽي کي ڪاميابي ڏياري آهي، بلاول ڀٽو زرداري جي ڪامياب چونڊ مهم جو اعتراف مخالف به ڪري رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته گلگت بلتستان بعد هاڻ انشاءَالله پ پ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ پڻ ڪاميابي ماڻيندي ۽ ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو بڻجندو

ميرپورخاص ۾ ڪولهي برادري جي ماڻهن جو مظاهرو

علائقي جا بااثر گهرن مان زوري لڏائڻ چاهين ٿا: ڪولهي برادري

گهرن تي ڪاهه ڪري پيچ ڊاهه بعد عورتن ۽ مردن کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) علائقي جا بااثر گهرن مان زوري لڏائڻ خاطر گهرن تي ڪاهه ڪري پيچ ڊاهه بعد عورتن ۽ مردن کي تشدد جو نشانو بڻائو ويو حد جي پوليس ڪيس داخل ڪرڻ لا تيار ناهي، ننگر پارڪر ٿاڻي جي حد ڳوٺ سورا چند واسي ڪولهي برادري جي ماڻهن جو بااثرن جي مبينه زيادتين خلاف ميرپورخاص ۾ احتجاجي مظاهرو ان موقعي تي متاثر ڳوٺاڻن مولچند ڪولهي، گينو ڪولهي ساجن، مانو لاکو ڪولهي ۽ ٻين صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته جاڙايل ڳوٺ سرڪاري پٽ تي ٻڌل آهي جتي اٻن ڏاڏن کان رهون پيا اسان جي برادري جا 30 کان مٿي گهر آهن علائقي جا بااثر لکر ۽ شورا برادري جا ماڻهو ڳوٺ مان لڏائي گهرن جي پلاٽن قبضو ڪرڻ چاهين ٿا جنهن ڪري آنچلو لکن منگل، محبت لکن سانوڻ شورو ،غفور ، احسان شورو سميت 50 کان وڌيڪ ماڻهن پاران اسان جي گهرن تي ڪاهه ڪري پيچ ڊاهه بعد عورتن ، مردن ۽ ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻايو اسان اهڙي شڪايت حد جي پوليس کي ڏني ۾ پوليس بااثرن خلاف ڪاروائي ڪرڻ لا تيارناهي جڏهن ته بااثرن پاران اسان جي هلڻ جا گس بند ڪرڻ سميت تلاءِ مان پاڻي ڀرڻ نه ٿا ڏين ڪئي شڪايت جي صورت ۾ بااثرن پاران گهرڻ کي باهيون ڏئي ساڙڻ ، عورتن کي اغوا ڪرڻ ، ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سميت موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن اسان غريبن جي ڪير ب داد فرياد ٻڌڻ لا تيار ناهي هنن واسطيدار اختيارين کان پر زور مطالبو ڪندي چيو ت معاملي جو نوٽس وٺي بااثرن جي زيادتين کان نجات ڏياري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ڪوهستان ۾ پري مونسون ماس ويڪسينيشن مهم تيزي سان جاري

ويڪسينيشن مهم دوران 2 لک 59 هزار کان وڌيڪ جانورن کي حفاظتي ٽڪا لڳايا ويا

لائيو اسٽاڪ کاتي جون ٽيمون ڏينهن رات محنت سان ميدان ۾ ڪم ڪري رهيون آهن: عبدالعزيز رستماڻي

ٿاڻو بولاخان (ن ع)ڪوهستان ۾ پري مونسون ماس ويڪسينيشن مهم تيزي سان جاري، 2 لک 59 هزار کان وڌيڪ جانورن کي حفاظتي ٽڪا لڳايا ويا.سڄي سنڌ جيان ڪوهستان ۾ به صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز سنڌ رئيس محمد علي ملڪاڻي جي حڪمن تي ڪوهستان ۾ جانورن کي موتمار بيمارين کان بچائڻ لاءِ هلندڙ ماس ويڪسينيشن مهم ڪاميابي سان جاري آهي. مهم دوران هيل تائين ڪوهستان جي مختلف يونين ڪائونسلن جي 267 ڳوٺن ۾ 2,59,509 کان وڌيڪ ننڍن ۽ وڏن جانورن کي حفاظتي ويڪسينون لڳايون ويون آهن. ويڪسينيشن مهم تحت جانورن

حفاظتي ٽڪا هنيا پيا وڃن.ڪوهستان جي 9 يونين ڪائونسلن مان 5 يونين ڪائونسلن ۾ مهم مڪمل ڪئي وئي آهي، جن ۾ ٿاڻو احمد خان، ڏماچ، ٿاڻو عارب خان، موندر ۽ جهمپير شامل آهن. جڏهن ته سري ۽ جنگشاهي يونين ڪائونسلن ۾ ويڪسينيشن جو ڪم تيزي سان جاري آهي.ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊولپمينٽ ڪوهستان ڊاڪٽر عبدالعزيز رستماڻي ٻڌايو ته لائيو اسٽاڪ کاتي جون ٽيمون ڏينهن رات محنت سان ميدان ۾ ڪم ڪري رهيون آهن ته جيئن هر ڳوٺ تائين پهچي جانورن کي بيمارين کان محفوظ بڻائي سگهجي. هن چيو ته مهم جي

حيدرآباد ۾ هاءِ ڪورٽ پاران انٽر سٽي وين اڏا بند ڪرڻ جي حڪم ردي جي ٽوڪري حوالي

عدالتي حڪم باوجود مبينا طور ڊي ايس پي ٽريفڪ جي نگراني ۾ مختلف هنڌن تان وينون هلڻ لڳيون

ڊي ايس پي ٽريفڪ لطيف آباد عدالت جي حڪمن جي توهين ڪندي من پسند ٽرانسپورٽرن کي رليف ڏنو آهي: ٽرانسپورٽر

من پسند وينن کي لطيف آباد جي ڪجهين جائين تي بيهاري سواري کڻڻ جي اجازت ڏيڻ ٻين ٽرانسپورٽرن ۽ پورهيتن جي حق تي ڌاڙو هڻڻ آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ هاءِ ڪورٽ پاران انٽرسٽي وين اڏا بند ڪرڻ جي حڪم باوجود مبينا طور ڊي ايس پي ٽريفڪ جي نگراني ۾ مختلف هنڌن تان وينون هلڻ لڳيون من پسند ساٿين جون وينون هلائڻ خلاف ڪالهه لطيف پوٽا سٽ نمبر چوڪ تي فهد ٽرانسپورٽ جي عملي ۽ ڊرائيورن احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي.ان موقعي تي فهد ٽرانسپورٽ جي مينيجر گهٽو خان قمبراڻي،ثناءُ الله قمبراڻي،سهيل لاشاري،شوڪت پٺاڻ،عقيل گدي ۽ ٻين چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جا واضع حڪم آهن ته انٽرسٽي وين اڏا مڪمل بند ڪيا وڃن پر ڊي ايس پي ٽريفڪ لطيف آباد عدالت جي حڪمن جي توهين ڪندي من پسند ٽرانسپورٽرن جي وينن کي پوٽا سٽ نمبر چوڪ کان پر پرو سواري کڻڻ جي اجازت ڏني آهي جيڪو عمل غيرقانوني آهي ۽ ڊي ايس پي ٽريفڪ لطيف آباد مان من پسند ٽرانسپورٽرن کي وينون ڀرڻ جي اجازت ڏئي حيدرآباد جو پرامن ماحول خراب ڪرڻ چاهي ٿو هنن چيو ته عدالتي حاڪمن تي عملدرآمد ڪرائڻ پوليس جو ڪم آهي پر من پسند وينن کي لطيف آباد جي ڪجهين جائين تي بيهاري سواري کڻڻ جي اجازت ڏيڻ ٻين ٽرانسپورٽرن ۽ پورهيتن جي حق تي ڌاڙو هڻڻ آهي ڇو ته ٽرانسپورٽرن جي وينن پاران سواري کڻڻ جا ثبوت اسان وٽ موجود آهن . هنن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ،ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته عدالتي منع ناسي باوجود ڳجهه ڳوهه ۾ انٽرسٽي وينون هلائڻ جي اجازت ڏيندڙ ڊي ايس پي ٽريفڪ لطيف آباد خلاف محڪماڻي ڪارروائي ڪري عهدي تان هٽايو وڃي ۽ عدالتي حڪمن تي من عن عمل ڪرايو وڃي

حيدرآباد پوٽا سٽ نمبر اڏو خالي نظر اچي ٿو ٻي طرف مختلف هنڌن وينون مسافر کڻي رهيون آهن

حيدرآباد ۾ جتوئي برادري جو بااثر ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

نويد ميمڻ، شيراز ملاح طاهر اعوان ۽ ٻيا ڌمڪين ۽ تشدد جو نشانو بڻائي رهيا

مخالف ڌر سندن گهر جي سامهون گيٽ هٽائڻ ۽ رستو ڪولڻ جي ڪوشش ڪئي

ڪيترائي پيرا پوليس ۽ لاڳاپيل اختيارين کي شڪايتون ڪيون پر ڪا به ڪارروائي ناهي ٿي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) جتوئي برادري جو بااثر ماڻهن ۽ پوليس اهلڪارن خلاف احتجاجي مظاهرو حيدرآباد جي اسٽيشن روڊ واري علائقي ۾ جتوئي برادري پاران بااثر ماڻهن ۽ مبينا پوليس اهلڪارن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين الزام لڳايو ته نويد ميمڻ، طاهر اعوان ۽ ٻين ڪيترن ئي مهينن کان کين مسلسل هراساني، ڌمڪين ۽ تشدد جو نشانو بڻائي رهيا آهن. مظاهرين موجب سندن گهر جي سامهون موجود هڪ پلاٽ جي تڪرار سبب هي سڄو معاملو هلندڙ آهي. جنهن ۾ مبينا طور ڪجهه بااثر ماڻهن ۽ پوليس اهلڪارن جو به هٿ آهي انهن جو چوڻ آهي ته اهو پلاٽ سرڪاري تحويل ۾ آهي ۽ عدالتي ۽ سرڪاري حڪمن باوجود ان تي غير قانوني طور قبضي يا اثراندازي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي مظاهرين وڌيڪ الزام لڳايو ته مخالف ڌر سندن گهر جي سامهون گيٽ هٽائڻ ۽ رستو کولڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن سبب صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وئي متاثر خاندان جو چوڻ آهي ته هنن ڪيترائي پيرا پوليس ۽ لاڳاپيل اختيارين کي لکت ۾ شڪايتون ڏنيون پر ان باوجود ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ٿي سگهي انهن جو الزام آهي ته نه ته ٿي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي ۽ نه ئي ميڊيڪل ليٽر ڏنو ويو مظاهرين موجب تڪرار دوران سندن بزرگ کي سر ۾ سخت زخمي به ٿيس جڏهن ته ٻين گهر ڀاتين سان به تشدد ۽ بدتميزي جا واقعا پيش آيا. متاثر ڌر اعلي اختيارين، خاص طور تي سنڌ جي وڏي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ متاثر خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

مسوءَ ڀرڳڙي لڳ قديمي ڳوٺ غلام حيدر جويو جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم

مسوءَ ڀرڳڙي (ن ع) مسوءَ ڀرڳڙي لڳ يونين ڪائونسل 22 جيٺندل ڪوٽ ۾ واقع قديمي ۽ تاريخي ڳوٺ غلام حيدر جويو جتي لڳ ڀڳ 10 هزار کان وڌيڪ ماڻهو آباد آهن، اڄ به جديد دور جي بنيادي انساني سهولتن کان محروم نظر اچي ٿو ملڪ ۾ ترقي، ڊجيٽل انقلاب، جديد انفراسٽرڪچر ۽ شهري سهولتن جي دعوائن جي باوجود، هي ڳوٺ ڪيترن ئي بنيادي مسئلن جي ور چڙهيل آهي، جن سبب رهواسي روزاني بنيادن تي سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن ڳوٺ جي اندروني گهٽين جي حالت انتهائي خراب آهي. ڪيترن ئي هنڌن تي گهٽيون ٽٽل، ڪچيون ۽ برساتي موسم ۾ مڪمل طور تي ناقابل استعمال ٿي وڃن ٿيون مريضن، اسڪول ويندڙ ٻارن، عورتن ۽ بزرگن کي آمدرفت دوران شديد مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.مقامي رهواسين موجب ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين کي درخواستون ڏنيون ويون آهن، پر اڃا تائين ڪو به مستقل منصوبو شروع نه ٿي سگهيو آهي.صاف ۽ صحت مند پيئڻ جو پاڻي اڄ جي دور ۾ بنيادي انساني حق سمجهيو وڃي ٿو پر غلام حيدر جويو جي رهواسين لاءِ اهو حق اڃا تائين خواب بڻيل آهي ڪيترن ئي پاڙن ۾ ماڻهو کارو يا آلوده پاڻي استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن پاڻي جي ناقص معيار سبب پيٽ، جگر، گردن ۽ چمڙي جون بيماريون وڌي رهيون آهن.

ميهڙ جي ڳوٺ رحم علي لڳ ڪولاچي جي رهواسڻ جو احتجاج

نازي ڪوسو پنهنجي معصوم ڏوهٽي سوڌو ڌي سپنا زال الهورايو جي بازيابي لاءِ دانهيو

مامري جو نوٽيس وٺي منهنجي ڌي سپنا کي بازياب ڪرايو وڃي: نازي ڪوسو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ميهڙ جي ڳوٺ رحم علي لڳ ڪولاچي جي رهواسڻ پيرسن نازي ڪوسو پنهنجي معصوم ڏوهٽي سوڌو ڌي سپنا زال الهورايو جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو هن الزام هڻندي چيو ته جوابدار سالڪ،درياخان،فتح محمد ،مالڪ ۽ غلام علي رهواسي ڳوٺ فتح زرداري سڪرنڊ ڇهه مهينا اڳ اغوا ڪري ويا جنهن جي ڪو به پتو نه آهي ته منهنجي ڌي زنده آهي يا مري وئي، هن چيو ته سڪرنڊ پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ توڙي منهنجي ڌي جي بازياب ڪرائڻ لاءِ تيار نه آهي،هن الزام هنيو ته سڪرنڊ پوليس جوابدارن سان ٻٽ بڻيل آهي هن ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ۽ وس وارن کي اپيل ڪئي ته مامري جو نوٽيس وٺي منهنجي ڌي سپنا کي بازياب ڪرايو وڃي

ميرپورخاص ڪولهي برادري جي ماڻهو بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڳوٺ ڪاسائي شورو جي بااثرن رڻ ٻاري ڏنو آهي: بينظير راڄڙ

وڏيرو تاج محمد شورو ۽ ٻيا اسڪول بند ڪرائي اسڪول جي پلاٽن تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا

مون ڊي سي جامشورو،ايس ايس پي جامشورو ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد کي درخواست ڏني آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)جامشورو ضلعي جي ڳوٺ ڪاسائي شورو ۾ سيف تحت اسڪول هلائيندڙ بينظير راڄڙ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته ڳوٺ وارن سنڌس خلاف رڻ ٻاريو ڇڏيو آهي وڏيرو تاج محمد شورو، خميسو شورو ۽ سنڌس سئوٽ اسڪول بند ڪرائي اسڪول جي پلاٽن تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا، هن چيو ته ڳوٺ ڏاڻي خريد ڪيل پلاٽ آهن جنهن تي ايليمينٽري سيڪشن اسڪول جو پنهنجن پلاٽن تي اڏاوت جو ڪم سنڌ حڪومت جي سهڪار سان شروع ڪيو ته وڏيرن زبردستي ڌمڪائي ڪم روڪرائي ڇڏيو جنهن بعد مون ڊي سي جامشورو،ايس ايس پي جامشورو ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد کي درخواست ڏني پر وڏيرا بااثر هجڻ ڪري سنڌن خلاف ڪابه ڪارروائي ته نه ٿي ويتر اسڪول جو فرنيچر پنکا، سولر سسٽم ۽ اسڪول جو رڪارڊ چورائي ڪئي وياجنهن بابت سوشل ميڊيا تي خبرون هلڻ ڪري ان جي رد عمل ۾ اسڪول جا در دريون پڃي نقصان پهچايو جڏهن ته هاڻ منهنجي سوشل ميڊيا تي ڪردار ڪشي ڪري ڪئي پئي وڃي،هن سنڌ جي وڏي وزير، گهرو وزير، آئي جي سنڌ پوليس، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي جامشورو ۽ تعليم کاتي جي اعلا اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسڪول بند ٿيڻ کان بچايو وڃي.

حيدرآباد اسڪول اونر بينظير راڄڙ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ايل بي او ڊي سيم نالي جي صفائي نه ٿيڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار

سيم نالي جي صفائي ناهي ٿي، برسات کان اڳ ئي اسان کي خيما ڏنا وڃن: رمضان نوحاڻي

ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ هزارين ايڪڙ زرعي زمينن جي برساتي پاڻي جي ڇوڙ جو واحد ذريعو آهي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي جي ناليواري زميندار ۽ تاريخ دان محمد رمضان نوحاڻي ايل بي او ڊي سيم نالي جي صفائي نه ٿيڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي هن چيو آهي ته برسات کان اڳ ئي اسان کي خيما ڏئي ڇڏيا وڃن ته جيئن ٻوڏ ۾ ٻڏڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ روڊن تي ويهي سڪون سان وقت گذاري سگهون تعلقي ڏگهڙي جي معروف تاريخدان ۽ آبادگار اڳواڻ محمد رمضان نوحاڻي پنهنجي هڪ وڊيو بيان ۾ چيو ته يونين ڪائونسل پيڻ جو سيم نالو جيڪو ماتلي روڊ ڪراس ڪري ديهه 160، 161 ۽ 164 جي ڀرسان گذرندڙ، ڏگهڙي

جي اڃا تائين صفائي نه ڪرائي وئي آهي، جنهن سبب نالي جو پيٽ ۽ ڪنارا برابر ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين کي شڪايتون ۽ درخواستون ڏنيون ويون آهن، پر بار بار ڌيان ڇڪائڻ باوجود ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي.محمد رمضان نوحاڻي وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن هن مسئلي جو جلد حل نه ڪڍيو ويو ته هو معاملو عدالت ۾ کڻي وڃڻ تي غور ڪري رهيا آهن هن ايل بي او ڊي جي عملدارن کان مطالبو ڪيو ته يا ته سيم نالي جي فوري کاٽي ڪرائي ان جا ڪنارا مضبوط ڪيا وڃن يا پوءِ آبادگارن کي اڳواٽ خيما

تبليغ قرآن و سنت جي غير سياسي عالمگير تحريڪ دعوت اسلامي جو اجلاس

سڪرنڊ (ن ع) تبليغ قرآن و سنت جي غير سياسي عالمگير تحريڪ دعوت اسلامي جو اجلاس تعلقه نگران حافظ مختيار علي ڪريمي جي صدارت هيٺ خانزاده هائوس سڪرنڊ تي راجا خانزاده جي سرپرستي هيٺ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ دعوت اسلامي جي ذميوارن ڪانسواءِ تحريڪ سان محبت ڪندڙن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ حاجي روشن علي راهو، حاجي شڪيل احمد عطاري، سيد شبير شاهه، قاري نسيم عطاري، قاري فرقان عطاري ۽ قاضي جاويد عطاري شامل هئا اجلاس جي ايجنڊا ۾ سڪرنڊ بائي پاس تي نئين تعمير ٿيندڙ مدني مرڪز فيضان مدينه بابت تعمير کي مڪمل ڪرڻ هو ان موقعي تي فيضان مدينه تعميراتي ڪاميٽي جي نگران رضوان رئيس خانزاده مسجد جي تعمير بابت ٿيندڙ خرچ ۽ ضرورت بابت اجلاس کي آگاهي ڏني جنهن ۾ اها ڳالهه سامهون آئي ته مدني مرڪز جي مڪمل تعمير لاءِ ڪروڙين روپين جي ضرورت آهي پر وڏن جو چوڻ آهي ته ٿوري ٿوري تلاءُ ان ڪري جيڪڏهن سڀ گڏيل طور ڪوشش ڪنداسين ته ان شاء الله الله سائين جي گهر مسجد شريف جي تعمير مڪمل ٿي سگهي ٿي ان موقعي تي تعلقه نگران حافظ مختيار علي ڪريمي ڳالهائيندي چيو ته اسلامي تاريخ ۾ ڪيترن ئي نبين، صحابه اڪرام ۽ اولياءِ اڪرام جو ذڪر آيو آهي جن ڪيترين ئي مسجدون تعمير ڪرايون آهن ان ڪري اسان کي به انهن جي طريقي تي هلي ڪري مسجدون تعمير ڪرائڻ گهرجن اجلاس ۾ اهو پڻ طئي ڪيو ويو ته مختلف سرندڙ ۽ وارين شخصيتن سان ملاقاتون ڪري مدني مرڪز فيضان مدينه جي تعمير لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون ان موقعي تي ٽائون نگران عمران ايوب قادري آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

سڪرنڊ ۾ ايس ٽي پي جي اڳواڻ قمرالدين برڙو جي 12 هين ورسي ملهائي وئي

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي جاڪوڙي ڪردار سڪرنڊ شهري اتحاد جي باني ڪار ۽ متحرڪ ڪردار مرحوم قمرالدين برڙو جي 12 هين ورسي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان سندس اولاد ذوهيب برڙو ۽ ساٿين پاران ملهائي وئي ان سلسلي ۾ سنڌ جي روحاني مرڪز شهيد جيئي جنگ بادشاهه جي مزار واري قبرستان ۾ سندس قبر تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪرڻ بعد ڪيس لفظن جي پيتا پيش ڪئي وئي ان موقعي تي انڊس جي اڳواڻ مجيد عباسي، ايس ٽي پي جي حسين بخش ڪيريو، قومي عوامي تحريڪ جي مشتاق ماڇوٺي، شاهنواز ڪيريو، ميڊيا سينٽر جي صدر قربان عمراڻي ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته مرحوم قمر برڙو جدوجهد جي علامت، جاڪوڙي ڪردار ۽ سنڌ ڌرتيءَ جو عاشق هو سندس سياسي ۽ سماجي ڪردار سڪرنڊ جي شهرين کي 12 سال گذرڻ باوجود به ڀيرين ڏينهن جيان ياد آهي هنن وڌيڪ چيو ته سڪرنڊ شهري اتحاد جو بنياد وجهڻ ۾ پڻ مرحوم قمرالدين برڙو جو اهم ڪردار هو جڏهن ته شهر ۾ ٽريڊ يونين جو رجحان پيدا ڪرڻ ۽ مختلف تنظيمون جوڙڻ ۾ پڻ سندس نمايان ڪردار هو جڏهن ته پاڻ درزي يونين جو پڻ اڳواڻ هو مرحوم مختلف پليٽ فارم تان جدوجهد ڪئي هنن اهو پڻ چيو ته توڙي جو پاڻ ڪئي ڀيرا گرفتار پڻ ٿيو پر ڪڏهن به جدوجهد تان هٽ نه ڪيو ۽ ساهه جي آخري سگهي تائين سڪرنڊ واسين ۽ سنڌ خاطر پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آخر ۾ سينيئر صحافي قاضي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڙهي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
اربع 10 جُون 2026ع

پرڏيهه ۾ پناهه وٺندڙ شاگردن وارو معاملو: سماجي، معاشي ۽ اخلاقي بحران جو عڪس

قومي اسيمبلي جي قائمه ڪميٽي براءِ داخله جي اجلاس ۾ سامهون ايندڙ انگ اکر پاڪستان لاءِ رڳو انتظامي مسئلو نه پر هڪ سنجيده قومي چئلينج جي نشاندهي ڪن ٿا. ڊي جي ايف آءِ اي پاران پيش ڪيل تفصيل موجب هزارين پاڪستاني مختلف ملڪن ڏانهن ويزا جي آڙ ۾ وڃي اتي پناهه جي درخواستون داخل ڪري رهيا آهن، جڏهن ته ڪجهه گروهه منظم طريقي سان انساني اسمگلنگ ۽ جعلي دستاويزن ذريعي ملڪ کان ٻاهر نڪري رهيا آهن. هيءَ صورتحال نه صرف پاڪستان جي عالمي ساک تي اثرانداز ٿي رهي آهي پر ملڪ جي سفري نظام، روزگار جي دٻاءُ ۽ نوجوانن جي مستقبل بابت به ڪيترائي سوال پيدا ڪري ٿي. ڊي جي ايف آءِ اي جي رپورٽ موجب لڳ ڀڳ 10 هزار پاڪستاني شاگرد ويزا تي برطانيه ويا ۽ بعد ۾ اتي پناهه جي درخواست ڏئي ڇڏي. ساڳي طرح بيلاروس، آذربائيجان ۽ ٻين ملڪن ڏانهن ويندڙ ڪيترائي ماڻهو واپس نه آيا. اهڙن انگن اکرن مان واضح ٿئي ٿو ته ويزا سسٽم جو غلط استعمال هڪ وڌندڙ رجحان بڻجي چڪو آهي. جڏهن هڪ ملڪ جا هزارين شهري هڪ ئي طريقي سان ڪنهن ٻئي ملڪ جي اميگريشن نظام جو غلط فائدو کڻن ٿا ته ان جو سڌو اثر پوري قوم جي ساک ۽ مستقبل جي سفري موقعن تي پوي ٿو. ٻئي طرف انساني اسمگلنگ جا نوان رستا به سامهون اچي رهيا آهن، خاص طور تي ملائيشيا ۽ ازبڪستان جهڙن ملڪن ذريعي غيرقانوني نيٽ ورڪ فعال ٿي رهيا آهن. هي رڳو هڪ قانوني مسئلو ناهي پر هڪ منظم ڏوهن تي ٻڌل انڊسٽري بڻجي چڪي آهي جيڪا غريب ۽ بيروزگار ماڻهن جي مجبورين مان فائدو کڻي ٿي. نوجوان، جيڪي بهتر مستقبل جي ڳولا ۾ پنهنجو ملڪ ڇڏين ٿا، ڪيترائي ڀيرا اهڙن گروهن جو شڪار بڻجي وڃن ٿا، جتي انهن کان وڏي رقم وٺي غير محفوظ ۽ غيرقانوني رستن ذريعي ٻاهر موڪليو وڃي ٿو.

اجلاس ۾ پيش ڪيل انگ اکر ته اهو به ٻڌائن ٿا ته حڪومت ڪجهه حد تائين سخت قدم کنيا آهن. 39 هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي غير قانوني طور ٻاهر وڃڻ جي ڪوشش تي آف لوڊ ڪيو ويو، جڏهن ته انٽرپول ۽ اسٽاپ لسٽ ذريعي به هزارين ماڻهن کي روڪيو ويو. اهڙي ڪارروائي يقينن مثبت قدم آهي، پر سوال اهو آهي ته ڇا رڳو روڪٿام ڪافي آهي يا اصل مسئلي جي پاڙ تائين پهچڻ جي ضرورت آهي؟ غيرقانوني هجرت جا بنيادي سبب معاشي دٻاءُ، بيروزگاري، تعليم ۽ روزگار جا محدود موقعا ۽ عوام ۾ بهتر زندگي جي اميد آهن. جيستائين انهن بنيادي مسئلن کي حل نه ڪيو ويندو، تيستائين صرف سرحدن تي سختي يا سفر روڪڻ سان صورتحال مڪمل طور تبديل نه ٿيندي. ماڻهو خطرا کڻي به ٻاهر وڃڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا. ٻئي طرف هي مسئلو پاڪستان جي عالمي ساک لاءِ به خطرو بڻجي رهيو آهي. جڏهن يورپي يونين ۽ ٻيا ملڪ بار بار ويزا سسٽم جي غلط استعمال تي پاڪستان سان معاملو اٿارين ٿا ته ان جو نتيجو مستقبل ۾ سخت ويزا پاليسين، وڌيڪ انٽرويوز ۽ عام شهرين لاءِ به سفر جي مشڪلاتن جي صورت ۾ نڪري سگهي ٿو. اهو نقصان ڪنهن هڪ فرد جو نه پر سڄي قوم جو هوندو.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت هڪ جامع حڪمت عملي اختيار ڪري. صرف ايف آءِ اي جي ڪارروائين تي ڀاڙڻ بدران، روزگار جا موقعا وڌايا وڃن، فني تعليم کي هٿي ڏني وڃي ۽ نوجوانن لاءِ مقامي سطح تي روزگار جا رستا کوليا وڃن. گڏوگڏ ويزا ايجنٽن ۽ انساني اسمگلنگ نيٽ ورڪن خلاف سخت ۽ مستقل ڪارروائي لازمي آهي، جيئن هن غيرقانوني ڪاروبار جي جڙ ڪٽي سگهجي. ان کان علاوه، عوامي شعور به انتهائي اهم آهي. ماڻهن کي اهو سمجهائڻ ضروري آهي ته جعلي دستاويزن يا پناهه جي غلط دعوائن سان عارضي فائدو ٿي سگهي ٿو پر ڊگهي مدي ۾ اهو نه صرف سندن مستقبل کي نقصان پهچائي ٿو پر ملڪ جي شهرت کي به داغدار ڪري ٿو. بهرحال اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته غيرقانوني هجرت جو مسئلو صرف هڪ انتظامي ناڪامي نه پر هڪ سماجي، معاشي ۽ اخلاقي بحران جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي جيڪڏهن رياست، ادارا ۽ سماج گڏجي سنجيدگيءَ سان قدم نه کڻندا ته هي رجحان وڌيڪ وڌي سگهي ٿو جنهن جا اثر ايندڙ نسلن تائين محسوس ڪيا ويندا.

لاڙ پٽ واسي مهمان نوازي ۽ انسانيت جو امر ڪردار ڪسيرو خاصخيلي!



نور سنڌي

(حصو ٻيو ۽ آخري)

ان زماني ۾ ڪڇ لاڙ ۽ ٿر جي وچ ۾ ايندڙ ويندڙ قافلا سنڌس اوطاق تي ترسندا هئا، ماڻهو اتي آرام ڪندا، ماني کائيندا، پاڻي پيئندا ۽ پنهنجن جانورن کي به چارو ۽ پاڻي ڏيندا هئا. وقت سان گڏ سنڌس اوطاق جي ڳالهه ۽ سنڌس مهمان نوازي جي هاڪ ٻري ٻري تائين پکڙجي وئي. مسافرن جو تعداد وڌڻ لڳو ته ڪسيري مهمانن جي خدمت لاءِ ڪافي ملازم به مقرر ڪيا. گهر جون عورتون ڏينهن رات ٻورچي خاني ۾ مصروف رهنديون هيون. مهمانن لاءِ ڪٽڪ، چانورن جي اٽي جي ماني، دال، سبزيون، ديسي ڪڪڙ جي ڀاڄي، کير، لسي، مکڻ، هٿ وارون سويون، سيرو ۽ ٻيا کاڌا تيار ٿيندا هئا. ڪسيرو خاصخيلي مهمان کي ايمان، برڪت، نعمت ۽ الله جو مهمان سمجهي خدمت ڪندو هو. هو هر مهمان جي انتظار ۾ رهندو هو. سنڌس اوطاق تي شايد ئي ڪو ڏينهن اهڙو گذرندو هجي، جڏهن ڪو مسافر يا مهمان نه اچي. ڳوٺ جا وڏا پنهنجي وڏن کان ٻڌل ڳالهيون ٻڌائين ٿا ته هڪ ڀيري ڪجهه مسافر ٻنا ترسڻ جي اڳتي هليا ويا. انهيءَ ڳالهه ڪيس ايترو ته ڏک ٿيو جو هن هڪ جتي لٽ ۾ ٽنگي ڇڏي ۽ ڪل پوڳ ۾ چوندو هو جيڪو منهنجي مهماني نه کائيندو، قيامت جي ڏينهن اها جتي ان کي لڳندي. هڪ رات جو هڪ مسافر گهوڙي تي سوار سنڌس اوطاق تي اچي پهتو. ڪسيري روايتي انداز سان سنڌس آجيان ڪئي، ماني کارائي، کير پيارايو ۽ ڪچهريءَ کانپوءِ اوطاق تي سمهي رهيا. صبح فجر جي نماز پڙهي پوءِ مهمان لاءِ ناشتو آيو. انهيءَ دوران لڳ ڀڳ هڪ سئو ماڻهو گهوڙن تي سوار اچي پهتا. ڪسيري انهن کي به عزت سان ويهاريو ۽ مانيءَ جي تياري ڪئي. جڏهن حال احوال ورتائين ته انهن ٻڌايو ته هو نئون ڪوٽ مان پيا اچن. رات انهن وٽ چوري ٿي هئي. پيري وٺي وارڙو ڪندا، هتي پهتا آهن ۽ هو چور جي گهوڙي جي سنبن جي نشانن جي پيروي ڪندي هتي پهتا آهن. انهن چيو ته تهنجي اوطاق تي ويٺل اهو شخص اسان جو چور آهي جنهن کي اسان جي حوالي ڪر. ڪسيري وڏي اعتماد سان وراڻيو هيءُ منهنجو مهمان آهي. مون کي يقين آهي ته هن چوري ناهي ڪئي. انهن چيو ته جيڪڏهن تون سچ ٿو چوين ته مسجد ۾ قسم هلي کڻ ته اسان کي اعتبار ٿئي. ڪسيري ٻنا ڪنهن هٻڪ جي مسجد ڏانهن هلڻ لڳو. جڏهن هو مسجد جي در تي پهتا ته مهمان اوچتو ٻوڙي آيو ۽ ڪسيري کي چيائين ته تون قسم نه کڻ تون سچو ۽ نيڪ انسان آهين. مون چوري ڪئي آهي. سامان فلاڻي هنڌ ٻنيءَ ۾ لڪل آهي.

وارڙي کي سامان واپس ملي ويو. هو به ڪسيري کي عزت ڏئي واپس هليا ويا. چور ڪسيري جي ڪردار کان ايترو متاثر ٿيو جو توبهه ڪيائين ۽ وري ڪڏهن به چوري نه ڪيائين. ان ظاهر آهي ته نيڪي ۽ محبت اهڙو اثر ڇڏيندي آهي، جيڪو تلوار به نٿي ڇڏي سگهي. هڪ ڀيري ڪوٽ لکپت جو هڪ واڻيو واپاري ڪسيري وٽ سون امانت طور رکي ويو. هن چيو ته مان سفر تي وڃان ٿو، واپسيءَ تي اچي امانت وٺندس. واپاري سفر دوران بيمار ٿي پيو ۽ ٻه سال گذري ويا. جڏهن واپس آيو ته ڪيس دل ۾ انديشو هو ته شايد سنڌس امانت نه ملي. پر ڪسيرو خاصخيلي نه فقط ڪيس سڃاتو پر اها ساڳي هڙ ڪڍي آيو، جنهن ۾ سون محفوظ رکيل هو. واپاري حيران ٿي چيس ته مون کي خوف هو ته شايد منهنجي امانت واپس نه ملي. ڪسيري جواب ڏنو ته امانت تنهنجي هئي، آئون ڇو کڻان ها؟ هيءُ واقعو اڄ به ايمانداري ۽ امانتداريءَ جو مثال بڻيل آهي. ڪسيرو خاصخيلي فقط هڪ سخي زميندار نه هو پر سماجي خدمتگار به هو. پاڻ مسافرن، غريبن، يتيمن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪندو هو. سنڌس اوطاق تي امير ۽ غريب ۾ ڪو فرق نه هوندو هو. هر ماڻهو لاءِ دل جا در کليل هوندا هئا. ان زماني ۾ جڏهن سرڪاري مسافرخانا، سرائون يا خانگي هوٽلون نه هيون، تڏهن اهڙيون اوطاقون ئي ماڻهن جي زندگين جو سهارو هونديون هيون. هڪ ڀيري ڪجهه مهمان آيا پر ڪسيرو خاصخيلي اوطاق تي ڪونه هو ۽ ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويل هو. ملازم ڪم ۾ مصروف هئا. مهمان ويٺا پر بيزار ٿي نڪتا. سامهون ڪسيرو آيو پئي. مسافرن کي ويندو ڏسي پڇيائين ته توهان ڪجهه کاڌو پيتو؟ هنن انڪار ڪري چيو ته ڪنهن پڇيو ئي ڪونه. اوطاق وٺي نالو وڏو پر ڪسيرو فوڪائي آهي. هنن به ڪسيرو کي سڃاتو ڪونه. ڪسيرو انهن ناراض مسافرن کي واپس اوطاق تي وٺي آيو ۽ ماني کارائي. جڏهن هو وڃڻ لڳا ته هنن پڇيو ته ادا تون ڪير آهين؟ ڪسيري پنهنجو تعارف ڪرايو پوءِ هو به ناشڪرا ماڻهو شرمندا ٿيا. سنڌس دوستيءَ ۾ رب وارو اشرف ٽيو، جاڻ لوهار، سيلو منڊرو، مصري ڀٽڙ منڊرو دوست هئا. جيڪي به پنهنجي علائقي ۽ دور جا سخي مرد هئا. هڪ دفعي لاڙ ۽ ٿر ۾ ڏڪار آيو. ماڻهو اَنُ (ڪٽڪ) جي داڻي لاءِ سڪي رهيا هئا ۽ هر طرف بک ۽ بدحالي هئي. ماڻهن ڪسيري خاصخيلي جي اوطاق سون جي تعداد ۾ اچي رهيا. ڏينهن رات ترسيا پيا هوندا هئا ۽ سخي ڪسيرو خاصخيلي سندن مهمان نوازي ڪندو رهيو. ڪسيرو خاصخيلي کي اولاد نه ٿيو پر سنڌ سئوٽ محمد صالح ولد ستار ڏنو خاصخيلي هو. جنهن جي اولاد مان وڏو پٽ پهرين عبدالله، ٻيو حاجي سڄاول، ٽيون دلدار احمد، چوٿون ڪسيرو ٿيا. عبدالله کي ٽي نياڻيون ۽ پنج پٽ ٿيا. جن ۾ وڏو محمد قاسم، ٻيو لونگ، ٽيون محمد موسىٰ، چوٿون محمد، پنجون سڪندر. حاجي سڄاول جنهن جو نالو سڄاول شهر تي رکيو ويو چون ٿا ته سڄاول اصل خاصخيلي هو. جنهن کي ٽي نياڻيون، ٻه پٽ غلام حسين ۽ لعل خان هئا. دلدار احمد کي 6 پٽ ٿيا. جن ۾ محمد امين جيڪو اسان جو اسلاميا ڪاليج کان دوست، سياسي، سماجي ڪارڪن ۽ پيارو ماڻهو آهي. ٻيو هميں، ٽيون عبدالرشيد، چوٿون بشير احمد، پنجون عنايت علي ۽ ڇهون مجيب الرحمان. ڪسيرو جي خاندان وارا به مهمان نواز، همدرد انسان دوست آهن. سنڌس ڪو وڏو محل نه هو، نه ڪو خزانو نه ڪو لشڪر پر هن وٽ اهو وڏو خزانو هو ته هو

نئين مالي سال جي وفاقي بجيٽ ۾ دير جا ڪارڻ

سرمد منصور

وفاقي بجيٽ 12 جون تي پيش ٿيڻ جا امڪان ٻڌايا وڃن پيا، جڏهن ته قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جو هنگامي اجلاس اڄ گهرايو ويو آهي جا رڳو هڪ پارليامينٽري ڪارروائي نه آهي پر پاڪستان جي معاشي، سياسي ۽ وفاقي نظام اندر هلندڙ شديد دٻاءُ ۽ ڳالهه ٻولهه جو عڪس آهي. موجوده صورتحال ظاهر ڪري ٿي ته بجيٽ صرف انگن اکرن جو دستاويز نه رهي آهي پر اها هاڻي سياسي مفاهمت، صوبائي حقن، وسيلن جي ورهاست ۽ مرڪز ۽ صوبن جي اعتماد جي امتحان جو ميدان بڻجي چڪو آهي. قومي اسيمبلي جو اجلاس شام 5 وڳي ۽ سينيٽ جو اجلاس شام 4 وڳي طلب ٿيڻ سان گڏ بجيٽ جي تياريءَ واري عمل کي غيرمعمولي رفتار ڏني وئي آهي. عام طور تي اهڙا اهم اجلاس هڪ ڊگهي تياري ۽ ترتيب سان ٿيندا آهن. پر هن ڀيري صورتحال ڪجهه مختلف نظر اچي ٿي. حڪومتي ذريعن موجب بجيٽ جي منظوريءَ جا سمورا مرحلا صرف هڪ هفتي اندر مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جيڪو پاڻ ۾ هڪ غير معمولي ۽ دٻاءُ واري حڪمت عمليءَ کي ظاهر ڪري ٿو. اهڙي تيز رفتار عمل سان بجيٽ تي تفصيلي پارليامينٽري بحث جو دائرو محدود ٿيڻ جو خدشو به پيدا ٿئي ٿو جيڪو جمهوريت جي بنيادي روح يعني تفصيلي بحث ۽ شفاف نگرانيءَ لاءِ سواليا نشان بڻجي سگهي ٿو. ان سموري عمل جي وچ ۾ پارليامينٽري مامرن واري وزير طارق فضل چوڌري جو اهو بيان به اهميت رکي ٿو ته بجيٽ 12 جون تي پيش ٿيڻ جو امڪان آهي. اهو "امڪان" وارو لفظ ئي ظاهر ڪري ٿو ته اڃا به حتمي سياسي ۽ انتظامي هم آهنگي مڪمل طور تي طئي نه ٿي آهي ۽ ڪجهه اهم فيصلا آخري لمحن تائين جاري ڳالهين سان ڳنڍيل آهن.

ٻئي طرف، ملڪ جي اعليٰ قيادت جي سطح تي ٿيندڙ ملاقاتن هن سڄي عمل کي وڌيڪ سياسي رنگ ڏئي ڇڏيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ صدر آصف علي زرداريءَ وچ ۾ ٿيندڙ اهم ملاقات صرف رسمي ملاقات نه هئي پر ان ۾ ايندڙ مالي سال جي بجيٽ، قومي سلامتي، علائقائي صورتحال ۽ صوبائي تعلقات جهڙا بنيادي معاملا بحث هيٺ آيا. اهڙي ملاقات مان اهو واضح ٿئي ٿو ته بجيٽ هاڻي صرف وزارت خزانه جو معاملو نه رهي آهي پر اها سياسي اتحادن ۽ حڪومتي اتحاد جي بقا سان به جڙيل آهي. خاص طور تي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ حڪومتي اتحاد وچ ۾ بجيٽ تي اتفاق ۽ پبلڪ سيڪٽر ڊولپمينٽ پروگرام (PSDP) بابت هم آهنگي هڪ اهم پيش رفت طور سامهون آئي آهي. ذريعن مطابق پيپلز پارٽي بجيٽ منظور ڪرائڻ لاءِ "گرين سگنل" ڏئي ڇڏيو آهي، جيڪو سياسي لحاظ کان حڪومت لاءِ هڪ اهم سپورٽ تصور ڪيو پيو وڃي. اهڙي هم آهنگي عام حالتن ۾ بجيٽ جي منظوريءَ کي آسان بڻائي سگهي ٿي، پر گڏوگڏ اهو به ظاهر ڪري ٿي ته هر سياسي حمايت جي پويان ڪجهه نه ڪجهه پاليسي يا وسيلن جي ورهاست جا معاملا ضرور شامل هوندا آهن. ان ملاقات ۾ نه رڳو وفاقي بجيٽ پر گلگت بلتستان جي چونڊن، آزاد ڪشمير جي صورتحال، امن امان ۽ علائقائي سيڪيورٽي جهڙا حساس موضوع به بحث هيٺ آيا. خاص طور تي آزاد ڪشمير بابت بحث ۽ سياسي صلاح مشورو ان ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿو ته وفاقي حڪومت خطي جي سياسي استحڪام کي به بجيٽ ۽ حڪمرانيءَ جي وسيع فريم ورڪ سان ڳنڍيندي ڏسي رهي آهي.

ٻئي پاسي بجيٽ جي دير جو اصل ۽ وڌيڪ بنيادي سبب اين ايف سي ايوارڊ جي پول مان وسيلن جي ورهاست تي پيدا ٿيل اختلاف آهي. ذريعن موجب وفاق ۽ صوبن وچ ۾ وسيلن جي ورهاست تي شديد اختلاف موجود آهي. وفاق جو مطالبو آهي ته ڪيس اضافي وسيلن جي ضرورت آهي، جڏهن ته صوبن جو موقف آهي ته موجوده فارمولي تحت انهن جو حصو گهٽ ڪرڻ قبول نه ڪيو ويندو. وفاق پاران تقريباً 1200 ارب رپين جي اضافي وسيلن جي گهرج هڪ وڏي معاشي دٻاءُ کي ظاهر ڪري ٿي. حڪومت جو دليل آهي ته اهي اضافي وسيلا دفاع، قومي سلامتي ۽ عوامي رليف جهڙن شعبن تي خرچ ڪيا ويندا پر صوبائي حڪومتون ان خدشي جو اظهار ڪري رهيون آهن ته جيڪڏهن انهن جي حصي ۾ ڪٽوتي ڪئي وئي ته صوبائي ترقياتي منصوبن ۽ عوامي خدمتن تي منفي اثر پئجي سگهن ٿا. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته موجوده اين ايف سي فارمولي تحت صوبن جو مجموعي حصو 9400 ارب رپيا بڻجي ٿو جڏهن ته وفاق جي خواهش آهي ته اهو گهٽجي 8200 ارب رپين تائين اچي. اهو فرق رڳو انگن اکرن جو نه آهي پر وفاقي نظام جي توازن ۽ اعتماد جو امتحان آهي. پنجاب، سنڌ، خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان مان مختلف سطح تي ڪٽوتي جي مطالبن سان گڏ صوبائي حساسيت به سامهون اچي ٿي جتي هر صوبو پنهنجي معاشي حقن جي حفاظت کي اوليت ڏئي رهيو آهي. انهن ڳالهين دوران سنڌ لاءِ ترقياتي بجيٽ ۾ ڪجهه واڌ جو ذڪر به سامهون آيو آهي جيڪو بظاهر هڪ مثبت قدم آهي پر مجموعي تڪرار جي پس منظر ۾ اهو مسئلو اڃا به حل ٿيل نظر نٿو اچي. ڇو ته اصل مسئلو صرف ترقياتي بجيٽ جو نه پر وفاق ۽ صوبن وچ ۾ وسيلن جي مستقل ۽ منصفانه ورڇ جو آهي. ان سموري صورتحال ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت، صدر آصف علي زرداري جي سياسي هم آهنگي ۽ اتحادي پارٽين جي وچ ۾ مفاهمت هڪ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. پيپلز پارٽيءَ طرفان ڪجهه معاملن تي "ٽيڪنيڪل ڪميٽين" ذريعي ڳالهيون جاري رکڻ جو فيصلو اهو ظاهر ڪري ٿو ته سياسي حل لاءِ دروازا اڃا به بند نه ٿيا آهن. ٻئي طرف وزير خزانه محمد اورنگزيب جي موجودگي ۽ اقتصادي پوزيشن اها ظاهر ڪري ٿي ته حڪومت معاشي استحڪام ۽ مالي نظم و ضبط کي بنيادي ترجيح ڏئي رهي آهي جڏهن ته وزير داخلا محسن نقوي جي علائقائي سفارتڪاري بابت بريفنگ ۽ سياسي رابطا اهو ڏيکارين ٿا ته بجيٽ هاڻي صرف اندروني معاشي دستاويز نه رهيو آهي پر اهو خارجي ۽ سيڪيورٽي پاليسيءَ سان به ڳنڍجي چڪو آهي.

اصل سوال اهو آهي ته ڇا پاڪستان جو موجوده سياسي ۽ معاشي نظام اهڙي تيزرفتار بجيٽ منظوريءَ کي سنڀالي سگهندو يا ڇا محدود بحث ۽ جلدي فيصلا مستقبل ۾ وڌيڪ معاشي ۽ انتظامي مسئلن کي جنم ڏيندا؟ بجيٽ جي تياريءَ ۾ جيڪڏهن صوبائي اعتماد، پارليامانی بحث ۽ شفافيت کي قربان ڪيو وڃي ٿو ته پوءِ ان جو اثر صرف انگن اکرن تائين محدود نه رهندو پر اهو سڌو سنئون عوام جي زندگيءَ تي پوندو. ان وقت جڏهن ملڪ مهانگائي، معاشي دٻاءُ ۽ ترقياتي چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي بجيٽ کي هڪ متوازن، شفاف ۽ جامع دستاويز هجڻ گهرجي جيڪو نه صرف حڪومت جي مالي ضرورتن کي پورو ڪري پر عوام جي اميدن ۽ صوبائي حقن جو به خيال رکي. جيڪڏهن وفاق ۽ صوبن وچ ۾ اعتماد بحال نه ٿيو ته پوءِ هر سال بجيٽ هڪ نئين سياسي تڪرار جو سبب بڻجندي رهندي. ڏسجي ته موجوده صورتحال اهو ٻڌائي ٿي ته پاڪستان جو بجيٽ عمل هڪ نازڪ موڙ تي بيٺو آهي. هڪ طرف سياسي مفاهمت ۽ اتحاد جون ڪوششون آهن ته ٻي طرف وسيلن جي ورڇ تي بنيادي اختلاف. جيڪڏهن انهن ٻنهي پاسن کي متوازن نه ڪيو ويو ته بجيٽ صرف هڪ مالي اعلان رهجي ويندو نه ڪي اقتصادي بحاليءَ جو رستو بڻجي سگهندو.

ڪچي ۾ امن ۽ سنڌ جي بااثر طبقن جون ذميواريون!

محمد خان ابڙو

سنڌ جو ڪچو علائقو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڏوهن، پنگ لاءِ اغوا، قبيلائي جهيڙن ۽ ڌاڙيل راڄ سبب نه رڳو رياست پر عام ماڻهن لاءِ به هڪ وڏو مسئلو بڻيل رهيو آهي. سنڌو درياهه جي ڪنارن سان لڳل هي وسيع ۽ ڏکيا علائقا ڊگهي عرصي تائين ڏوهاري ٽولن لاءِ محفوظ پناهگاهون سمجهيا ويندا رهيا، جتي هو آسانيءَ سان لڪي ويهندا هئا ۽ ڪيترائي ڀيرا سرڪاري قانون ۽ رياستي اختيار کي چئلينج ڪندا رهيا پر گذريل ڪجهه سالن دوران صورتحال ۾ نمايان تبديلي ڏسڻ ۾ آئي آهي. سنڌ پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لڳاتار ڪارروايون ڪري ڪيترائي ڏوهاري ٽاڪ تباهه ڪيا آهن، جڏهن ته ڪيترن ئي خطرناڪ ڌاڙيلن کي گرفتار يا مقابلي دوران ماريو ويو آهي. ڪجهه ڌاڙيل ٽولن هٿيار ڦٽا ڪري پُرامن زندگي اختيار ڪرڻ ۽ قومي ڌاري ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان پڻ ڪيو آهي. اهي ڪاميابيون ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهن ته جيڪڏهن رياست سنجيدگي، مضبوط ارادي ۽ مستقل مزاجي سان ڪم ڪري ته ڪچي جهڙن پيچيده ۽ ڏکين علائقن ۾ به قانون جي حڪمراني قائم ڪري سگهجي ٿي. تنهن هوندي به اڄ به هڪ اهم سوال موجود آهي ته آخر آهي ڪهڙا سبب ۽ حالتون هيون، جن ڪچي جي علائقن کي ايتري ڊگهي عرصي تائين بدامني، ڏوهن ۽ ڌاڙيلن جي سرگرمين جو مرڪز بڻائي رکيو؟ هن سوال جو صحيح جواب ڳولڻ لاءِ سنڌ جي روايتي سماجي، سياسي ۽ قبيلائي نظام جو جائزو وٺڻ ضروري ٿي پوي ٿو ڇاڪاڻ ته ڪيترائي ماهر سمجهن ٿا ته غربت، بيروزگاري، قبيلائي اثر رسوخ، سياسي مداخلت ۽ رياستي ادارن جي ڪمزور موجودگي جهڙا عنصر به ڪچي جي مسئلن کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن. سنڌ جي ڀهراڙي وارن علائقن ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان سردارن، وڏيرن ۽ بااثر خاندانن جو گهرو اثر رسوخ رهيو آهي. اهو اثر صرف زمينداري يا زراعت تائين محدود نه رهيو آهي، پر سياست، سماجي معاملن ۽ ڪڏهن ڪڏهن انتظامي فيصلن تائين به پکڙيل رهيو آهي. ڪيترن ئي علائقن ۾ ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ، جهيڙن ۽ تڪرارن جو نبيرو ڪرڻ ۽ سياسي فيصلا ڪرڻ ۾ مقامي بااثر شخصيتن جو ڪردار ايترو مضبوط رهيو آهي، جو ڪيترن موقعن تي سندن اثر سرڪاري ادارن کان به وڌيڪ نمايان نظر آيو آهي. انهيءَ ڪري جڏهن ڪچي جي علائقن ۾ بدامني ۽ ڏوهن جي صورتحال جو جائزو ورتو وڃي ٿو ته سردارن، وڏيرن ۽ ٻين بااثر طبقن جي ذميوارين جو ذڪر ڪرڻ ضروري بڻجي وڃي ٿو. البته اهو چوڻ به درست نه هوندو ته سڀ جا سڀئي سردار يا وڏيرا ڪچي جي بدامني جا ذميوار هئا. حقيقت ۾ ڪيترن ئي بااثر خاندانن پنهنجي علائقن ۾ تعليم جي واڌاري، ترقياتي ڪمن، امن امان جي بهتري ۽ ماڻهن جي ڀلائي لاءِ مثبت ۽ ساراهه جوڳو ڪردار ادا ڪيو آهي پر ساڳئي وقت اها به هڪ حقيقت آهي ته ڪجهه علائقن ۾ روايتي طاقت جي مرڪزن اهڙو ماحول پيدا ڪيو، جتي قانون ۽ سرڪاري ادارن جي گرفت ڪمزور ٿيندي وئي، جڏهن ته شخصي اثر رسوخ، قبيلائي طاقت ۽ ذاتي حڪمراني وڌيڪ مضبوط ٿيندي وئي. جڏهن ڪنهن علائقي ۾ قانون بدران شخصيتن جي طاقت ۽ اثر کي اهميت ڏني وڃي ۽ ماڻهو پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ سرڪاري ادارن بدران بااثر ماڻهن تي ڀاڙڻ لڳن، تڏهن ڏوهاري عنصرن لاءِ به جڳهه پيدا ٿي ويندي آهي. اهڙي ماحول ۾ ڌاڙيل، اغواڪار ۽ ٻيا ڏوهاري ٽولا آسانيءَ سان پنهنجا نيٽ ورڪ قائم ڪري وٺندا آهن. اهڙيون حالتون ئي وقت سان گڏ ڪچي جي ڪجهه علائقن ۾ ڏوهن ۽ بدامني جي واڌ ويجهه جو سبب بڻجنديون رهيون آهن. اڄ سنڌ هڪ انتهائي اهم موڙ تي بيٺل آهي. هڪ پاسي رياستي ادارن، خاص طور سنڌ پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، ڪچي جي علائقن ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ اهم اڳڀرائي ڪئي آهي. سنڌ پوليس جي قربانين، بهادري ۽ ڪاميابين کي تسليم ڪرڻ ضروري آهي، جو ته ڪيترن ئي پوليس اهلڪارن پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي ڪچي جي علائقن ۾ ڏوهاري ٽولن خلاف ڪارروايون ڪيون آهن. پر ساڳئي وقت انهن سماجي، سياسي ۽ معاشي سببن جو به سنجيدگي سان جائزو وٺڻ گهرجي، جن سالن تائين بدامني، ڌاڙيل ڪلچر ۽ ڏوهن کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو فراهم ڪيو. جيڪڏهن انهن بنيادي سببن کي نظرانداز ڪيو ويو ته امن جون ڪوششون ڊگهي عرصي تائين پائيدار ثابت نه ٿي سگهنديون. جيڪڏهن رياست جو عزم ۽ سنجيدگي اهڙيءَ ريت برقرار رهي، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا پنهنجي ڪارروائين کي جاري رکن، بااثر طبقا پنهنجي ذميوارين جو احساس ڪندي ڏوهن جي سرپرستي بدران امن جي حمايت ڪن ۽ گڏوگڏ ترقياتي منصوبن کي به تيزي سان اڳتي وڌايو وڃي، ته پوءِ اهو ڏينهن گهڻو پري ناهي جڏهن سنڌ جو ڪچو علائقو ڌاڙيل راڄ، اغوا براءِ تاوان ۽ بدامني جي علامت بدران امن، ترقي، تعليم، زراعت ۽ خوشحالي جي سڃاڻپ بڻجي ويندو. اِها ئي سنڌ جي عوام جي خواهش آهي ۽ اها ئي هڪ مضبوط ۽ مستحڪم معاشري جي ضرورت آهي.

راهداري: پاڪستان جي معاشي تبديلي ۽ SIFC جو ڪردار

شهزاد سليم

معاشي تاريخ اِهو ثابت ڪري ٿي ته قومون تڏهن ترقي ڪنديون آهن جڏهن اُهي بهتر نموني سان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هونديون آهن. قديم سلڪ روڊ کان وٺي جديد عالمي سپلائي چينز تائين رابطي جا رستا هميشه واپار، صنعتڪاري، سيڙپڪاري ۽ معاشي واڌ ويجهه جو اهم ذريعو رهيا آهن. روڊ، ريلوي نظام، بندرگاهه، هوائي اڏا، ڊجيٽل نيٽ ورڪ ۽ توانائي جا ڪوريڊور اهي بنيادي رستا آهن جن ذريعي معاشي سرگرميون جاري رهن ٿيون ۽ اڳتي وڌن ٿيون. راهداري سڌي طرح قومي پيداوار ۽ جي ڊي پي جي واڌ تي اثرانداز ٿئي ٿي. موثر ٽرانسپورٽ نظام لاجسٽڪ خرچن کي گهٽائي ٿو، سپلائي چين جي اعتبار کي بهتر بڻائي ٿو، مارڪيٽن تائين رسائي آسان ڪري ٿو، برآمدات جي مقابلي واري صلاحيت وڌائي ٿو ۽ ملڪي توڙي پرڏيهي سيڙپڪاري کي متوجه ڪري ٿو. ٽرانسپورٽ جي وقت ۽ مال برداري جي خرچن ۾ هر گهٽتائي پيداوار جي لاڳت گهٽائي ٿي، صنعتي پيداوار وڌائي ٿي ۽ معاشي ڪارڪردگي کي مضبوط بڻائي ٿي. تنهن هوندي به پاڪستان جو لاجسٽڪ نظام اڃا تائين غير متوازن آهي. تقريباً 95 سيڪڙو مال برداري روڊن ذريعي ٿئي ٿي جڏهن ته ريل ذريعي صرف 4 سيڪڙو ۽ هوائي ڪارگو ذريعي لڳ ڀڳ هڪ سيڪڙو سامان منتقل ٿئي ٿو. شاهراهن تي هن حد کان وڌيڪ انحصار سبب لاجسٽڪ خرچ وڌن ٿا، بنيادي ڍانچي جي تيزيءَ سان خراب ٿيڻ جو سبب بڻجن ٿا، ٽريفڪ جي رش وڌي ٿي ۽ مقابلي جي صلاحيت متاثر ٿئي ٿي. ان ڪري گهڻ وسيلا (Multi-modal) رابطي کي مضبوط ڪرڻ هڪ معاشي ضرورت بڻجي چڪو آهي.

پاڪستان جو قومي رابطي وارو نظام وڏي حد تائين هڪ مضبوط اتر-ڏکڻ معاشي محور جي چوڌاري منظم آهي جيڪو گوادر، ڪراچي ۽ پورٽ قاسم کان شروع ٿي سنڌ، پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه مان گذرندي گلگت بلتستان تائين پهچي ٿو ۽ اڳتي هلي چين سان ڳنڍجي ٿو. هي ڪوريڊور ملڪ جي اڪثر واپار ۽ مال برداري کي سنڀالي ٿو ۽ CPEC سميت مستقبل جي علائقائي واپاري منصوبن لاءِ به هڪ ريڙهه جي هڏي طور ڪم ڪري ٿو، پر اوڀر-اولهه طرف وارو رابطي وارو نظام اڃا تائين گهٽ ترقي يافته آهي. ريلوي جو ڍانچو روڊن جي واڌ جي مقابلي ۾ پوئتي رهجي ويو آهي جڏهن ته بلوچستان، گلگت بلتستان ۽ آزاد جمون ۽ ڪشمير جهڙا علائقا اڃا تائين محدود ٽرانسپورٽ رستن تي ڀاڙين ٿا. ان صورتحال ۾ مستقبل جي پاليسين کي اهڙي ريت ترتيب ڏيڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ لچڪ، علائقائي گڏيل ترقي ۽ متوازن ترقي کي خاص اهميت ڏني وڃي ته جيئن ملڪ جي سڀني علائقن کي برابر ترقي جا موقعا ملي سگهن. اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (SIFC) جي قيام وفاقي وزارتن، صوبائي حڪومتن، ترقياتي ڀائيوارن، سيڙپڪارن ۽ عملدرآمد ڪندڙ ادارن جي وچ ۾ هم آهنگي کي نمايان طور تي بهتر بڻايو آهي. بيوروڪريٽڪ رڪاوٽن کي گهٽائڻ ذريعي SIFC ڪيترن ئي اسٽريٽجڪ بنيادي ڍانچي جي منصوبن کي تيز ڪيو آهي جيڪي پاڪستان جي معاشي منظرنامي کي نئين شڪل ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿا. پاڪستان جي سڀ کان وڌيڪ تبديلي آڻيندڙ منصوبن مان هڪ مين لائين-1 (ML-1) جي جديدڪاري آهي جيڪا 1,733 ڪلوميٽر ڊگهي ريلوي لائين آهي جيڪا ڪراچي کي پشاور سان ڳنڍي ٿي. هي ML-1 ريلوي لائين پاڪستان جي اهم صنعتي، زرعي ۽ واپاري علائقن مان گذري ٿي ۽ ملڪ جي معيشت لاءِ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. اهو منصوبو بندرگاهن، اسپيشل اڪنامڪ زونز (SEZs)، صنعتي علائقن (انڊسٽريل اسٽيٽن) ۽ لاجسٽڪ مرڪزن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيندو، جنهن سان واپار ۽ مال برداري جو نظام وڌيڪ تيز، سولو ۽ جديد بڻجي سگهي ٿو. جديدڪاري سان ٽرينن جي رفتار وڌندي، مال برداري جي ڪارڪردگي بهتر ٿيندي، لاجسٽڪ خرچ گهٽبا ۽ سامان جي منتقلي روڊن کان ريل ڏانهن منتقل ٿيندي. هيءُ منصوبو ڪراچي پورٽ، پورٽ قاسم، فيصل آباد جي صنعتي ڪلسٽرن، علامه اقبال انڊسٽريل سٽي، رشڪئي SEZ، ڏابيجي SEZ ۽ ٻين لاجسٽڪ سهولتن کي هڪ گڏيل مال برداري نيٽ ورڪ ۾ تبديل ڪندو.

هڪ ٻيو اهم منصوبو ٿر ريل رابطي وارو منصوبو آهي جيڪو پاڪستان جي وسيع مقامي ڪوئلي جي ذخيرن کي قومي ريلوي نيٽ ورڪ سان ڳنڍي ٿو. هي منصوبو ٿر جي ڪوئلي کي ملڪ جي مختلف پاور پلانٽن تائين پهچائڻ ۾ مدد ڏيندو، جنهن سان درآمدي ايندهن تي انحصار گهٽ ٿيندو ۽ قومي توانائي جي سلامتي مضبوط ٿيندي. تجويز ڪيل 169 ڪلوميٽر ڊگهي ڪراچي پورٽ–حيدرآباد موٽروي (M-10) کي هڪ خاص مال برداري ڪوريڊور طور تيار ڪيو پيو وڃي جيڪو ڪراچي پورٽ کي سڌو قومي موٽروي نيٽ ورڪ سان ڳنڍيندو. هي منصوبو سامان جي تيز منتقلي، شهري رش ۾ گهٽتائي، بندرگاهن جي ڪارڪردگي ۾ بهتري ۽ برآمدات جي واڌ کي هٿي ڏيندو. SIFC سيالڪوٽ-کاريان موٽروي (M-12) ۽ کاريان-راولپنڊي موٽروي (M-13) تي پڻ پيش رفت کي آسان بڻايو آهي جن کي مستقبل جي ٽريفڪ گهرجن کي نظر ۾ رکندي ڇهه-لين موٽرويز ۾ اپگريڊ ڪيو ويو آهي. اِهي منصوبا اتر پنجاب ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط ڪندا، صنعتي مرڪزن تائين رسائي بهتر بڻائيندا ۽ علائقائي ترقي کي فروغ ڏيندا. خاص طور تي سيالڪوٽ، جيڪو پنهنجي برآمداتي صنعتن جي ڪري عالمي شهرت رکي ٿو، انهن منصوبن مان گهڻو فائدو حاصل ڪندو. گوادر پاڪستان جي سڀ کان اهم اسٽريٽجڪ رابطي واري اثاثن مان هڪ آهي. گوادر پورٽ ۽ نئون گوادر انٽرنيشنل ايئرپورٽ پاڪستان کي علائقائي سطح تي هڪ اهم لاجسٽڪ ۽ واپاري مرڪز بڻائڻ جي وڏي صلاحيت رکن ٿا. اهم روڊ رابطن جي مڪمل ٿيڻ، خاص طور تي M-8 موٽروي (رتوديرو–گوادر) جي باقي حصن جي تعمير مڪمل ٿيڻ سان گوادر ۽ ملڪ جي ٻين علائقن جي وچ ۾ رابطي ۾ واضح ۽ نمايان بهتري اچي سگهندي. گوادر جي اهميت صرف پاڪستان تائين محدود ناهي پر اهو اولهه چين، افغانستان ۽ وچ ايشيا لاءِ به هڪ ويجهو گرم پاڻي وارو بندرگاهه بڻجي سگهي ٿو جتي واپار ۽ مال برداري لاءِ بهتر ۽ تيز رستا موجود هوندا. پاڪستان جي هوابازي شعبي ۾ پڻ وڏي صلاحيت موجود آهي. ڪراچي، لاهور، اسلام آباد ۽ گوادر جا هوائي اڏا مسافرن جي سفر کي سهولت فراهم ڪن ٿا، پر هوائي مال برداري اڃا تائين گهٽ ترقي يافته آهي. هوائي اڏن، SEZs، لاجسٽڪ پارڪن ۽ برآمداتي صنعتن جي وچ ۾ وڌيڪ انضمام پاڪستان جي عالمي ويليو چينز ۾ شموليت کي وڌائي سگهي ٿو. ڊجيٽل رابطا پاڪستان جي هڪ ٻي تيزيءَ سان اڀرندڙ طاقت آهن. پاڪستان چين سان فائبر آپٽڪ لنڪن ۽ ڪيترن ئي سب ميرين ڪيبل رابطن مان فائدو حاصل ڪري ٿو. جيئن جيئن ڊجيٽل واپار، ڊيٽا سروسز ۽ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل صنعتون وڌنديون، تيئن تيئن ڊجيٽل رابطا معاشي ترقي ۽ علائقائي انضمام ۾ وڌيڪ اهم ڪردار ادا ڪندا. پاڪستان وٽ ڪيترائي اهم خاصيتون موجود آهن جيڪي ان کي هڪ اهم علائقائي رابطي جو مرڪز بڻائي سگهن ٿيون. انهن ۾ اسٽريٽجڪ جاگرافيائي هنڌ، گهرا پاڻي وارا بندرگاهه، وڌندڙ موٽروي نيٽ ورڪ، ترقي پذير لاجسٽڪ ڍانچو، تيزيءَ سان وڌندڙ ڊجيٽل رابطا ۽ علائقائي مارڪيٽن تائين رسائي شامل آهن. هن خواب کي حقيقت بڻائڻ لاءِ ريلوي جي جديدڪاري، گهڻ وسيلائي (Multi-modal) لاجسٽڪ نظام، بندرگاهن جو بهتر انضمام، هوائي مال برداري جي ترقي ۽ علائقائي واپاري ڪوريڊورن ۾ مسلسل سيڙپڪاري انتهائي ضروري آهي. ML-1 جي جديدڪاري، ٿر ريل رابطي وارو منصوبو، M-10، M-12 ۽ M-13 موٽروي منصوبا، گوادر جو انضمام، هوائي اڏن جي جديدڪاري ۽ ڊجيٽل رابطن جا اهي سڀ منصوبا گڏجي پاڪستان جي مستقبل جي معاشي ڍانچي جو بنياد بڻجن ٿا. SIFC جي سهولتڪار ڪردار ذريعي اهي منصوبا آهستي آهستي قومي معاشي مقصدن سان وڌيڪ هم آهنگ ٿيندا پيا وڃن. جيڪڏهن انهن منصوبن تي ڪاميابي سان عمل ڪيو ويو ته لاجسٽڪ خرچ گهٽجي سگهن ٿا، صنعتڪاري کي هٿي ملي سگهي ٿي، سيڙپڪاري وڌي سگهي ٿي، برآمدات ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو، علائقائي رابطن ۾ بهتري اچي سگهي ٿي ۽ ملڪ جي مجموعي جي ڊي پي جي واڌ ۾ به نمايان حصو پئجي سگهي ٿو. ڪامياب معيشتن مان سکيل سبق بلڪل واضح آهي: رابطو واپار کي جنم ڏئي ٿو، واپار سيڙپڪاري کي متوجه ڪري ٿو ۽ سيڙپڪاري آخرڪار خوشحالي پيدا ڪري ٿي. اڄ جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي رابطن واري ڍانچي کي مضبوط ڪري ٿو ته اهو هڪ وڌيڪ مقابلي وارو، مضبوط ۽ خوشحال مستقبل جي بنياد رکي رهيو آهي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 10 جُون

رسول بخش درس



اڄ مشهور ڪهاڻيڪار رسول بخش درس جي جنم جو ڏينهن آهي. هن نامياري اديب 10 جون 1953ع تي محمد اسماعيل درس جي اڱڻ تي ٺٽي ضلعي جي شهر جهمپير ۾ اکيون کوليون. مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪيائين. انٽر ڊگري ڪاليج ٺٽي مان پاس ڪيائين. بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. 1973ع ۾ پرائمري اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين. 1980ع کان 1991ع تائين لرننگ ڪوآرڊينيٽر ۽ سپروائيزر ٿي ڪم ڪيائين. 1992ع کان 2002ع تائين جهمپير هاءِ اسڪول ۾ استاد ۽ 2002ع کان سبجيڪٽ اسپيشلسٽ رهيو. هن جي پهرين ڪهاڻي 1977ع ۾ ماهوار رسالي "تحريڪ" ۾ ڇپجي پڌري ٿي. سنڌس ڪهاڻيون ۽ مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا. سنڌس ڇپيل ڪتابن ۾ "سهائيءَ جي سوڀ" (ڪهاڻيون)، "سڪ جي موسم" (ڪهاڻيون) ۽ "سنڌ هيرن ڪان" (خاڪا) شامل آهن. هن عبدالعزيز انڙ سولنگيءَ سان گڏجي "سرسوتي" نالي رسالو به جاري ڪيو. تاريخ 29 ڊسمبر 2020ع تي سنڌس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

قاضي غلام علي

سنڌ جي هن بزرگ شاعر ۽ درويش صفت انسان جو جنم 10 جون 1894ع تي ٿيو. سندس والد قاضي غلام حيدر به هڪ شاعر هو. مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو پر پنهنجي درويشاڻي طبيعت سبب ڪجهه عرصي کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي لاهوت لا مڪان هليو ويو. اتيئي شادي ڪيائين ۽ اتيئي پنهنجي حياتيءَ جو پڇاڙڪو حصو گذاريائين. پاڻ هڪ ڪلمک ۽ خوش طبع انسان هو. اڪثر مزاحيه شعر چيو اٿس جنهن ۾ طنز جو اثر نمايان آهي. هن 1951ع ڌاري رحلت ڪئي.

حاجي محمد صادق ميمڻ

حاجي محمد صادق ميمڻ پنهنجي دور جو مشهور سماج سڌارڪ، انسان دوست ۽ ادب دوست شخصيت جو مالڪ هو. هنجو جنم 10 جون 1919ع تي سنڌ جي تاريخي شهر نصرپور ۾ ٿيو. هن سڪرنڊ جي زرعي ڪاليج مان ڊپلوما جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو ۽ تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڀرتي ٿيو. اڳتي هلي

ڪم ڪرايا، جن ۾ مڊل اسڪول جو درجو وڌائي هاءِ اسڪول ڪرڻ، پريم نگر جي تنظيمي مسجد جي توسيع ڏئي جامع مسجد جوڙائڻ، سنڌ ماڊل اسڪول قائم ڪرڻ، ميونسپل باغ کي بهترين تفريح گاهه بڻائڻ، ايس ايم آرٽس ڪاليج قائم ڪرڻ ۽ ٻيا ڪيترائي عام ڀلائيءَ جا ڪم شامل آهن. 1951ع ۾ "الهلال اخبار" پڻ جاري ڪيائين. هو تعلقي ڪوآپريٽو بينڪ جو ڊائريڪٽر، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ آخر ۾ چيئرمين رهيو. ڪيترن ئي غريب شاگردن ۽ اديبن کي وظيفا ڏئي سندن مالي سهائتا ڪيائين. 1965ع ۾ پاڻ حج ادا ڪرڻ لاءِ سعودي عرب روانو ٿيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.

ملازم سروري



اڄ مشهور شاعر ملازم سروريءَ جي جنم جو ڏهاڙو آهي. هن نامياري شاعر جو اصل نالو شهباز علي خاصخيلي هو. سندس جنم 10 جون 1916ع تي ڄامشوري ضلعي جي ڳوٺ آراضيءَ ۾ ٿيو. هن فقط پرائمري تعليم حاصل ڪئي. سندس حياتيءَ جو گهڻو حصو هالا نوان ۾ مخدوم نوح رحه جي درگاهه تي حاضري ڏيندي گذريو. انهيءَ درگاهه تي مخدوم طالب المولىٰ ۽ محمد فقير کتياڻ جي صحبت ڪيس شاعر بڻائي ڇڏيو. سندس شاعريءَ جي مجموعن ۾ "نغمه دل"، "لڙڪ حسين گل" ۽ "حمد ۽ نعت" شامل آهن. هن 28 مارچ 1995ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.

علي محمد خلٽي

اڄ مشهور شاعر ۽ قانوندان علي محمد خلٽيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو پورو نالو علي محمد لاشاري ولد نهال خان لاشاري هو ۽ هنجو جنم 10 جون 1925ع تي ٺٽي ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم ٺٽي مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسي ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. بي اي، ايل ايل بي ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون به حاصل ڪيائين. 1952ع ۾



مختيار انڙ

"پراسرار داستان" ۽ "خاموش گواهه" شامل آهن. سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪليات خلٽي" قلمي صورت ۾ موجود آهي. هن 30 آگسٽ 1972ع تي دم ڏئي جي حوالي ڪيو.

فقير معشوق علي ڪوڪر

هن ڪلاسيڪل صوفي شاعر جو جنم 10 جون 1926ع تي تعلقي فيض گنج ضلعي خيرپورميرس ۾ فقير وليداد جي گهر ۾ ٿيو. پنهنجي ناني سلطان خان ڪوڪر وٽ قرآن شريف پڙهيو. سنڌي فائنل جو امتحان ڏيڻ کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪيائين ۽ صوفي رنگ ۾ رڱجي ويو. هو فقير در محمد هيسباڻي ۽ فقير ظفر علي هيسباڻيءَ جو وڏو معتقد هو. هو پنهنجو گهڻو وقت خوش خيرمحمد فقير هيسباڻيءَ جي درگاهه تي فقيرائي رنگ ۾ گذاريندو هو. هو ٻه ڀيرا ايران ۽ عراق ۾ مقدس مقامن جي زيارت ڪرڻ ويو. سنڌ جي صوفي بزرگن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، شاهه عنايت صوفي، نانڪ يوسف ۽ ٻين بزرگن جي درگاهن تي به حاضري ڀريندو هو. شاعري ڪرڻ سان گڏ پاڻ به صوفي ڪلام ڳائيندو هو. هن 23 ڊسمبر 1997ع تي هن جهان مان موڪلايو. سنڌس ڪلام جو مجموعو "اولاڻا عشق جا" راشد شر ڇپرايو آهي.

خادم رفيقي مهيسر

اڄ مشهور شاعر خادم رفيقي مهيسر جي جنم جو ڏينهن آهي. سندس ولادت 10 جون 1932ع تي خيرپورميرس ضلعي جي ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ حافظ عطاءُ الله جي گهر ۾ ٿي. سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو. مشهور شاعر سليم ڳاڙهويءَ جي صحبت ۾ رهي پاڻ به شاعر بڻجي ويو. هن جي شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، غزل، گيت ۽ وطن جا گيت شامل آهن. سنڌيءَ سان گڏ اردو ۽ فارسيءَ ۾ به شاعري ڪيائين. شاعريءَ سان گڏ مضمون به لکندو هو، جيڪي سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا. پاڻ بزم سليم جو سرگرم ڪارڪن هو. هن قادر الڪلام شاعر 25 نومبر 1996ع تي راهه رباني



ڏاڙي پنهنجي ادبي سفر جي شروعات ڪئي. سندس ادبي پورهئي ۾ ڪيترائي شاعريءَ جا مجموعا ۽ 200 کان مٿي ترجمو ڪيل ۽ اصلوڪيون ڪهاڻيون شامل آهن. هن سامهيءَ جي سلوڪن جو سنڌيءَ مان هنديءَ ۾ ترجمو ڪيو جيڪو سندس وڏو ادبي ڪارنامو مڃيو وڃي ٿو. هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي جن ۾ دوها، بيت، غزل، وايون، نظم، نثري نظم ۽ ٽيڙو وغيره شامل آهن. سنڌس شاعري ۽ ڪهاڻيون آڪاشواڻي ڀوپال ۽ آل انڊيا ريڊيو تان نشر ٿينديون رهيون آهن.

هارون چنا

هارون چنا جو نالو هڪ بهترين چترڪار ۽ شاعر طور ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي. هن ذات جي ڏيهه جي روشن ڏيئي 10 جون 1948ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ ٽنڀي علي شير شاهه ۾ اکيون کوليون. سنڌس والد جو نالو لائق چنا هو. هن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نوابشاهه مان ٻارهون ڪلاس پاس ڪيو. اڳتي هلي بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جون سندون شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪيائين. ان کان اڳ پي ٽي سي آرٽس ٽيچر ڪورس گورنمينٽ نارمل ٽريننگ ٽيچرس ڪاليج حيدرآباد مان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات 1966ع ۾ تعليم کاتي ۾ ڊرائنگ ٽيچر طور ڪيائين ۽ 2008ع ۾ رٽائر ٿيو. هن پلاڙي پٽ ڏٿيءَ جي سورمين ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي اهم سياسي ۽ ادبي شخصيتن جا خوبصورت پورٽريٽ ٺاهيا آهن. ان کان علاوهه ڪيترن ئي ڪتابن جا ٽائيٽل پڻ ٺاهيائين ڪيا اٿس. چترڪاريءَ سان گڏ هو هڪ بهترين شاعر ۽ مضمون نگار پڻ رهيو آهي. چنا صاحب کي سالگرهه جي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

غلام علي مخمور

غلام علي مخمور شڪارپور جو قادرالڪلام شاعر، اديب ۽ عالم هو. هو پهرين مئي 1906ع تي محمد حيات جي گهر خوشيون کڻي آيو. هن سموري تعليم پنهنجي شهر شڪارپور مان حاصل ڪئي ۽ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پي ڊبليو ڊي ۾

سکر ۾ سيپا پاران پلاسٽڪ ري سائيڪلنگ فيڪٽري معائني بعد سرگرميون بند

محتسب اعليٰ جي هدايتن تي ڊاڪٽر گل امير سنبل جي نگراني ٽيم فيڪٽري جو معائنو ڪيو

ري سائيڪلنگ عمل مان وڏي مقدار ۾ فضائي اخراج خارج ٿيڻ تي سرگرميون بند ڪيون ويون

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ ماحولياتي تحفظ ايجنسي طرفان جاري ڪيل پريس رليز مطابق پلاسٽڪ ري سائيڪلنگ فيڪٽري جو معائنو ڪيو ۽ فضائي آلودگي جي ڀڃڪڙين تي ڪارروائي ڪندي ڪارخاني جون سرگرميون بند ڪيون ويون. سنڌ جي محتسب اعليٰ (Ombudsman Sindh) جي هدايتن ۽ ماحولياتي آلودگي بابت عوامي شڪايتن جي روشني ۾، سنڌ ماحولياتي تحفظ ايجنسي (SEPA) جي ٽيم ڊاڪٽر گل امير سنبل جي نگراني هيٺ سکر جي سائيٽ ايريا ۾ قائم هڪ پلاسٽڪ ري سائيڪلنگ فيڪٽري جو معائنو ڪيو. معائني دوران سيپا ٽيم مشاهدو ڪيو ته فيڪٽري مناسب ماحولياتي آلودگي ڪنٽرول قدمن کان سواءِ هلي رهي هئي. ري سائيڪلنگ جي عمل مان وڏي مقدار ۾ فضائي اخراج (Air Emissions) خارج ٿي رهيو هو جيڪو ماحولياتي آلودگي جو سبب بڻجي رهيو هو ۽ عوامي صحت سميت ڀرپاسي جي ماحول لاءِ ممڪن خطرا پيدا ڪري رهيو هو. فيڪٽري انتظاميا فضائي اخراج کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ان جي مناسب ٽريٽمينٽ لاءِ اهڙا انتظام پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهي، جيڪي سنڌ ماحولياتي تحفظ ايڪٽ 2014ع ۽ لاڳو ماحولياتي معيارن مطابق هجن. ڀڃڪڙين جي سنگيني کي نظر ۾ رکندي ۽ سنڌ جي محتسب اعليٰ جي هدايتن تي عمل ڪندي، سيپا جي معائنو ڪندڙ ٽيم فيڪٽري جون سرگرميون فوري طور تي بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. فيڪٽري انتظاميا کي هدايت ڪئي وئي آهي ته جيستائين گهربل ماحولياتي تحفظ جا اپاءَ ۽ آلودگي ڪنٽرول جا نظام نصب ڪري مجاز اٿارٽي کان منظوري حاصل نه ڪئي وڃي، تيستائين ڪارخاني جون سرگرميون ٻيهر شروع نه ڪيون وڃن. ان کان علاوه فيڪٽري انتظاميا کي ليٽر آف پرسنل هيئرنگ جاري ڪيو ويو آهي، جنهن تحت کين سنڌ ماحولياتي تحفظ ايجنسي (SEPA) جي ڊائريڪٽر جنرل آڏو پيش ٿي معائني دوران سامهون آيل ڀڃڪڙين بابت وضاحت پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. لاڳاپيل ڌرين کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ کان پوءِ ماحولياتي قانونن ۽ ضابطن تحت مناسب قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. سنڌ ماحولياتي تحفظ ايجنسي (SEPA) ماحولياتي قانونن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ ۽ صنعتي آلودگي کان عوامي صحت ۽ ماحول جي تحفظ لاءِ پنهنجو عزم ورجائي ٿي. صنعتن جي مالڪن کي صلاح ڏني وڃي ٿي ته هو مؤثر آلودگي ڪنٽرول اپاءَ اختيار ڪن ۽ ماحولياتي قانونن ۽ ضابطن تي سختي سان عمل ڪن ٻي صورت ۾ قانوني ڪارروائي کي منهن ڏيڻو پوندو.

سيٺارجا ۾ بدامني، چورين ۽ منشيات خلاف سني رابطه ڪاميٽي جو احتجاج

ڪارڪنن مولانا جميل احمد لنڊ، استاد نور لنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بدامني تي ضابطو آڻي نياڻي آصفه مغل جي جلد بازيابي يقيني بڻائي وڃي: مظاهرين

سيٺارجا (ن ع) سني رابطه ڪاميٽي سني سيٺارجا جي سڏ تي مرڪز اهلسنت فيضان صحابه عثمانيه ڪان وڌندڙ بدامني، چورين، منشيات فروشي، جوا ۽ سماج دشمن سرگرمين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري جي اڳواڻي مولانا جميل احمد لنڊ ۽ استاد نور لنڊ ڪئي جڏهن ته شهرين، مذهبي اڳواڻن ۽ نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سيٺارجا شهر بدامني جي ور چڙهيل آهي جتي چوريون روز جو معمول بڻجي ويون آهن ۽ پوليس ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران خاموش تماشائي بڻيل آهي. هنن چيو ته نياڻي آصفه مغل گذريل چئن مهينن کان لاپتا آهي، ۽ پوليس سندس بازيابي لاءِ ڪي به سنجيده قدم نه کنيا آهن. اڳواڻن الزام هنيو ته جنازي نماز دوران به موٽر سائيڪلون چوري ٿي رهيون آهن. جڏهن ته سينيئر صحافي سجاد علي ڪبر مهتاب راڄپر ۽ ٻين شهرين جون چوري ٿيل گاڏيون به پوليس واپس ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي. شهر جي مسجدن، گهرن ۽ دوڪانن مان سولر پليٽون، واٽر موٽرون ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ٿيڻ معمول بڻيل آهي. مقررين وڌيڪ چيو ته ڪجهه شرپسند عنصر علائقي ۾ خوف ۽ دهشت ڦهلائي رهيا آهن ۽ اهل سنت اڳواڻن تي حملن باوجود پوليس ڪا اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي آهي. هنن ايس ايڇ او سيٺارجا نذير پيو تي جانبداري جو الزام هڻندي مطالبو ڪيو ته ڪيس فوري طور هٽائي شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي. احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته شهر مان منشيات ۽ جوا جا اڏا ختم ڪري امن امان بحال ڪيو وڃي، چوريون روڪيون وڃن ۽ نياڻي آصفه مغل جي جلد بازيابي يقيني بڻائي وڃي. ان موقعي تي پير سعد الله شوڪت جسڪاڻي، قاري قلب علي ماڇي، لالا عمران، مزمل لنڊ، فوجي عبدالرزاق لنڊ، دانش عثماني ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

پني عاقل جي ڪچي ۾ چاچڙ برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، عورتن سميت 10 ڄڻا زخمي

ڳوٺ ڦلاڻي ۾ پٽ ڪيڻ تان جهيڙي ۾ زخمي واحد بخش، مائي گلزار ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

پنوعاقل (ن ع) پني عاقل جي ڪچي ۾ پٽ ڪيڻ تان چاچڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورتن سميت 10 ڄڻا زخمي. ڳدپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڦلاڻي ۾ جهيڙي سبب واحد بخش، مائي گلزار، محمد بخش، قمرالدين، اصف، صدام، شفيع، سهڻو ۽ در محمد چاچڙ زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو. جوابدارن گهر خالي ڪرائڻ ۽ لڏائڻ لاءِ حملو ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمود ولد محمد عثمان ڪتياڻ ويٺل ڳوٺ صديق ڪتياڻ تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس ڏاڏي نالي زينب ڌيءَ سلمان زال ولي محمد جيڪا تاريخ 27-04-1983 تي فوت ٿي وئي آهي جنهنجي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه سپڪي ٽپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) محمد عثمان (فوتي) پٽ (2) مسمات هاجو (فوتي) ڌي (3) ولي محمد (فوتي) گهروارو درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد/ والده/ گهرواري فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي وزير علي ولد محمد خان ڪتياڻ (2) انور علي ولد عبدالله خان جن ڳوٺ صديق ڪتياڻ ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي ايوب ڪتياڻ ولد محمد علي رهندڙ ڳوٺ موسيٰ ڪتياڻ تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والده نالي بانو ڌيءَ غلام الله زال محمد علي ڪتياڻ جيڪا تاريخ 31-08-2025 تي فوت ٿي وئي آهي جنهنجي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه سپڪي ٽپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) ايوب ڪتياڻ پٽ درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد/ والده/ گهرواري فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي وزير علي ولد محمد خان ڪتياڻ (2) انور علي ولد عبدالله خان جن ڳوٺ صديق ڪتياڻ ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات صائمه شاهه بنت مسعود شاهه ويٺل دائره شريف اوڏيرولعل تعلقو ضلعو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد محمد مسعود شاهه ولد غلام مرتضيٰ شاهه جيڪو فوڊ ڪاتي ۾ رٽائرڊ فوڊ انسپيڪٽر هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 27-05-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) غلام مرتضيٰ شاهه (پٽ) (2) سگرا بيبي (ڌي) (3) صائمه شاهه (ڌي) مرحوم جي گهرواري فوت ٿيل آهي جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن ساهدن هرهڪ نالي (1) آفاق احمد شاهه ولد محمد اعظم شاهه (2) عرفان ولد گل محمد منگريو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو.

مختيارڪار تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هرخاص و عام ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي محمد علي ولد دائود ذات واڍيلو بلوچ رهندڙ حاجي محمد واڍيلو يي او عثمان شاهه هڙي هنگوراڻي تعلقو جهنڊو مري درخواست ڏني آهي ته نالي شمس خاتون ولديت / زوجه دائود تاريخ 25-03-2020 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي (1) علي نواز ولد عيسيٰ رهندڙ حاجي محمد واڍيلو ديهه هنگوراڻي يي او عثمان شاهه هڙي (2) نالي محمد ايوب ولد غلام حيدر بلوچ رهندڙ حاجي محمد واڍيلو ديهه هنگوراڻي يي او عثمان شاهه هڙي يو سي هنگوراڻي آفيس ۾ حاضر ٿي اسان جي سامهون بيان ڏنو آهي ته نالي شمس خاتون ولديت / زوجه دائود سنڌس پويان هيٺيان وارث (1) زبيده (ڌي) (2) ڪلثوم (ڌي) (3) سڪينه (ڌي) (4) نورالنساءِ (ڌي) (5) حسينه (ڌي) (6) محمد علي پٽ (7) اميد علي (پٽ) ڇڏيا آهن فوتي جاوالدين اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪا آهن تنهنڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ڪنهن کي به هن فوتي سرٽيفڪيٽ تي اعتراض هجي ته 7 ڏينهن اندر اسان وٽ اعتراض داخل ڪرائي ۽ مدو پورو ٿيڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض نه ٻڌو ويندو ۽ درخواست گذار کي فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

سيڪريٽري يو سي هنگوراڻي تعلقو جهنڊو مري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي امير بخش ولد عبدالله شيدي درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي عبدالله ولد بچو شيدي جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه چند هڏي ٽپو ٻانڊو تعلقو بدين سروي نمبر 251/3 ما ايراضي 5_3 ايڪڙ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام وارڊ نمبر 8 جيلاڻي محلا شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نالي عبدالله ولد بچو شيدي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 امير بخش پٽ فوتي جو 2 مسمات ستبراڻي زال خميسون ڌيءُ فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس م ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس م نالي سليمان ولد خدا بخش موسيپوٽو درخواست ڏني آهي ته سندس پڙ ڏاڏو جي نالي زرعي زمين ديهه ٻاگڙيجي ٽپو ٻانڊو تعلقو بدين سروي نمبر 149_113_146 ۽ ٻين م سندس روينيو ڪاتي تعلقي بدين م سندس نالي سروي زرعي زمين جي ڪاتي م غلطي سبب سندس ڏاڏو جو نالو عبدالرحيم ولد عبدالشڪور لکجي ويو آهي جيڪو غلط آهي جنهنکي درست ڪري منهنجي ڏاڏو جو صحيح نالو ابراهيم ولد عبدالشڪور آهي جنهن کي روينيو رڪارڊ م درستگي ڪئي وڃي جنهن لاءِ جلسي عام ڳوٺ هوت موسيپوٽو م ڪيو ويو آهي انهي سلسلي م جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل درخواست گذار بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس م م پيش ڪري ٻي صورت م معياد گذرڻ بعد ڪاتو درخواست گذار جي حق م ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ م نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

سڀني عام ۽ خاص لاءِ پڌرو ٿو ڪجي ته نيوسعيدآباد شهر جي اندرئين مين روڊ تي هڪ پلاٽ جنهنتي هڪ دڪان نمبر A/77 ۽ هڪ عدد ماڙي لاٿيل آهي جنهنجي ماپ 45 ٻائي 14ٽوٽل 630فوٽ آهي جيڪا منهنجي والد ابن علي عرف محمد ابراهيم پٽ غلام مصطفيٰ جي نالي آهي ان دڪان ۽ ان مٿان لاٿيل ماڙي واري مڪمل عمارت آئون ڊاهرائي اتي نئين بلڊنگ ۽ دڪان ٺاهڻ چاهيان ٿو ان لاءِ هن اخبار رستي سڀني لاءِ اهو پڌرو ٿو ڪريان ته ڪنهنکي به ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 7 ستن ڏينهن اندر ٻڌائي ان مدي گذرڻ بعد آئون ڪنهن ب وقت اها جڳهه ڊاهرائي نئين عمارت تعمير ڪرائيندس مدي گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض نه ٻڌو ويندو

عبدالوحيد پٽ محمد ابراهيم نيوسعيدآباد ضلعو مٽياري
شناختي ڪارڊ نمبر41301-3308080-7

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد حبيب ولد اسماعيل ذات ميٺو راجپوت درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي اسماعيل ولد ڪريم بخش تاريخ 17-01-2014 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر 210 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر سروي -109/4-00, 92/3-15, 130/4-00,134/0 38, 131/3-20ٽوٽل (15-33) ۽ ٻيا مان ڳڏيل حصي موجب ايراضي 15-33 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ محمد اسحاق راجپوت ديهه نمبر 210 ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) محمد اسحاق (2) عبدالحميد (3) محمد حنيف (4) محمد حبيب (5) محمد اقبال (6) سائره بيگم (7) اختر بي بي (8) شمير (9) شبانا (10) ثمينه هر خاص و عام کي اطلاع ٿوڪجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن تنڊي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات فائزه ڪوش..پلينٽف ..بخلاف .. علي حيدر ولد ڪليم الدين ذات سولنگي رهندڙ بهار ڪالوني فوجي مري گلي ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سيل نمبر 03013508421/03273595340..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

لاتعلقي جو اظهار

آئون لطف علي مري ولد مراد علي مري، رهندڙ ٻانڊي شهر وارڊ نمبر 5، هن اعلان ذريعي پنهنجي پٽ مريد علي مري کان مڪمل ۽ قطعي لاتعلقي جو اظهار ڪريان ٿو. اڄ کان پوءِ منهنجو ۽ منهنجي پٽڻ جو مريد علي مري سان ڪنهن به قسم جو خانداني سماجي يا اخلاقي تعلق ڪونهي. جيڪڏهن هو آئنده ڪنهن به غير قانوني، غير اخلاقي يا سماج مخالف عمل ۾ ملوث ٿئي ٿو ته ان جي مڪمل ذميواري صرف ۽ صرف ان شخص تي عائد ٿيندي، اسان جو ان سان ڪو به واسطو نه هوندو. هي اعلان رڪارڊ ۽ آئنده ضرورت جي پيش نظر جاري ڪيو پيو وڃي، ته جيئن وقت ضرورت ڪنهن به سرڪاري يا غير سرڪاري معاملي ۾ پيش ڪري سگهجي

لطف علي مري رهندڙ: ٻانڊي شهر وارڊ نمبر 5

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته عبداللطيف ولد محمد يوسف ڪتري بذريعه مرحوم والد محمد يوسف ولد حسين سروي نمبر 406،405،407،408،409،410،411 ۽ 412 ڪل ايراضي 00-32 ايڪڙ واقع ديهه گنو ٽپو حاجي گهراڻو تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو جي ري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن ٻي صورت ۾ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته نالي محمد حسن ولد محمد علي شناختي ڪارڊ نمبر 4520233740253 ذات جتوئي رهندڙ ڳوٺ سرده جتوئي يو سي درازه تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور ميرس تاريخ 01-08-2025 تي طبعي طور وفات ڪري ويو آهي جنهن کي پير نظر شاهه قبرستان ۾ دفنايو ويو آهي اطلاع لاءِ هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي

محمد علي ولد محمد گل شناختي ڪارڊ نمبر 540030900127 رهندڙ ڳوٺ سرده جتوئي يو سي درازه تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور ميرس

بقايا 1 هوائي فائرنگ

جنهن مطابق پوليس اهلڪار محمود لاشاري کي شهيد ڪرڻ پوليس پارٽي تي حملا ڪرڻ ـ ايس ايڇ او سڪندر پنهور جي پٽ ۽ ٻليٽو کي قتل ڪرڻ ـ هندو واپارين کان ڀتو وٺڻ ـ فون ذريعي تنگ ڪرڻ ـ ڦرڌاڙن سميت 70 ڪيسن ۾ گهربل هو سرڪار پاران سر جي قيمت لاءِ هڪ ڪروڙ انعام جي سفارش پڻ ٿيل آهي مارجي ويل ڌوڙاري جو لاش پوليس ڪئي سول اسپتال آندو ڀاءُ پاس ڪان اسپتال طهلين پوليس وڏي ڪاميابي تي خوشي جو اظهار پڻ ڪيو لاش سول اسپتال ۾ پيل آهي خبر ڦهليل ٿيڻ طهلين ڪيترن ڪلاڪن کان لاش پيل رهيو انهي حوالي سان ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ضلع ۾ ڌوڙارين جو خاتمو ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي پوليس ٽيم بهادري دليري سان مقابلو ڪري هڪ ڌوڙاري جو خاتمو ڪيو آهي ضلع ۾ ڌوڙهه ڪندڙن کي ڪنهن به صورت بخش نه ڪيو ويندو.

بقايا 2 ڊي سي ڪشمور

ڊي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو رينجرز ونگ ڪمانڊر ڪرنل طلال احمد، اي ڊي سي ٽنهي تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن سميت ضلعي جي سڀني لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي ڊپٽي ڪمشنر گڏجاڻي ۾ ايندڙ مختلف مڪتب فڪر جي علمائن کان محرم الحرام حوالي سان پيش ايندڙ مسئلا ٻڌا ۽ جلد حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور چيو ته واقع ڪربلا صبرتحمل ۽ قرباني جو لازوال مثال آهي، ڊپٽي ڪمشنر چيو ته محرم الحرام ۽ يوم عاشور جي ڏينهن جي حوالي سان سخت سيڪيورٽي پلان ترتيب ڏنو ويو آهي جنهن تحت پوليس، رينجرز جا جوان سنڌ بلوچستان باڊر تي موجود علائقن تي گشت ڪندا ۽ سيڪيورٽي جا فل پروف انتظامات ڪيا ويندا ۽ پوليس ۽ رينجرز جي گشت کي پڻ وڌايو ويندو، ته جيئن امن امان جي صورتحال کي يقيني بنائي سگهجي، مختلف مڪاتب فڪر جي علمائن سڳورن چيو ته ضلعو ڪشمور فرقيواريت کان پاڪ ضلعو آهي پر ان باوجود اسان سڀني کي هن خاص ڏينهن تي متحرڪ ۽ منظم رهڻ گهرجي مجلسن يوم عاشور جي ڏينهن هرعام و خاص ماڻهو پنهنجي پسگرداڻي ۾ خاص ڌيان رکي ۽ مشڪوڪ چرپرٽي ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن ۽ پوليس کي اطلاع ڏني وڃي . ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر تمام اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٽي ايم اوز ،سيپڪو عملدارن کي هدايتون جاري ڪيون ته هو منعقد ٿيندڙ مجلسن ،ماتمي جلوسن واري روٽ ۽ هنڌن تي صفائي ۽ لائٽنگ جو بهترين نظام کي يقيني بنائڻ ۽ رات جي وقت ٿيندڙ مجلسن ۽ جلوسن جي وقت لوڊشيڊنگ نه ڪئي وڃي ۽ هيلٿ پاران ميڊيڪل ڪئمپون پڻ لڳايون وڃن ۽ ضلعي ۽ تعلقي اندر ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيا وڃن

بقايا 3 منعقد

عملدار تماشائي بڻيل آهن پروفيسر نظام الدين ٽنيو چيو ته دنيا ۾ اهڙا ڪيترائي ملڪ آهن جتي ماحولياتي تبديلي سبب انساني زندگي کي سنگين خطرا لاحق آهن هن زور ڀريو ته موسمياتي تبديلي کي روڪڻ لاءِ فوري ۽ مؤثر قدم کڻڻ گهرجن محمد ياسين ٽنيو ۽ امير راڄپر خطاب ڪندي چيو ته هڪ وڻ جو قتل انسانيت جو قتل آهي ڇاڪاڻ ته وڻ انساني زندگي لاءِ آڪسيجن جو اهم ذريعو آهن هنن چيو ته آڪسيجن جي گهٽتائي سبب انساني صحت لاءِ خطرا وڌي رهيا آهن پريس ڪلب نوشهروفيروز جي صدر محمد يونس راڄپر چيو ته رڳو سيمينار ۽ آگاهي پروگرام ڪافي ناهن پر نوجوانن بزرگن ۽ سماج جي هر فرد کي عملي طور تي وڻ لڳائڻا پوندا ته جيئن ڪلائيميٽ چينج جي اثرن کي گهٽائي سگهجي سوشل ويلفيئر کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر سجاد ميمڻ چيو ته بيماري دوران آڪسيجن تي لکين رپيا خرچ ڪرڻ بدران جيڪڏهن هر ماڻهو وڻ لڳائي ته ملڪ ۾ ماحولياتي بهتري اچي سگهجي ٿي. هن چيو ته وڻ انسانيت لاءِ قدرت جو قيمتي تحفو آهن ان موقعي تي امام ڏنو انصاري ۽ مسرور عباسي چيو ته وڻ لڳائڻ سان گڏ انهن جي حفاظت ڪرڻ به اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي، چو ته محفوظ وڻ ئي مستقبل ۾ بهتر ماحول ۽ صحتمند زندگي جي ضمانت بڻجي سگهن ٿا. سيمينار جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن ماحولياتي تبديلي جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڌيڪ وڻ لڳائڻ ۽ انهن جي سنڀال ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

بقايا 4 ڌرڻو

لڳي ريو سخت گرمي سبب شهرين جيان ڊرائيورن ـ مسافرن کي به پريشاني مان گذرڻو پيو انهي موقعي تي ڌرڻي کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهيندي ايس يو پي ضلع صدر ظريت ساگر بجاراڻي ـ شاهنواز مرغيٽو ـ وڪيل شعيب مهدي سهرياڻي ـ وڪيل منير بجاراڻي ـ جسقم ضلع صدر والي ڏنو سنڌي ۽ ٻين چيو ته سيپڪو انتظاميا جي مڪمل نااهلي آهي جنهن ڪري بجلي بند آهي قهر جي گرمي آهي بجلي نه هجڻ ڪري گهرن ۾ ٻار ۽ بزرگ بيمار ٿي رهيا آهن ڪجهه ڏينهن اڳ پول ڪري پيا جيڪي چند ڪلاڪن بدران هڪ هفتي ڏائين پول بحال نه ٿيا آهي هڪ ڪلاڪ بجلي هلائي چار ڪلاڪ بند ڪن ٿا جيڪو سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي وفاقي حڪومت سنڌ ۾ بجلي بحران جو فوري نوٽيس وٺي لاپرواهي ڪندڙ سيپڪو عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري ڪنڌ ڪوٽ جي بجلي بحال ڪري اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا 5 عورت فوت

ان موقعي تي فوتي عورت جي ڀاءُ صدام حسين پنهنجي وارثن سان گڏجي ڌانهيندي الزام لڳائيندي چيو ته مان پنهنجي ڀيڻ حميده ڪوسو کي ويم لاءِ خانگي ميڊيڪل سينٽر ۾ ڊاڪٽرياڻي اقصيٰ جوڻيجو وٽ داخل ڪرايو جنهن مڪمل فيس پڻ ورتي ۾ ان جي باوجود جڏهن هن آپريشن ڪيو ته اوچتي ڀيڻ جي طبيعت خراب ٿي پئي جنهن تي ڊاڪٽرياڻي پاڻ علاج ڪرڻ بجاءِ ڀيڻ کي چانڊڪا اسپتال داخل ڪرائڻ جو مشورو ڏنو جتي اسين پهتاسين ته ان کان اڳ ڀيڻ حميده فوت ٿي چڪي هئي هن وڌيڪ الزام لڳائيندي چيو ته آپريشن دوران ڀيڻ جي پيٽ ۾ ڪيهه رهائي وئي جنهن سبب ڀيڻ جو واقع ٿيو آهي هن صحت کاتي جي صوبائي وزير سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته ڀيڻ جي ويم جي آپريشن ۾ غفلت ڪندڙ ڊاڪٽرياڻي خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت اسين عدالت جو در ڪڙڪائينداسين

بقايا 6 ڪنبجي ويا

ڪرڻ تي پوليس اهڙي واقعي کان لا علمي ظاهر ڪندي چيو آه ته انهن وٽ واقع بابت ڪا به ڄاڻ نه آه هوڏانهن ذريعن کان معلوم ٿيو آه ته حيدرآباد جي پوليس هٿي جنهن رند برادري جي چوري ۾ علي حسن ڪوسو جو موبائيل نمبر ٽريس ٿيڻ تي ڪاروائي ڪئي وئي آه جڏهن ته اسڪول انتظاميه جو چوڻ آه علي حسن ڪوسو کي پنگريو هائيرسيڪنڊري اسڪول ۾ 15سالن کان وڌيڪ عرصو نائيب قاصد جي نوڪري ڪندي گذريو آه هو ڊيوٽي تان واپس ريو پي ته اسڪول جي گيٽ کان ٻاهران ڪنبجي ريو آه پنگريو پوليس کان پڇا ڪئي جنهن چيو ته اسان کي ڪا خبر نه آه هوڏانهن علي حسن ڪوسو جي ڀاءُ علي گل ڪوسو سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي ڀاءُ جو پوليس واري رازڏنو شورو "جيڪو پنگريو واسي آه حيدرآباد ۾ ڊيوٽي ڪري ٿو" نمبر ورتو جنهن ڪانپوءِ هو ڊيوٽي تان واپس موٽندي موٽر سائيڪل سميت ڪنبجي ويو آه جنهن لاءِ رابطا ڪري رهيا آهيون پر ڪو اتو پتو پئجي نه سگهيو آه ٻي پاسي علي حسن ڪوسو جي اهڙي ريت ڪنبجڻ تي پنگريو ۽ آسپاس خوف جي لهر ڇانئجي وئي آه

بقايا 7 احتجاج

واري زندگي گهارڻ لڳا جڏهن ته ڳوٺاڻن علي اصغر رند ـ موسي رند ـ محمد شريف رند ڪوهستاني ـ رئيس چاڪر رند ـ حافظ گل حسن رند ـ ڪريم بخش رند ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي ڳوٺن ۾ بنيادي سهولتن سان گڏ پيئڻ جي صاف پاڻي جي ڪوٽ سبب ڳوٺاڻا پنج ڪان چار ڪلو موٽر فاصلي جي پنڌ تان ننڍڙا معصوم ٻارڙا ـ پيرسن ـ موٽر سائيڪل ـ ڊاٽسن ـ جانورن تي پاڻي ڀري پنهنجي اڃ اجهائين ٿا ـ ڳوٺاڻن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ڪوهستان جا رهواسي گذريل ڪافي عرصي کان پيئڻ جي صاف پاڻي جي شديد ڪوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته ڪوهستان جا رهواسي پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏکيا فاصلا طئي ڪرڻ تي مجبور آهن صاف پاڻي هر انسان جو بنيادي حق آهي پر ڪوهستان جا ماڻهو اڄ به هن بنيادي حق کان محروم آهن پاڻي جي ڪوٽ سبب نه رڳو روزمره جي زندگي متاثر ٿي رهي آهي پر مختلف بيمارين جو خطرو پڻ وڌي رهيو آهي ڪيترائي ماڻهو مجبور ٿي تمام ڪارو پاڻي استعمال ڪري رهيا آهن جيڪو صحت لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي هنن چيو ته اسان ڪافي ڀيرا ٽڪ جي پ پ ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر خان ۽ پ پ ايم پي اي ملڪ سڪندر خان کي اپيل ڪري چڪا آهيون ته اسان کي واٽر سپلاءِ ذريعي پاڻي ڏنو وڃي پر ڪافي مسلسل دانهون ڪوڪون ڪندا پيا اچون پر اسان جي پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو حل نه ڪيو ويو آهي ـ ڳوٺاڻن صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي ۽ لاڳاپيل ادارن تڪ جي چونڊيل نمائندن ۽ ذميوار عملدارن کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته ڪوهستان ۾ پاڻي جي بحران جو فوري نوٽيس وٺي مستقل بنيادن تي حل ڪيو وڃي. عوام کي صاف ۽ محفوظ پاڻي فراهم ڪرڻ چونڊيل نمائندن ۽ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي

بقايا 8 ملهه ملاکڙو

دين محمد اڄڻ پ پ اڳواڻ مبين احمد ناريجو عبداللطيف ناريجو رينواز ناريجو نياز حسين ناريجو پوٽار ناريجو سڪندر علي ناريجو عبدالرشيد ناريجو علي شير ناريجو گلبهار ناريجو همير ناريجو ۽ ٻين اڳواڻن پاران ڪين هزارين رپين جا روڪ رقم انعام طور ڏنا ويا آخر ۾ صوفي راڳ رنگ جي محفل پڻ ڪرائي وئي جنهن ۾ سنڌ جي مشهور صوفي فنڪارن محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

بقايا 9 نقصان

بند ڪري ڇڏيو ان حوالي سان شيخاڻي مائينر جي زميندارن ۽ علائقي واسين ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن تڪڙ قدم نه کنيا ويا ته سندن زرعي زمينون فصلن کي نقصان ٿي پهچي ها، زميندارن ٻڌايو ته 15 ڏينهن جي واري بندي جي ڪري شاخ بند هئي جنهن سبب شاخ جو فرش سڪي ويو هيو ۽ اڳ ۾ ئي شاخ کي پڪو ڪندڙ ٺيڪيدارن پاران شاخ جي ڪيرن ۽ فرش بندي ۾ ناقص ميٽريل استعمال ڪيو ويو هيو جنهن ڪري شاخ جو فرش ڦاٽ ڪائڻ ڪري 50 فوٽ جو وڏو ڳارو پئجي ويو ۽ زميندار اسرار ميمڻ ، علي رضا ملڪ سميت ٻين زميندارن جا فصل پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. هنن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي ڳهاري واري هنڌ پهچي معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ته جيئن وڌيڪ نقصان کان بچي سگهجي ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي پڻ عمل ۾ آندي وڃي

بقايا 10 مڪمل

ايس ريلوي فرحان غني ۽ ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل سان گڏ سکر ريلوي اسٽيشن تان جمالو ٽرين جي آزمائشي سروس ۾ سفر ڪيو ۽ سکر کان روهڙي تائين ٽريڪ ۽ آپريشنل معاملن جو جائزو ورتو ان موقعي تي جمالو ٽرين جي پهرين آزمائشي دوڙ ڪاميابي سان مڪمل ڪئي وئي. ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين ريلوي اختيارين سان گڏ سفر ڪندي سروس جي مختلف انتظامن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي سردارزاده سيد محسن عباس شاهه، فوڪل پرسن وزير بلديات سنڌ عرفان علي ڏائودپوٽو سردار تقي خان ڌاريجو چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل سکر لالا ظفر اقبال مغل ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ميڊيا سان ڳالهائيندي چيئرمين ضلعي ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه چيو ته جمالو ٽرين، جمالو پارڪ ۽ ٻين مقامي منصوبن جو افتتاح محرم الحرام کان اڳ ڪيو ويندو هن چيو ته جمالو ٽرين پنهنجي نوعيت جي هڪ منفرد سفري سهولت هوندي، جيڪا عوام کي سستي محفوظ ۽ آسان سفر فراهم ڪندي هن وڌيڪ چيو ته هن منصوبي ۾ ضلعي سکر جون مختلف ڪائون ڪاميٽيون شامل هونديون. جڏهن ته اسڪولن جي شاگردن ۽ مزدورن لاءِ سفر مفت رکيو ويندو سندس چوڻ هو ته جمالو ٽرين سروس جي شروعات سان ٽريفڪ جي مسئلن ۾ نمايان گهٽتائي ايندي ۽ شهرين کي بهتر سفري سهولتون ميسر ٿينديون

بقايا 11 احتجاج

طور تي ٻجي ٽڪس هڻ چيو ته پيو رند لوفرقسم جو ماڻهو آهي جنهن خلاف مختلف ٿاڻي تي ايف آر به داخل آهن جنهن ڪري آئون پنهنجي گهر تائين محدود بڻيل آهيان ۽ پنهنجي زمينن تي خوف سبب وڃي نٿو سگهان هن آئي جي سنڌ ،ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين ڊي ايس پي ماتلي ۽ ايس ايڇ او گلاب ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته الزام هيٺ آيل پيو رند کي گرفتار ڪري اسان کي ۽ منهنجي خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 12 ريلي

۽ مختلف مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي احتجاجي ريلي جي اڳواڻي سول سوسائٽي جي اڳواڻن ڪامريڊ اسلم ميمڻ، طاهر آرائين، سائين محمد شاهه ، ٻين ڪئي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي بدامني، منشيات فروشي ۽ سماجي برائين خلاف سخت نعريبازي ڪئي ريلي دوران مظاهرين "منشيات ڀڄايو گولاڙچي بچايو"، "شهر مان سماجي برايون ختم ڪريو"، "چوري ٿيل موٽرسائيڪلون واپس ڪرايون وڃن" ۽ "گولاڙچي ۾ امن قائم ڪيو" جا زوردار نعرا هنيا. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته منشيات نوجوان نسل کي تباهي ڏانهن ڌڪي رهي آهي جڏهن ته وڌندڙ چورين ۽ بدامني شهرين جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي هنن مطالبو ڪيو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا منشيات فروشن، چورن ۽ ڌوهارين خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪارروائي ڪن شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبن تي فوري عمل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

بقايا 13 نوجوان فوت

سعيد احمد شاهه ولد رحمت شاهه مٿان چڙهي وئي ۽ شديد زخمي ٿي پيو جن کي بروقت تعلقه اسپتال لکي غلام شاهه منتقل ڪيو ويو جتان حالت وڌيڪ ڳڻتي جوڳي ٿيڻ جي نتيجي ۾ سکر جي نجي اسپتال ريفر ڪيو ويو سکر اسپتال مان جواب ملڻ بعد وارث ڪراچي جي اسپتال کڻائي وڃي رهيا هئا ته حيدرآباد ويجهو زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو مڙهه لکي غلام شاهه شهر ۾ مڙهه پهچڻ تي سوڳ ڇانئجي ويو جنهن جي نماز جنازه شهر توڙي ڀرپاسي علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي نماز جنازه کان پوءِ مقامي قبرستان ۾ لڙڪن ۽ سڏڪن سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا 14 مظاهرو

علي ابڙو ، عبدالفتاح ڳاهوٽي ۽ ضلعي اڳواڻن قربان ارباب ، عبدالحڪيم نوحپوٽو. موسا لڙڪو. رسول بخش سولنگي ، ملهار شيدي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي مظاهري ۾ وڏي انگ ۾ ايس ٽي پي ڪارڪن شريڪ هئا مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ جي حلالي پٽ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر سعيد ميمڻ کي 17 ڏينهن اڳ بلوچستان مان اغوا ڪيو ويو ان سلسلي پهرين ڏينهن کان ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پونم اتحاد جي سائين بلوچ اڳواڻن سان رابطا ڪيا پر 17 ڏينهن گذرڻ باوجود اڃان تائين سعيد ميمڻ بازياب نه ٿي سگهيو آهي جنهن بعد ايس ٽي پي پاران پوري سنڌ ۾ ڊاڪٽر سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ احتجاجي تحريڪ هلائي پئي وڃي اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ جي قومپرستن ۽ بلوچستان جي محڪوم قومپرستن جا پاڻ ۾ برادرانه تعلق رهيا آهن انهن تعلقاتن جي بنياد تي اسان بلوچ قومپرست اڳواڻن کان مطالبو ٿا ڪيون ته سنڌ جي سپوت سعيد ميمڻ کي فوري طور بازياب ڪرائي سنڌي قوم جي بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 15 احتجاج

نادر گهمرو کي اغوا ڪري رکيو آهي احتجاج ڪندڙ عورتن چيو ته هنن پوليس کي شڪايتون ڪيون پر پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي سندن چوڻ موجب ڪجهه ماڻهن ڪين اطلاع ڏني ته ڪلهوڙو برادري سان تعلق رکندڙ هٿيارٻند جوابدارن نادر گهمرو کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مزاحمت ڪرڻ تي ڪيس گولي هڻي مبينا طور اغوا ڪري پاڻ سان گڏ وٺي ويا مظاهرين چيف جسٽس آف پاڪستان سنڌ جي وڏي وزير آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي سکر ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي نادر گهمرو کي باحفاظت بازياب ڪرايو وڃي

بقايا 16 عيسيٰ ٻبر

ٻبر ڪوڙي پروپيگنڊا ڪري ڪين بلاجواز بليڪ ميل ڪرڻ چاهي ٿو جنهن جي سندن علائقي ۾ ڪابه زمين نه آهي متاثر ڳوٺاڻي محمد عيسيٰ ٻبر ٻين ڳوٺاڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته سندس ڏاڏي ۽ والد جي اباڻي زمين جهرڪ جي ڪوهستاني علائقي ديهه ٽرڙي ۽ ديهه ڪور ۾ ذاتي زمين آهي پر مذڪوره بليڪ ميلر شخص جلال ٻبر 1993 ع ۾ سندس والد ڪاتيدار محمد صديق ٻبر کي فوتي ڄاڻائي سندس والد جي ڪوهستاني زمين جو ڪوڙو ڪاتو ڪرايو هو جيڪو بعد ۾ منهنجي والد رد ڪرايو ڇاڪاڻ جو منهنجو والد 2021 ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ ان کان اڳ ئي بليڪ ميلر شخص جلال ٻبر سازشون ڪندو رهيو هن وڌيڪ چيو ته سندس والد جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ هو پاڻ ۾ 3 ڀائر آهن جيڪي پنهنجي اباڻي زمين جا اصل وارث آهن ۽ هن پنهنجي ذاتي زمين مان ڪجهه زمين وڪرو ڪئي آهي هن چيو ته پنهنجي ذاتي زمين وڪرو ڪرڻ تي جلال ٻبر بليڪ ميلنگ شروع ڪئي آهي ۽ سوشل ميڊيا تي سندس ۽ سندس برادري جي معززين خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا ڪري ۽ ڪوڙا الزام هڻي رهيو آهي هنن چيو ته سندن ٻبر برادري به مذڪوره بليڪ ميلر شخص جلال ٻبر کي ڪوڙو قرار ڏيئي ڇڏيو آهي هنن انتظاميه ۽ ايس ايس پي ٺٽو کي اپيل ڪئي آهي ته مذڪوره بليڪ ميلر شخص جلال ٻبر خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سندس اجائي الزام بازي جو نوٽيس وٺي کين تحفظ ڏياريو وڃي

بقايا 17 ڊي سي نوشهرو

۾ امن امان برقرار رکيو وڃي ۽ امن امان اجتماعن ۽ جلوسن جي پرامن انعقاد، ٽريفڪ جي وهڪري، صفائي، بجلي، پاڻي، طبي سهولتن ۽ ٻين انتظامي معاملن لاءِ فول پروف انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن پوليس عملدارن رينجرز پاڪ فوج جي نمائندن مقامي سرڪاري ادارن صحت، تعليم، سيپڪو پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سڀني ادارن کي هدايت ڪئي ته محرم الحرام دوران پنهنجون ذميواريون صحيح طريقي سان ادا ڪن ۽ عزادارن کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪن ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم چيو ته محرم الحرام دوران امن امان ۽ فرقه وارانه هم آهنگي برقرار رکڻ لاءِ سڀئي لاڳاپيل ادارا هم آهنگي ۽ تعاون سان ڪم ڪن هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته جلوسن ۽ اجتماعن جي رستن تي صفائي، روشني، نيڪال ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ طبي ڪيمپون ۽ ايمبوليئنس سروسز پڻ هر وقت موجود هجڻ گهرجن اجلاس ۾ پوليس عملدارن سيڪيورٽي پلان، حساس هنڌن جي نگراني ۽ جلوسن ۽ اجتماعن جي فول پروف سيڪيورٽي بابت بريفنگ ڏني ڊپٽي ڪمشنر هدايت ڪئي ته ضابطه اخلاق تي مڪمل طور تي عمل ڪيو وڃي ۽ امن امان برقرار رکڻ ۾ ڪا به غفلت برداشت نه ڪئي ويندي اجلاس جي آخر ۾، ڊپٽي ڪمشنر پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو ته ضلعي انتظاميا، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ سڀئي لاڳاپيل ادارا گڏجي محرم الحرام دوران بهترين انتظامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪندا ته جيئن سوگوار پرامن ۽ محفوظ ماحول ۾ رهي سگهن اجلاس ۾ مختلف فقهن جي عالمن ۽ نمائندن شرڪت ڪئي ۽ انتظاميه کي پنهنجي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو

بقايا 18 مظاهرو

ڪندو آهيان هن چيو ته گذريل سال ڪٽڪ جي اگهن ۾ اچانڪ اضافي سبب مونکي تمام گهڻو نقصان ٿيو ۽ قرضي ٿي ويس هن چيو ته هن وقت مون کي ۽ منهنجي گهر وارن کي قرضين ۽ وياج خورن تنگ ڪري جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته شهر جي معززين جي چوڻ تي قرضين کي قسطن ۾ قرض ڏئي رهيو آهيان ان جي باوجود ڏولو لاڪو اسلم لاڪو وحيد ڏيرو ۽ ٻيا منهنجي گهر اچي منهنجي گهر واري ۽ معصوم نياڻين اڳيان مونکي گارگند ۽ اغوا جون ڌمڪيون ڏين ٿا ۽ نياڻين کي حراسان ڪن ٿا جنهن جي ڪري منهنجون نياڻيون گهر تائين محدود ٿي ويون آهن هنن چيو ته اسان کي وياج جا پيسا معاف ڪيا وڃن باقي مور رقم قسطن تي ڏيڻ لاءِ تيار آهيون هنن چيو ته اسان کي ملندڙ ڌمڪين ڪانپوءِ اسان کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار مٿيان ماڻهو هوندا. هنن آئي جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي مٽياري ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته سندن جائز مدد ڪئي وڃي.

بقايا 19 اياز پليجو

جا مخالف ۽ سنڌين جا ويري چاهين ٿا ته سنڌ وراهيل هجي ٽڪرا ٽڪرا ٿيل هجي ۽ چوڌر چوڌر ٿيل هجي، هو چاهين ٿا ته سنڌين جا هٿ هڪ ٻئي جي ڳچين ۾ هجن. هو هر روز نوان منصوبه جوڙين ۽ سازشون ڪن ٿا ته سنڌين کي ذات جي بنياد تي، برادري، نسل، قبيلي، فرقي ۽ عقيدي جي بنياد تي هڪبئي سان ويڙهائي، ڪمزور ڪري، سنڌ جو درياهه، پاڻي، قدرتي وسيلا، زمينون، گئس، تيل، ڪوئلو، شهر، ٽيڪس، بندرگاهه، جبل، معدنيات، ٻيٽ ۽ سنڌ جي هر شئي ڦري ۽ لٽي وڃون. اياز لطيف پليجي چيو ته هنن جي خواهش آهي ته سنڌ پلي ڪرپشن جي گهيري ۾ هجي، گورننس برباد هجي، علم، صحت، زراعت، ميرٽ سڀ تباهه هجن، نوڪريون وڪامنديون رهن، نياڻيون قتل ٿينديون رهن، اسان جا نوجوان، شاگرد، هاري، مزدور، عورتون، اقليتون، واپاري، ملازم، آبادگار سڀ در بدر ڀٽڪندا رهن هنن جو پلان آهي ته آئيني ترميمن، اقتصادي ترقي ۽ انتهاپسندي جي آڙ ۾ سنڌ جي تخت گاهه ڪراچي، ناٿي پاڻي ۽ وسيلن تي قبضو ڪري، سنڌين کي پنهنجي وطن ۾ اقليت ۾ تبديل ڪيون اياز لطيف پليجي چيو ته اسان انهن جي ڪنهن به سنڌ دشمن ۽ ملڪ دشمن منصوبي کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين اياز لطيف پليجي چيو ته قومي عوامي تحريڪ جو مقصد آهي ته سنڌ جا ماڻهو متحد ٿي سڄي سنڌ کي مضبوط ڪري، پنهنجي وسيلن ۽ وحدت جي حفاظت ڪن ۽ هڪ سڌريل پڙهيل، خوشحال رواداري شفاف، پرامن ۽ ترقي يافته سنڌ ۽ جمهوريت، برابري، قانون ۽ انصاف واري پاڪستان جي لاءِ جدوجهد کي تيز ڪيون. اياز لطيف پليجي سنڌ جي عوام جي سڏ ڏيندي چيو آهي ته اچو ته گڏجي سنڌ کي هن آزمائش ۾، هن مشڪل وقت ۾ بچائي اٺ ڪروڙ سنڌين جو وطن ۽ مستقبل محفوظ بڻايون

بقايا 20 عوام پريشان

۽ ضلعي بدين کي پاڻي فراهم ڪن ٿيون اڪرم واهه ڪينال ۽ ڦليلي واهه ڪينال ۾ مسلسل پاڻي جي بدترين ڪوٽ آهي جڏهن ته زيرزمين ڪارو پاڻي هجڻ سبب ضلعي بدين جي 25 لک آبادي کي پيئڻ جو پاڻي ميسر ناهي بدين شهر جي مين مير واهه ۾ هن وقت واري اڏامي رهي آهي ساحلي علائقي ۾ ماڻهو ڪارو ڏهن وارو پاڻي واپرائي رهيا آهن ٻهراڙين جا رهواسي شهري توڙي جانور پکي پيئڻ جي پاڻي لاءِ سخت پريشان آهن ٻهراڙين جي رهواسين ۽ شهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته بدين ۾ گذريل ٻن مهينن کان پاڻي ناهي آيو پيئڻ لاءِ پاڻي ناهي چوپايو مال مرڻ لڳو آهي ننڍن وڏن واهن سميت واٽرسپلائي تلاءَ به سڪي ويا آهن بدين ضلع جي مختلف علائقن ۾ ماڻهو ڄر جو ڪارو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن رهواسين وزيراعلي سنڌ ڪمشنر حيدرآباد ڊي سي بدين کان مطالبو ڪندي چيو ته اڪرم واهه ڪينال ۽ ڦليلي واهه ڪينال کي پاڻي ڏيئي ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي ڏيئي تباهه ٿيندڙ زرعي معيشت کي بچايو وڃي

بقايا 21 گرفتار

جوابدار سڪندر ماڇيءَ پينو فقيرياڻيءَ مريم ماڇيءَ کي گهٽا ڏيئي قتل ڪري ڇڏيو هو ايس ايڇ او ٽنڊو غلام علي انسپيڪٽر اياز علي پٽي نيو ڌمبالو انچارج اشتياق علي جت جي مدد سان جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا 22 ڌرڻو

مرڪزي سڏ تي سنڌ سنواريو جي عنوان هيٺ سنڌ ترقي پسند پارٽي بدين ضلع جي صدر شاهنواز سيال ،نائب صدر علي حيدر پنهور، تعلقا صدر لڪاڏنو عمراڻي ،ڪارو هاليپوٽو ايوب پٽي ۽ عالم سنڌي جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪن شهر جي الله والا چوڪ کان ٽنڊوباگو شهر جي مڪ بدر چوڪ تي ڌرڻو ڏنو ويو جتي اڳواڻن پاران سنڌ سنواريو جي عنوان هيٺ خطاب ڪندي چيو سنڌ خاص ڪري بدين ضلع اندر منشيات آئس جو وڪرو ڇوٽ ڇڙهيل آهي ،هتان جا اسڪول زبون حالي جو شڪار آهين اسڪولن ۾ فرنيچر جي سخت ڪوٽ سان گڏ اڪثر استاد ڊيوٽيون نٿا ڪن ، هنن چيو ت بدين ضلع خاص ڪري تعلقي ٽنڊي باڳي اندر سم ٿالين جي کوٽائي ن ٿيڻ ڪري مٿان برسات جي موسم اچڻ واري آهي اسان جا مارو ماڻهو برسات ۾ ٻڏي ويندا هن گهر ڪئي ت بدين ضلع جي لاڙ ڪيمپس کي يونيورسٽي جو فورن درجو ڏنو وڃي سرڪاري اسپتال خاص ڪري تعلقي ٽنڊي باڳي جي سرڪاري اسپتالن اندر غريب مريضن کي صحت جون سهولتون ن ملڻ ڪري هتان جو غريب عوام صحت جي سهولتن لاءِ سخت پريشان آهي ،هنن عوام کي اپيل ڪئي ت هو سنڌ ترقي پسند پارٽي جو ساٿ ڏين جيئن اوهان جا بنيادي مسئلا حل ڪرائي اوهان کي سڪون واري ننڊ مهيا ٿي سگهي

بقايا 23 ريلي

هٿندي داروشاهه مٺن اسٽاپ کان ٿيندي الله واري چوڪ تي پهتي جتي خطاب ڪندي ايم ظفر ٽڳڙ امجد ميمڻ اعظم ميمڻ سيد مختيار شاهه "مختيار" محمد يونس راڄپر جبار ملاح اعجاز ممناڻي استاد اقبال حسين ميمڻ عامر حسين ميمڻ مير حسن مهر ۽ ٻين چيو ته 24 ڏينهن گذرڻ باوجود سعيد ميمڻ جو ڪوبه ڏس پتو نه پيو آهي اختر مينگل جي بيان ڪجهه آٿت ڏنو آهي اسان اختر مينگل سميت بلوچ اڳواڻن سان گذارش بلوچستان ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪيون ته سعيد ميمڻ کي بازياب ڪرائي پوري سنڌ مان تشويش جي لهر کي ختم ڪيو وڃي هنن چيو ته سعيد ميمڻ صرف رائٽر ڪامورو نه پر سنڌ جو اديب، شاعر دانشور ۽ انسان دوست آهي سندس دل جا 2 آپريشن ۽ آنڊي جو آپريشن ٿيل آهي دوائن جي حوالي سان سندس گهرڀاتين سميت ماڻهن ۾ تشويش جي لهر آهي جيڪا ختم ڪري سعيد ميمڻ جي بازيابي کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا 24 چيڪ تقسيم

پير مجيب الحق شاگردن کي يقين ڏياريو ته غريب ۽ محنتي شاگردن جي تعليم لاءِ وڌيڪ اسڪالرشپ فراهم ڪرڻ ۽ تعليمي سهولتن ۾ بهتري لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪيون وينديون. ڪاليج جي ترقياتي ڪمن لاءِ حڪومت سنڌ کان جلد مالي امداد (گرانٽ) منظور ڪرائڻ ۽ ڪاليج جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻڻ جو پڻ يقين ڏياريو. شاگردن جي بهتر مستقبل، معياري تعليم ۽ تعليمي ادارن جي ترقي لاءِ اهڙا قدم ساراهه جوڳا آهن

بقايا 25 احتجاج

احتجاجي مظاهرو ڪيو آبادگارن پاران "پاڻي ناهي چو پلا ڪريلا ڪريلا" جي زوردار نعريبازي ڪئي وئي ۽ هنگامي اجلاس پڻ ڪوٺايو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پراڻ شاخ لاءِ 15 ڏينهن واري روٽيشن برقرار رکڻ بابت ايريگيشن جي اعليٰ اختيارين سان ملاقات ڪئي ويندي، جڏهن ته مطالبا نه مڃڻ جي صورت ۾ ريگوليٽر جهلوري وٽ ڌرڻي جو ڇتاءُ پڻ ڏنو ويو ان موقعي تي آبادگار اڳواڻ نصير رمداڻ چيو ته درياهه ۾ پاڻي موجود هجڻ باوجود ٽيل جي آبادگارن کي سندن حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي، جڏهن ته بااثر زميندار پابندي باوجود سارين جا فصل پوکي غيرقانوني گونديون لڳائي پاڻي کڻي رهيا آهن هن چيو ته 21 ڏينهن جي وارا بندي سبب فصل تباهه ٿي ويندا. آبادگار محبوب ڪيڙو چيو ته پاڻي جي هتراڏو ڪوٽ سبب ڪيترائي آبادگار پوکائي نه ڪري سگهيا آهن. جڏهن ته پوکيل ڦٽي، مرچ ۽ ٻيا فصل سڪي تباهه ٿي رهيا آهن سندس چوڻ هو ته ڳوٺن جا تلاءَ پڻ سڪي ويا آهن ۽ پيئڻ جي پاڻي جي شديد ڪوٽ پيدا ٿي وئي آهي آبادگار اڳواڻ مير علي احمد ڏاليي مطالبو ڪيو ته پراڻ شاخ کي اڳ وانگر 15 ڏينهن جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ٽيل جا آبادگار سخت احتجاج جو رستو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا

بقايا 26 خاموش بڻيل

نسل تي انتهائي منفي اثر پئجي رهيا آهن، جڏهن ته ڪجهه عورتون ۽ مرد پڻ هن موذي نشي جي ور چڙهي چڪا آهن شهرين الزام هنيو آهي ته پوليس ڳٽڪي ۽ ڪٽر سوپارين خلاف ڪارروايون ڏائين محدود آهي جڏهن ته آئيس جهڙي خطرناڪ منشيات جي کليل وڪري کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن هن ناسور کي روڪڻ لاءِ فوري قدم نه کنيا ويا ته ايندڙ نسل جو مستقبل داءَ تي لڳي ويندو هوڏانهن سماجي اڳواڻن ۽ شهرين سنڌ جي گهرو وزير، آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي سڄاول ۽ اينٽي نارڪوٽڪس فورس سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته آئيس سميت ٻين منشيات جي وڪري ۽ استعمال ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 27 دعويٰ

حفاظتي ڌارون ۽ ٻه موٽر سائيڪلون برآمد ڪيون ويون آهن فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي جڏهن ته گرفتار جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 28 زين شاهه

انجنيئر اوڀايو خشڪ جي لاڏاڻي تي سندس وارثن سان عذرخواهي ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو سيد زين شاهه چيو ته عوامي تحريڪ ذريعي ئي سنڌو درياهه کي وهائڻ سنڌو ڊيلٽا کي بچائڻ سنڌ جي آبادگارن کي معاشي پريشانين کان محفوظ رکڻ ۽ مستقبل ۾ سنڌ کي لاحق خطرن سمنڊ جي چاڙهه ۽ زمينن تي والار جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي سگهجي ٿو هن چيو ته گذريل سال سنڌ جي عوام جي سخت ردعمل ڪانپوءِ ڪئنالن وارو معاملو عارضي طور پوئتي ته ڪيو ويو پر اڃا ڏائين ان کي مڪمل طور ختم ناهي ڪيو ويو سندس چوڻ هو ته سنڌو درياهه مان ڊيلٽا ڏائين پاڻي جي ڇوڙ کي يقيني بڻائڻ لاءِ حڪمران ارسا کي مؤثر نموني فعال نٿا ڪن ۽ نه ئي جلالپور چولستان سميت تڪراري ڪئنالن کي گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) ذريعي ختم ڪيو پيو وڃي، جنهن مان حڪمرانن جي نيت ظاهر ٿئي ٿي سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سنڌو درياهه سنڌ جي جاگرافيائي وحدت ۽ وسيلن کي بچائڻو آهي ۽ سنڌ کي ٻيهر ڪنهن به ٻئي نظام کان محفوظ رکڻو آهي ته سنڌ جي عوام کي ايندڙ چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو

بقايا 29 نوٽيس ورتو

پوليس بيگناهه پورهيتن کي پڪڙي مختلف جڳهن تي لڪائيندي رهي، آريجا چونڪي تي بيگناهه نوجوان کي هٿ ۾ هٿڪڙيون لڳل هيون پوليس وارن چونڪي ۾ نوجوان کي بند ڪري ڇڏيو آهي بند پيل نوجوان الزام لڳائيندي چيو ته لاڙڪاڻو وليد ٿاڻي جي پوليس ٻن ڏينهن کان وٺي هٿن ۾ هٿڪڙيون هڻي رشوت جي گهر ڪئي آهي رشوت نه ڏيڻ تان پوليس مختلف هنڌن تي ڪورٽ سڳوري جي ڀو کان لڪائيندي رهي، ناحق ٻانڌي بڻايل نوجوان جو ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ کان پوءِ ايس ايس پي لاڙڪاڻو نوٽيس وٺي 4 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ۽ ٻين کي آزاد ڪري ڇڏي ڏنو وليد ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي پوليس لائين رپورٽ طلب ڪئي، نوجوانن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ملوث پوليس اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪري اسان کي آزاد ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

آفيس آف دي اسسٽنٽ ڪمشنر، تعلقه ڪيٽي بندر

روانگي نمبر:.........................

تاريخ :.........................

نوٽيس عام اطلاع

1. جيئن ته سنڌ صوبي ۾ حقن جي رڪارڊ جي آخري ڀيرو تصحيح ۽ تصديق 1986-1985دوران سنڌ لينڊ ريوينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي ۽ ان ڪانپوءِ ڪا به سرگرمي نه ڪئي وئي آهي.

2. درستگي کي يقيني بڻائڻ ، سالميت برقرار رکڻ ، حقن جو رڪارڊ درست ڪرڻ ۽ زمين جي رڪارڊ کي ڊجيٽل ڪرڻ جي مقصدن سان بورڊ آف روينيو سنڌ 28 فيبروري 2025 جي پنهنجي مڪمل بورڊ جي اجلاس ۾صوبي ۾ زمين جي رڪارڊ جي هڪ خاص نظرثاني (ٻيهر لکڻ) ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن جي شروعات ديهه منارا تعلقي ڪيٽي بندر ضلعو ٺٽو ۾ هڪ پائلٽ پروجيڪٽ سان ٿي رهي آهي .

3. اهڙي طرح بورڊ آف روينيو سنڌ، حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ معياري رڪارڊ کي يقيني بڻائڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي ذريعي آسان بڻائڻ لاءِ هڪ خاص نظرثاني (ٻيهر لکڻ) جي سرگرمي شروع ڪئي وئي آهي.

4. تنهنڪري سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاران ڏنل اختيارن کي استعمال ڪندي ، بورڊ آف روينيو سنڌ، حيدرآباد،تاريخ: 28 فيبروري 2025نمبر.............حڪم ڏنو آهي ۽ هدايت ڪئي آهي ته ديهه منارا تعلقي ڪيٽي بندر ضلعو ٺٽو جي حوالي سان حقن جي رڪارڊ ۾ هڪ خاص نظرثاني (تصحيح ۽ تصديق) ڪئي وڃي .

5. حڪم هيٺ تصديق ۽ تصحيح ٿيل رڪارڊ سنڌ لينڊ رينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي ذيلي سب سيڪشن (11)، (12) ۽ (13) جي تحت مقرر ڪيل طريقيڪار جي فريم ورڪ لاڳاپيل مختيارڪار ۽ پهرين گريڊ جي لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪليڪٽر طرفان صحيح طور تي تصديق ٿيل هوندو.

6. مٿين حوالي مطابق هيٺ ڏنل ديهه منارا تعلقي ڪيٽي بندر ضلعو ٺٽو جي ڪاتيدارن جا نالا ،شناختي ڪارڊ سميت سروي نمبر ايراضي، شناختي ڪارڊ يا ڪنهن ٻي ڳالهه تي اعتراض هجي ته مختيار ڪار آفيس ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقي گهوڙا ٻاري جي آفيس ۾ 15 ڏينهن اندر اعتراض داخل ڪرائيندا، ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل رڪارڊ واسطيدارن جي نالي سان ٻيهر لکيو (ري- رائيٽ) ڪيو ويندو.

ديهه منارا، تعلقه ڪيٽي بندر، ضلع ٺٽو

سيريل نمبر	ڪاتيدار جو نالو	حصو	سروي نمبر	ايراضي	انٽري نمبر
01	پير پير ڏنو شاهه ولد صابر علي شاهه احمد شاهه ولد صابر علي شاهه الياس شاهه ولد صابر علي شاهه ابراهيم شاهه ولد صابر علي شاهه	1-00	I, 2, 3, 4, 31, 32, 33, 34, 35, 6, 7, 8, 9, 10, II, 12, 13, 14, 15, 16, 17, 18, 19, 20, 21, 22, 23, 24, 25, 26, 27, 28, 36, 37, 38, 39, 40, 41, 42, 41, 57, 58,		01 27.03.2005

INF/KRY/2354/ 26

WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

ڪنڌڪوٽ پوليس ڪارروائي، مقابلي ۾ بدنام ڌوهاري مارجي ويو، خوشي ۾ هوائي فائرنگ

غوث پور پوليس ٿاڻي جي حد ۾ ڌوهارين سان مقابلو ۾ بدنام ڌوهاري ملگزار عرف ملهو ڀلڪاڻي مارجي ويو

جوابدارن جي قبضي مان ڪلاشنڪوف به هٿ، مارجي ويل بدنام ڌوهاري 70 ڪيسن ۾ گهربل هو

ڌوهارين جو خاتمو ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي پوليس ٽيم بهادريءَ دليري سان مقابلو ڪري هڪ ڌوهاري جو خاتمو ڪيو

ڪنڌ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌ ڪوٽ لڳ غوث پور پوليس ٿاڻي جي حد ۾ پوليس جو ڌوهارين سان مقابلو ٿيو جنهن ۾ بدنام ڌوهاري ملگزار عرف ملهو ڀلڪاڻي کي ماري ڇڏيو انهي حوالي سان ضلع پوليس ترجمان پاران جاري ڪيل بيان مطابق بدنام ڌوهاري ملگزار عرف ملهو ڀلڪاڻي گينگ سان مقابلو ٿيو جنهن ۾ گينگ سربراهه مارجي ويو سندس ساٿي فرار ٿي ويا سندس قبضي مان ڪلاشنڪوف به هٿ لڳي آهي مارجي ويل بدنام ڌوهاري هو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڌاڙيل جو لاش ۽ فائيل فوٽو

نوشهروفيروز ۾ سماجي تنظيمن پاران ڪلائيميٽ چينج بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو

نوشهرو فيروز(ڊ ر)نوشهروفيروز ۾ ڪلائيميٽ چينج بابت سيمينار وڻڪاري کي وقت جي اهم ضرورت قرار،نوشهروفيروز ڳوٺ سينگار فائونڊيشن ۽ پاڪستان پاورٽي اليويئيشن فنڊ جي سهڪار سان مقامي هوٽل ۾ ڪلائيميٽ چينج بابت هڪ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سماجي اڳواڻن استادن صحافين ۽ مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي پروفيسر اصغر پتي چيو ته وڻ لڳائي انساني زندگي کي آسان بڻائي سگهجي ٿي پر افسوس جو ٻيلن ۽ ماحول جي تحفظ لاءِ ذميوار ادارا پنهنجو ڪردار ادا نٿا ڪن هن چيو ته ٻيلن جي کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي موجودگي باوجود وڏي پئماني تي وڻ ڪٽيا پيا وڃن جڏهن ته

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

واقع ڪربلا صبر،تحمل ۽ قرباني جو لازوال مثال آهي:ڊي سي ڪشمور

محرم الحرام ۽ يوم عاشور جي ڏينهن حوالي سان سخت سيڪيورٽي پلان ترتيب ڏنو ويو آهي

جنهن تحت پوليس ۽ رينجرز جا جوان سنڌ بلوچستان بارڊر تي موجود علائقن تي گشت ڪندا

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) محرم الحرام جي سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ آغا شير زمان جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ اهم گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ مختلف مڪاتب فڪر جي علمائن وائيس چيئرمين الطاف خان ڪوسو ميونسپل چيئرمين مير راشد خان سندراڻي، ايس ايس

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز: ماحوليات جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان ڪرايل تقريب جو ڏيک

ڪنڌڪوٽ ۾ بجلي لوڊشيڊنگ خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

18کان 20 ڪلاڪ بجلي بند ڪرڻ سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ پيو:مظاهرين

ڪجهه پول پڻ ڪريل آهن، بجلي بندش سبب ٻار،نوجوان،پوڙها بيمار ٿي رهيا آهن

ڪنڌ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌ ڪوٽ شهر ۽ ڀرپاسي بجلي بحران وڌي ويو 18 کان 20 ڪلاڪ بجلي بندش عوام سخت گرمي ۾ آزار ۾ رهڻ لڳي سياسي سماجي وڪيل برادري جو سيپڪو انتظاميا جي نااهلي خلاف انڊس هاءِ وي تي رڪاوٽون رکي احتجاجي ڌرڻو هڻي ڪجهه ڪلاڪ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو روڊ بلاڪ هجڻ ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن کان گاڏين جو قطارون

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي جي خانگي ميڊيڪل سينٽر ۾ ويم دوران عورت فوت، وارثن پاران ڊاڪٽرياڻي تي الزام

رتوديرو واسڻ حميده زال نثار ڪوسو کي ويم لاءِ ميروخان چوڪ وٽ خانگي اسپتال ۾ آندو ويو

آپريشن دوران ڊاڪٽرياڻي ڀيڻ جي پيٽ ۾ ڪپهه رهائي وئي جنهن سبب هو فوت ٿي وئي: ڀاءُ صدام حسين

ڊاڪٽرياڻي خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ عدالت جو در کڙڪائينداسين

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ميروخان چوڪ واري علائقي ۾ قائم خانگي ميڊيڪل سينٽر تي رتوديرو جي رهواسڻ حميده زال نثار ڪوسو ويم دوران فوت ٿي وئي جنهن جي وارثن ڊاڪٽرياڻي مٿان آپريشن ۾ غفلت برتڻ پيٽ ۾ ڪپهه رهائڻ جو الزام لڳائيندي فوتي عورت جي لاش سينٽر ٻاهريان ايمبولينس وچ روڊ تي رکي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب اينڊ وينڊز ٽريفڪ جام ٿي وئي جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ اولياء سيد خانڻ شاهه المعروف بخاري بادشاهه عرس مبارڪ شروع، ملهه ملاکڙو

گمبٽ (ن ـ ع)گمبٽ لڳ سنڌ جي مشهور صوفي اولياء سيد خانڻ شاهه المعروف بخاري بادشاهه جي سالياني ٽن ڏينهن واري عرس مبارڪ ميلي جي پهرين ڌمال ڪرائي وئي ملاکڙي ۾ سنڌ ۽ پنجاب کان آيل پهرين ٻئين ۽ ٽئين جوڙ جي کٽندڙ ملهه پهلوانن ديدار جمالي علي نواز ميهلو منظار بگٽي اويس گهانگهرو اورنگزيب ناريجو پهلوان بخت علي خواجه سجاد ملاح ۽ ٻين ملهه پهلوانن کي ملاکڙي جي تقريب جي مهمان خاص اڳوڻي ايم پي اي پير سيد محمد بچل شاهه جيلاني درگاهه جي گادي نشين سيد صادق شاهه بخاري سيد اڪبر شاهه بخاري

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

پنگريو اسڪول جو نائيب قاصد موٽر سائيڪل سميت مبينا کنيجي ويو

علي حسن ڪوسو ڊيوٽي تان واپسي دوران نامعلوم ماڻهو کڻي ويا

پوليس پاران لاعلمي جو اظهار، حيدرآباد پوليس جي ڪارروائي ڪئي آهي:ذريعا

پنگريو (ن ع) پنگريوگورنمينٽ بوائيز هائير سيڪنڊري اسڪول جي نائيب قاصد علي حسن ڪوسو کي ڊيوٽي تان واپسي دوران ڪاري رنگ جي الٽو ڪار ۾ سوار نامعلوم سادن ڪپڙن ۾ ملبوس ماڻهو سندس موٽر سائيڪل سميت کڻي ويا جنهن واقعي متعلق پنگريو پوليس سان رابطي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٿاڻي بولاخان ۾ ڳوٺاڻن جو بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاج

ڪوهستان واسين علي اصغر رند، موسيٰ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

علائقي ۾ گئس، ايمبولينس، بجلي ۽ روڊ رستا ڏئي پريشانين کي دور ڪيو وڃي

ٿاڻوبولاخان (رپورٽ: شوڪت خاصخيلي) ٿاڻي بولاخان جي علائقي ڪوهستان جي ڳوٺن حاجي صوبو خان رند ـ پير بخش رند ـ الهه بخش رند ـ مصري خان رند ـ ڦوڪو رند ۽ ٻين ڳوٺن ۾ زندگي جون بنيادي سهولتون ـ گيس ـ ايمبولينس ـ بجلي ـ روڊ رستا نه هئڻ سبب رهواسي وڏي پريشاني

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٿاڻو بولا خان: پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

پٽ شاهه پرسان شيخاڻي مائينر کي گهارو، تيار ٿيل فصل پاڻي هيٺ، لکين رپين جو نقصان

شيخاڻي مائينر کي اوچتو لڳ ڀڳ 50 فٽ ويڪرو گهارو پئجي ويو، پاڻي زمينن ۽ علائقن ۾ داخل

6 ڪلاڪ گذرڻ بعد آبپاشي کاتي جا عملدار پهتا، هاري ۽ ڳوٺاڻن جي مدد سان شاخ ۾ لڳل گهارو بند ڪيو ويو

جيڪڏهن ترت قدم کنيا وڃن ها ته سنڌن زرعي زمينون، فصلن کي نقصان نه پهچي ها: علائقي واسي

پٽ شاهه (ن ع) پٽ شاهه پرسان شيخاڻي مائينر کي اوچتو لڳ ڀڳ 50 فٽ ويڪرو گهارو پئجي ويو جنهن سبب وڏي مقدار ۾ پاڻي ڀرپاسي جي زمينن ۽ علائقن ڏانهن وڌي ويو مقامي رهواسين موجب گهارو پئجي 6 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت گذري چڪو هو جنهن بعد آبپاشي کاتي جا ذميوار عملدار ايس ڊي او اويس سرڙ داروغو غلام علي ميمڻ عملو ساڻ ڪري واقعي واري هنڌ پهتا، جتي هارين ۽ ڳوٺاڻن جي مدد سان شاخ ۾ لڳل گهاري واري هنڌ کي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ جمالو ٽرين جو آزمائشي سفر ڪاميابي سان مڪمل ڪيو ويو

سيد ڪميل حيدر شاهه، ڊي ايس ريلوي ۽ ٻين آزمائشي سروس ۾ سفر ڪيو

جمالو ٽرين ۽ ٻين مقامي منصوبن جو افتتاح محرم الحرام کان اڳ ڪيو ويندو: ڪميل حيدر

سکر(بيورو رپورٽ) شهرين کي جديد ۽ آسان سفري سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ جمالو ٽرين جو آزمائشي سفر ڪاميابي سان مڪمل ڪيو ويو، باقاعده افتتاح کان اڳ سکر کان روهڙي تائين ٽرين جي عملي آزمائش ڪئي وئي ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه ڊي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري ۾ ڳوٺاڻي جو حملي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار خلاف احتجاج

گلاب لغاري (ن ع) گلاب لغاري جي ڳوٺ احمد خان رند جي رهواسي پرويز رند پنهنجن معصوم ٻارڙن شائسته بتول ۽ علي عباس سان گڏ پريس ڪلب آڏو گل محمد عرف پپو رند خلاف احتجاج ڪندي مٿن الزام هڻندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ پيربخش رند ۾ پنهنجي ڀيڻ جي گهر وڃڻ ٿيو ته پپو رند پستل ۽ ڪهاڙي کڻي جان کان مارڻ جي ڪوشش ڪئي ته اتي موجود گهر جي ڀاتين پپو کي منٿ ميڙ ڪري جان ڇڏائي هن جو چوڻ هو ته اسان اهڙي درخواست گلاب لغاري ٿاڻي تي به ڏني آهي پر اڃان تائين ڪا گرفتاري نه ٿيڻ ڪري هن ڀيهر به حملو ڪري جان کان مارڻ جي ڪوشش ڪئي پر معجزاتي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BIDS

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LC-PT-CABLES-BRZG-323299087-2026	CABLES	30.06.2026 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LPT-CESS-PT-323523191-2026	CONSTRUCTION OF BLACK TOP ROAD	30.06.2026 AT 1130 Hrs
3.	OGDCL-SCM-LC-PROD-BLANKETS-RRC-324201116-2026	PRE-QUALIFICATION & RATE RUNNING CONTRACT OF BLANKETS	02.07.2026 AT 1130 Hrs
4.	OGDCL-SCM-LD-PT-PNP-DKN-323580105-2026	SPIRAL WOUND GASKETS	06.07.2026 AT 1130 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
3. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah
Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No.272/36

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

ڪراچي: ڪاريگر ڪاٺ جي فرنيچر کي پالش ڪري رهيا آهن

بدين ۽ ساحلي علائقن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ، عوام پريشان

اڪرم واهه ۽ ڦليلي واهه ۾ پاڻي جي گهٽتائي سبب پيئڻ جي پاڻي جو بحران وڌي ويو

شهر ۽ ٻهراڙين ۾ تلاءَ، واٽر سپلاءِ ۽ ننڍا واهه سڪي ويا، چوپايو مال اڃ مرڻ لڳو

رهواسين جو حڪومت کان فوري پاڻي فراهمي ۽ زرعي معيشت بچائڻ جو مطالبو

بدين (ڊ ر) بدين شهر سميت ساحلي علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي آهي انسان توڙي جانور پکي پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان تفصيل موجب بدين کي پاڻي فراهم ڪندڙ ڪوٽڙي بيراج جا ٻه ڪينال اڪرم واهه ڪينال ڦليلي واهه ڪينال جنهن مان سوين شاخون نڪرن ٿيون

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سنڌ جا مخالف ۽ سنڌين جا ويري چاهين ٿا ته سنڌ ورهايل هجي:اياز پليجو

سنڌين جا هٿ هڪ ٻئي جي ڳچين ۾ هجن، هر روز نوان منصوبا جوڙين ۽ سازشون ڪن ٿا

سنڌين کي هڪٻئي سان ويڙهائي، ڪمزور ڪري، سنڌ جي هر شئي ڦري ۽ لٽي وڃڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ، سنڌو درياهه تي ڊيمز، 28هين ترميم، ڪرپشن بدامني لاقانونيت، منشيات ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف (اڄ) کان 31 جولاءِ تائين 50 ڏينهن جي متحد ۽ مضبوط سنڌ جي عنوان سان تحريڪ شروع ڪري ڇڏي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته سنڌ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ واڻيا برادري جو قرضين ۽ وياج خورن خلاف احتجاجي مظاهرو

واپار ۾ نقصان بعد قرضن جي بار هيٺ زندگي گذاري رهيا آهيون: جيٺو مل

وياج خور ڌمڪيون ۽ حراسان ڪري رهيا آهن، گهرواري ۽ نياڻين کي تحفظ ڏنو وڃي

هالا (ت ر) هالا ۾ واڻيا برادري جي نوجوان پنهنجي گهر واري ۽ معصوم نياڻين سميت قرضين ۽ وياج خورن کان تنگ اچي پريس ڪلب تي پهچي ويو پٽ شاهه جو واپاري جيٺو مل پنهنجي گهرواري سنيتا ۽ معصوم نياڻين سان گڏ پريس ڪلب تي احتجاج ڪندي چيو ته آئون پٽ شاهه ۾ ڪيترن ئي سالن کان اٽي جي چڪي هلائيندو آهيان ۽ ڪڻڪ خريد ڪري وڪرو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

هالا: پٽ شاهه جو واپاري قرضين جي آزار بابت پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

محرم الحرام دوران ضلعي ۾ امن امان برقرار رکيو وڃي: ڊي سي نوشهروفيروز

امن امان برقرار رکڻ ۾ ڪا به غفلت برداشت نه ڪئي ويندي: ارسلان سليم

فرقه وارانه هم آهنگي برقرار رکڻ لاءِ سڀني لاڳاپيل ادارا هڪٻئي سان تعاون ڪن

نوشهروفيروز(رپورٽ:شاهد علي چنڊ)محرم الحرام جي انتظامن بابت هڪ اهم اجلاس ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ سندس آفيس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ هن امن امان ۽ سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته محرم الحرام دوران ضلعي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

کپرو پوليس پاران عدالتي حڪم مبينا نجي جيل تي ڇاپو، 8 هاري بازياب

پوليس ڳوٺ چتو هنگورجو ۾ زميندار اصغر گل ٻهار جي زمين تي ڇاپو هنيو

ڇاپي دوران بازياب ٿيل ديا، پريتم، موهن، درگا، ٺلو مل ۽ ٻيا عدالتي پيشي بعد آزاد

کپرو (ن ع) ايڊيشنل سيشن جج کپرو جي حڪم تي ڪاهي پوليس ڏليار ويجهو ڳوٺ چتو هنگورجو ۾ زميندار اصغر گل ٻهار جي مبينا زرعي زمين تي ڇاپو هڻي اٺ هارين کي بازياب ڪرائي ورتو هارين جي بازيابي لا هيرو نالي هاري درخواست ڏني هئي بازياب هارين ۾ ديا ،موهن ،درگا، منجي پريتم ۽ ٻيا شامل آهن هارين موجب زميندار جبري پورهيو ڪرائيندو هو زميندار موجب هن وٽ ڪا خانگي جيل ناهي ٻي پاسي ڪورٽ هارين جو بيان ٻڌڻ بعد کين آزاد زندگي گذارڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

بدين: ايس ٽي پي پاران سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

جلال ٻهر ڪوڙي پروپيگنڊا ڪري بلاجواز بليڪ ميل ڪرڻ چاهي ٿو: عيسيٰ ٻهر

پنهنجي ذاتي زمين وڪرو ڪرڻ تي جلال ٻهر بليڪ ميلنگ شروع ڪئي آهي

برادري به مذڪوره بليڪ ميلر شخص جلال ٻهر کي ڪوڙو قرار ڏيئي ڇڏيو آهي

ٺٽو (ڊ ر) جهرڪ جي رهواسي ڳوٺاڻن محمد عيسيٰ ٻهر محمد الياس ٻهر عبدالرزاق ٻهر نظير احمد ٻهر ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سندن برادري جو هڪ شخص جلال

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ عورتن جو ڪلهوڙا برادري ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

ڪلهوڙا برادري جي هٿياربندن نوجوان نادر گهمرو کي اغوا ڪيو آهي: مظاهرين

شڪايتون ڏيڻ باوجود پوليس خاموش آهي، اغوا ٿيل نوجوان کي باحفاظت بازياب ڪرايو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) ڳوٺ سومر ٻاگڙي سان تعلق رکندڙ گهمرو برادري جي عورتن مسمات مختياران ۽ ٻين سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته ڪلهوڙا برادري جي هٿياربند ماڻهن نوجوان

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

مٽياري ۾ ايس ٽي پي جو ڊاڪٽر سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

مظاهرين سٽي پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي

ڊاڪٽر سعيد ميمڻ 17 ڏينهن کان بلوچستان مان اغوا ٿيو آهي اڃا بازياب ناهي ٿي سگهيو:مظاهرين

مٽياري (ڊ ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ جي ڀاءُ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر سعيد ميمڻ جي بلوچستان مان اغوا خلاف جاري احتجاجي تحريڪ جي سلسلي ۾ سٽي پريس ڪلب مٽياري اڳيان ايس ٽي پي جي مرڪزي اڳواڻ قادر چنا ، جام شوڪت ابڙو ، محمد

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

مٽياري: ايس ٽي پي پاران سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

لڪي غلام شاهه لڳ ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان فوت

قومي شاهراهه روڊ تي جاڙا واهه وٽ حادثي ۾ سعيد احمد شاهه سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي مقامي اسپتال ۾ آندو ويو جتان نازڪ حالت ۾ ڪراچي نيو پئي ويو ته فوت ٿي ويو

لڪي غلام شاهه(رپورٽ عبدالرزاق مهر) لڪي غلام شاهه لڳ جاڙا واهه پرسان سکر شڪارپور قومي شاهراهه روڊ تي تيز رفتار نامعلوم ڪار جو موٽرسائيڪل سوار 45 ورهين جو موٽرسائيڪلن جو مشهور مستري

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ بدامني ۽ منشيات خلاف شهرين جي احتجاجي ريلي

سول سوسائٽي جي سڏ تي سوين شهرين جي ڪراچي روڊ کان احمد راڄڙ روڊ پيادل مارچ

قانون لاڳو ڪندڙ ادارا منشيات فروشن، چورن ۽ ڌوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪن:مظاهرين

گولاڙچي (ت ر) گولاڙچي ۾ وڌندڙ بدامني، منشيات فروشي ۽ ٻين سماجي برائين خلاف سول سوسائٽي جي سڏ تي سوين هزارين شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي ڪراچي روڊ کان احمد راڄڙ روڊ تائين پرامن احتجاجي ريلي ۽ مظاهرو ڪيو مظاهري ۾ شهرين سماجي ڪارڪنن واپارين نوجوانن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

احتجاج
گولاڙچي شهر مان منشيات کي روڪڻ ۽ بد امني خلاف احتجاج
پاران : سول سوسائٽي گولاڙچي

گولاڙچي: شهر ۾ منشيات جي آزار خلاف سول سوسائٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو غلام علي پوليس ڪارروائي، پينو فقيرياڻيءَ کي قتل ڪندڙ جوابدار گرفتار

جوابدار سڪندر ماڇي 55 ورهين جي مريم ماڇي کي گهٽو ڏئي قتل ڪري فرار ٿي ويو هو

پوليس لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، قتل ۾ ملوث جوابدار پڻ گرفتار

بدين (ڊ ر) ٽنڊو غلام علي ٿاڻي جي حد ۾ 55 ورهين جي پينو فقيرياڻيءَ کي جوابدار سڪندر ماڇيءَ گهٽو ڏيئي قتل ڪري موقعي تان فرار ٿي ويو ٽنڊو غلام علي پوليس گشت دوران اهڙي واقعي بعد قتل ٿيل عورت جو لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪري سرڪاري مدعيت ۾ جوابدار سڪندر ماڇيءَ خلاف قتل ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي جاچ دوران معلوم ٿيو آهي ته قاتل جوابدار ۽ مقتولا ٻئي پينو فقير هيا ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

بدين: قتل ٿيل پيرسن فقيرياڻي ۽ الزام ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

سي آءِ اي مٽياري پوليس جي ڪارروائي، چوري ٿيل ڪار هٿ، ٻه جوابدار گرفتار

